
لنڊن تائين لفٽ
الطاف شيخ
روشني

# لنڊن تائين لفٽ

(دنيا جي چونڊ ڪهاڻين جو ترجمو)

(سفرنامو)

الطاف شيخ

روشني پبليڪيشن
1999

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | لنڊن ٽائين لفٽ |
| ليکڪ: | الطاف شيخ |
| نئون وڌايل ڇاپو: | © روشني 1999 |
| ڪمپوزنگ: | حبيب قادر قريشي<br>روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد. |
| ڇپيندڙ: | فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد. |
| ڇپرائيندڙ: | روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو. سنڌ. |
| ٽائيٽل ڊزائين: | خدا بخش ابڙو |

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** پاران پرڏيهي ادب مان چونڊ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو مجموعو **”لنڊن تائين لفٽ“** اوهان اڳيان پيش آهي. ڪتاب بابت شمشيرالحيدري لکي ٿو:

”ساموندي سفرنامن ۽ ساموندي ڪهاڻين کان هٽي، ”لنڊن تائين لفٽ“ الطاف شيخ جي خالص ادبي ڪوشش آهي. هو انهيءَ ميدان ۾ بہ ڪامياب آهي ۽ سندس وڏي ڪاميابي پنهنجي نالي جي اها ساک آهي، جيڪا پڙهندڙن وٽ مقبول ليکڪن لاءِ سند هوندي آهي. اسان جا اڄوڪا گهڻا ڪهاڻيڪار جيڪي اڄا بہ او_ هينري ۽ موپاسان جي اسٽائل کي ماڊل بڻائي لکي رهيا آهن، تن لاءِ الطاف جي چونڊيل، دنيا جي مختلف ٻولين جي جديد ڪهاڻين جا ترجما سنو مثال ثابت ٿيندا.“

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1980ع ۾ نيو فيلڊس پبليڪيشن پاران ڇڏهن تہ نئون ڇاپو (سڌاريل ۽ وڌايل) 1999ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون الطاف شيخ صاحب جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## فهرست


- انتساب 06
- سونهن ۾ سڳنڌ جو ڀنڊار 19

1. لنڊن تائين لفٽ 21
2. ايمسٽرڊم جي ٽرئفڪ 26
3. نيويارڪ ڇڏي ويسٽ پام پهچڻ 29
4. ملڪورا بيٽ تي ٽيل حادثو 41
5. ڌاڪا پهچندي... 45
6. ذاتي گهر 50
7. فائدو 55
8. تائيوان جو سونهري گل 57
9. بدلو 62
10. ثبوت 69
11. چرچو 72
12. هوءَ لائونج بار ۾ گهڙي 74
13. ڪوڙ ۾ حقيقت 78
14. جنت جي حقيقت 81
15. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي... 94
16. محفوظ جاءِ 105
17. هرفن مولا 115

# انتساب

## اسان جي ڪاليج (ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو) جي پرنسپال
## ”ڪرنل ڪومبس“ نالي

ڪرنل ڪومبس عجيب مرد مجاهد هو! مون جهڙا ڪيترائي هن مان بيحد متاثر آهن. ان ڪري نه ته هو ڪو اچو پورو انگريز هو. انگريز ته ڪرنل ڪومبس جي ڏينهن ۾ ٻيا به ڪجهه هئا. پيٽارو بعد ٻين تعليمي ادارن ۽ آفيسن ۾ به ڪيترن ئي انگريزن ۽ يورپين سان گڏ ڪم ڪرڻو پيو پر ڪرنل ڪومبس جي ڳالهه ئي ٻي هئي. هڪڙا انگريز اهي هئا جن جو تواريخ ۾ پڙهيوسين ته هنن ڪيئن اسان جي وطن تي حملو ڪيو ۽ ان کي ڦريو لٽيو.... هڪ هي نيڪ انسان هو جنهن اسان کان وڌيڪ اسان جي ملڪ، صوبي ۽ پيٽارو ڳوٺ ۽ ان جي پسگردائيءَ سان پيار ڪيو.

هن وقت آئون ڪرنل ڪومبس کي پسند ڪرڻ جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ هن جي سٺين ڳالهين جو سوچي رهيو آهيان ته آخر هو اسان کي چو تي وڻي. ته ڪيتريون ئي ڳالهيون ڏيان ۾ اچن ٿيون.

ڪئڊٽ ڪاليج ۾ اسين ڳوٺن کان آيا هئاسين ۽ اجا اڙدو ئي جهڙي تهڙي سمجهه ۾ آئي ٿي ته مهيني کن بعد پرنسپال جي خالي پوسٽ تي ڪرنل ڪومبس آيو. گهڻو ڪري پرنسپال صاحبان پنهنجو پاڻ کي رڳو پنهجين آفيسن تائين محدود رکندا آهن يا نيم سرڪاري دورن ۾ مشغول هوندا آهن، پر ڪرنل ڪومبس ڪلاسن ۾ گهڙي ڪڏهن انگريزي ته ڪڏهن جاگرافي يا مئٿس پڙهائڻ شروع ڪري ڏيندو هو. سبجيڪٽ ٽيچر کي به اسان سان گڏ ويهاري ڇڏيندو هو. گهڻو گهڻو پوءِ جڏهن آئون هن وٽ ڇهه سال ۽ جهازران اداري مان پنج سال تعليم حاصل ڪري، جهاز ذريعي انگلنڊ پهتس ۽ هن جيلنڊن واري گهر ”پيٽارو هائوس“ (جنهن کان متاثر ٿي مون به ڪراچي واري پنهنجي گهر جو نالو پيٽارو هائوس رکيو) پهتس، ته هن ڳالهين ڪندي ٻڌايو ته هن جي ان عمل جو مطلب ڪو ڪلاس روم ۾ دخل اندازي ڪرڻ نه هو پر اسان مان لڄارو پن ۽ گهبراهٽ ڪيڻ هو جيئن اسان ۾ اعتماد پيدا ٿئي ۽ بردبار ٿيون ۽ ساڳي وقت ٽيچر (جنهن کي پڻ هن پنهنجي ٻارن وانگر ٿي سمجهيو) کي پڻ احساس ٿئي ته هن جو ڪنهن به وقت احتساب ٿي سگهي ٿو ۽ دل لڳائي پڙهائڻ سان سندس تعريف ۽ واهه واهه ٿيندي، ٻي صورت ۾ هو پنهنجي ڳِلا ڪيرائيندو. مٿي لکيو اٿم ته ڪرنل ڪومبس اسان سيني کي ٻارن وانگر سمجهندو هو پر اها ڳالهه ٻي آهي ته هن کي آخر تائين ڪو به اولاد نه ٿيو. پيٽارو ڇڏڻ بعد هن جي پهرين زال گذاري ويئي. ان بعد انگلنڊ ۾ هڪ ٻي پوڙهيءَ سان شادي ڪيائين.

ان مان بہ اولاد نہ ٿيس. پاڻ ان سان گڏ بہ ڪيترا دفعا، مرڻ گهڙيءَ تائين پاڪستان گهمڻ ايندو رهيو. جتي سندس اچڻ جو وڏو مقصد پنهنجن شاگردن کي ڏسڻ هو تہ هو هن جي چوڻ مطابق نہ فقط فوج ۾ ويا آهن، پر ا تي سٺا آفيسر ٿي ڪم ڪري رهيا آهن يا نہ.

بهرحال سچي ڳالهہ آهي تہ شروع وارن سالن ۾ سواءِ شوڪت جماڻي، رفيع ڪاڇيلي ۽ ڪي. جي . اين انصاريءَ جي اسان شاگرد ڪرنل ڪومبس کان ڇپندا رهندا هئاسين تہ متان سامهون نہ ملي وڃي ۽ انگريزي ڳالهائڻي پوي. پر ڪرنل ڪومبس بہ اسان کي ڇڏڻ وارو نہ هوندو هو. جيڪو گهڻو شرمائيندو ۽ لهرائيندو هو ان سان ئي گهڻو ڳالهائيندو هو- نہ فقط ڪلاس روم ۾ پر شام جو راندين جي ميدان تي. مانيءَ جي ٽائيم تي ميس ۾، پڪنڪ تي وٺي هلڻ مهل نہ فقط هو پاڻ پر پوءِ ٻين ٽيچرن تي بہ زور پريائين تہ اهي بہ اسان سان گهڻي کان گهڻي انگريزي ڳالهائين ۽ تعليم کي رڳو ڪلاس روم تائين محدود نہ رکن پر ڪلاس روم کان ٻاهر اسان کي اخبارون، رسالا پڙهڻ لاءِ چون ۽ عام معلومات جا مقابلا رکي اسان کي مشغول رکن. انگريزيءَ جا اچار سڌارڻ لاءِ هن پاڻ جهڙا اهڙا انگريز انگلنڊ مان ٻولي گهرايا جن بنا پگهار جي اسان کي پڙهايو ٿي. انهن ۾ هڪ برٽش آرمي جو رٽائرڊ ڪئپٽن هارلي هوندو هو جيڪو لياقت جتوئي، محسن پنهور، رشيد ابڙي ۽ نصير قاضي جن جي ڪلاس جو ٽيچر پڻ هو ۽ سڄو ڏينهن انگريزي سيکارڻ پويان هو. ان کان علاوه بہ نوجوان ٽيچر ڪنهن اداري طرفان انگلنڊ مان آيا هئا جن جو پڻ ساڳيو ڪم هو. ان بعد ڪرنل ڪومبس کي بہ پاڪستاني همراهہ بہ دل وٽان ملي ويا. جن اهو ئي ڪيو ٿي جيڪو ڪرنل ڪومبس چاهيو ٿي. يعني اسڪول جي سبجيڪٽن سان گڏ اسان کي انگريزي ۽ عام معلومات ۾ پڙ ڪرڻ، پي ٽي پريڊ ۽ ڊسپلين ۾ چٽيوان بنائڻ، فوج ۾ وڃڻ لاءِ ان طرف لاڙو پيدا ڪرڻ، وغيره. اهي هئا: هڪ نيول آفيسر ليفٽيننٽ ڪمانڊر اسرار الله جيڪو پوءِ پرنسپال بہ ٿيو هو ۽ ڪمانڊر ٿي رٽائرڊ ٿيو ۽ ٻيو آرمي جو نوجوان آفيسر ڪئپٽن عالم جان محسود، جيڪو هينئر بہ ٽي سال کن اڳ ليفٽيننٽ جنرل ٿي رٽائرڊ ٿيو آهي. مون کي ياد آهي تہ وئڪيشن جي ڏينهن ۾ ڳوٺ وڃڻ بدران ڪرنل ڪومبس جي چوڻ تي اسرار الله صاحب اسان شاگردن کي گهٽ ۾ گهٽ 15 ڏينهن منهوڙي جي نيول اڪيڊمي ۾ اچي رهائيندو هو ۽ نيوي جا ادارا ۽ جهاز گهمائيندو هو. جيئن اسان کي نيويءَ ۾ اچڻ جو شوق ٿئي. هڪ دفعو تہ "سي اسڪائوٽن" جي جمبوري ڏيکارڻ لاءِ سڄي انڊيا ۽ ايسٽ پاڪستان ريل رستي گهمايائين. ساڳيو حال عالم جان محسود صاحب جو هو. هڪ دفعي (جڏهن اسان مئٽرڪ ۾ هئاسين) تہ عالم جان صاحب سڄو سال اسان کي پنهنجو پاڻ ۾ انگريزي ڳالهائڻ جو پابند ڪري ڇڏيو. هاسٽل جي ڪمرن ۾ تہ لڪي لڪي سنڌي يا اڙدو ڳالهائيندا هئاسين، پر پريڊ گرائونڊ يا ڪلاس روم ۾ ان قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي اٺ آنا ڏنڊ هوندو هو.

ڪرنل ڪومبس جڏهن ڪئڊٽ ڪاليج ۾ آيو تڏهن فقط بہ ڪلاس هئا ۽ ٻنهي ڪلاسن جا جملي ڪئڊٽ ستر کن مس هئاسين. ڪيس اسان سيني جا نالا آيا ٿي. اها اسان لاءِ وڏي مصيبت

هوندي هئي. هڪ دفعي جمعي جي نماز بعد مسجد جي ٻاهران رضا شيخ (ڊينٽل سرجن)، شبير لغاري (ٽيليفون کاتي واري) ۽ مون ڏينهن جي ڪڪر کي پٽر پئي هنيا. ڪرنل ڪومبس خبر ناهي ڪٿان اسان کي ڏسي ورتو ۽ اسان جي هائوس ماستر کي فون ڪري اسان کي تنبيهه ڪرڻ لاءِ چيو. هائوس ماستر اسان کي گهرائي دڙڪا ڏنا، اسان گهٽو ئي ڪوڙ ڳالهايو ته ڪرنل ڪومبس صاحب ڪنهن ٻئي کي ڏٺو هوندو پر هائوس ماستر عبدالله خادم حسين صاحب (هاڻ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ جوائنٽ سيڪريٽري) چيو ته نه سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ٻي ڪنهن کان غلطي ٿي سگهي ٿي پر ڪرنل ڪومبس کان هرگز نه.

اڳتي هلي هر سال ڪلاس وڌندا ويا ۽ هڪ وقت اهڙو اچي ويو جڏهن ستين کان ٻارهين تائين ڪلاس ٿي ويا ۽ شاگردن جو هڪ ئي وقت تعداد ڇهه سئو کان به مٿي ٿي ويو ته به ڪرنل ڪومبس کي سيني جا نالا آيا ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪن ڪن نالن جا اچار غلط وٺندو هو جيئن الطاف بدران مون کي ”الٽاف“ چوندو هو پر واقف سيني کان رهيو ٿي.

ڪرنل ڪومبس کي هر وقت اسان شاگردن جو فڪر هوندو هو. بقول مرزا بشير چاند (هينئر واپڊا ۾ ايس. اي.) جي: ”ڪرنل ڪومبس کي نه آهن ٻار ۽ نه گهمڻ جو شوق. سڄو ڏينهن اسان جي پٺيان آهي. پڙهو پڙهو. وري پڙهون ٿا ته رانديون به ڪيڏو. پي . ٽي پريڊ به ڪريو. لئبرري ۾ به وڃو. اخبارون به پڙهو. ڪُئيز ۽ جنرل نالیج جي مقابلن ۾ به حصو وٺو. تقريرون ۽ بحث مباحثا به سڀ ڪريو. موڪلن ۾ به جان نٿو ڇڏي. انهن جو به اڌ سندس مرضي موجب گهمڻ وڃون ٿا. باقي اڌ موڪل لاءِ ايڏو هوم ورڪ ۽ ڪاليج مئگزين لاءِ مضمون لکڻ لاءِ ڏئي ٿو ڇڏي جو پنهنجي مرضيءَ مطابق ته ڪجهه به نٿا ڪري سگهون.“

هونءَ اڪثر شاگرد پنهنجن ماسترن جون ڪوڙيون سچيون شڪايتون مائٽن سان ڪري رليف حاصل ڪندا آهن، پر اسان جي پرنسپال ڪرنل ڪومبس کان اسان جا مائٽ به ڊڄندا هئا جو هو انهن کي به دڙڪا ۽ سمجهاڻيون اهڙيءَ طرح ڏيندو هو جو هو مطمئن ٿي ويندا هئا. آئون مئٽرڪ ۾ هوس ته منهنجي پيءُ جي شادي ٿي رهي هئي. ڪرنل ڪومبس مون کي هڪ ڏينهن جي به موڪل نه ڏني. منهنجو پيءُ تن ڏينهن ۾ وليج ايڊ ڪاليج ٽنڊو ڄام جو پرنسپال هو. هو منهنجي موڪل لاءِ پاڻ پرنسپال وٽ هلي آيو پر ڪرنل ڪومبس صاف صاف بابا کي چيو ” ان ۾ ڇوڪري جي پڙهائيءَ ۾ رخنو ايندو ۽ توهان پاڻ پرنسپال ٿي ڪري اهڙي ڳالهه جي همٿ افزائي نه ڪريو.“

ڪرنل ڪومبس جتي سختي ڪندو هو (اڳتي هلي جڏهن مٿين ڪلاسن ۾ پهتاسين ته ڪاليج مان ڀڄڻ يا سگريٽ پيئڻ جهڙن ڏوهن لاءِ ڪيننگ به شروع ڪئي هئائين)، اتي ڀائيندو پڻ هو. ماني ٽڪي يا رهائش جو مسئلو هجي يا اڳهائي سگهائيءَ جو. سڀ کان وڌ مائٽ ڪرنل ڪومبس هوندو هئوسين. ڪيترا ڳوٺن کان آيل شاگرد ڪاليج جي ڪموڊ سسٽم ڪاڪوسن کان اڻ واقف هجڻ ڪري ڪموڊن جون مٿيون پلاسٽڪ جون سيٽون پٺي رکندا هئا. نيٺ هڪ ڏينهن

اسيمبليءَ ۾ ڪرنل ڪومبس اسان کي سمجهايو ته ڪموڊ تي ڪرسيءَ وانگر ٿي ويهو. پر ته به نتيجو ڪو خاطر خواهه نه نڪتو. هڪ ڏينهن اسيمبليءَ لاءِ جڏهن قطارن ۾ بيهڻ لڳاسين ته ڏسون ته پرنسپال جي بيهڻ واري هنڌ تي هڪ ڪموڊ رکيو آهي. اسان سمجهيو ته ڪنهن پرنسپال کي چيڙائڻ خاطر ڪاڪوس مان ڪموڊ ڪڍي اچي هتي رکيو آهي ۽ ڪرنل ڪومبس جيڪو هاڻ جاڻ ته پهتو اهو ڏسي پڪ ڪاوڙ ڪندو. ساڳي سوچ جو اظهار آيل ڪلاس ٽيچر به ڪري رهيا هئا ته مٿان ڪرنل ڪومبس اچي ڪڙڪيو. پر هن جي منهن تي ڪنهن به قسم جا جذبا نه هئا ـ نه ڪاوڙ جا نه تعجب جا. روز مطابق ڪئڊٽ خالد درانيءَ قرآن جي تلاوت اچي ڪئي، جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو هميشه وانگر ڪرنل ڪومبس ڪيو (باءِ دي وي ڪرنل ڪومبس کي عربي لکڻ پڙهڻ پڻ آئي ٿي، جيڪا هن چار سال ڪن سوڊان ۾ رهڻ دوران سکي هئي). ترجمي بعد ڪالج جا ڊيلي آرڊر ٻڌائي پوءِ ڪموڊ وٽ آيو ۽ ان تي ڪرسيءَ وانگر ويهي چيو: ”هن تي هيئنئن ويهندا ڪريو.“ ۽ پوءِ وري ان مٿان چڙهي وينو جيئن پير زمين تي رهڻ بدران ڪموڊ جي پلاسٽڪ واري سيٽ تي رهن ۽ چوڻ لڳو ”مهرباني ڪري هن تي ائين نه ويهو. ائين ويهڻ سان ڪموڊ جي هيءَ پلاسٽڪ جي سيٽ ڀڄي پوندي.“

ڪرنل ڪومبس لاءِ آفيس ٽائيم مقرر نه هوندا هئا. اسان ڪاليج ۾ گهڙندا هئاسين ته اسان کان اڳ هو آفيس ۾ هوندو هو ۽ موڪل مهل هن کي آفيس ۾ ئي ڇڏي ايندا هئاسين. آچر (موڪل) تي به هو آفيس ۾ ئي رڌل هوندو هو. هڪ دفعي اهڙي موڪل واري ڏينهن تي اسان ڪجهه ڪئڊٽ سندس آفيس جي پوِيان چانوَرَ ۾ (هيءَ ميرپورخاص وارن شروع جي ٻن سالن جي ڳالهه آهي ۽ اسين ائين ڪلاس ۾ هئاسين) ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هئاسين ۽ رکي رکي بال سندس آفيس جي ڀِت کي لڳي رهيو هو. هي ڪو آفيس ۾ وينو هو پر اسان کي خبر ئي نه پئي. ڪلاڪ کن رکي هي آفيس کي لاڪ ڪري اسان جي پٺيان آيو. اسان جيئن ئي کيس ڏٺو ته بئٽ بال ڇڏي وٺي ڀڳاسين. پٺيان بشير ميمڻ (ڏيپلي جي مُکي احمد علي ميمڻ وڪيل صاحب جو فرزند، هاڻ پي ڊبليو ڊي ۾ ايس. اي آهي) تنهن کي سڏ ڪيائين. اسان چيو شريف ماڻهو ڦاسي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ بشير ميمڻ کلندو آيو ته ڪرنل ڪومبس سيني کي سڏي پيو ۽ چوي ٿو ته ڊڄو نه. پلي کيڏو ۽ جيڪو وڏي شاٽ هڻندو (جنهن سان بال مٿي آفيس جي دريءَ جو شيشو ڀڃي رکي) ان کي انعام ڏيندس. اسان سڀ موٽي آياسين. سڀ خوش هئاسين ته شيشو ڀڃي يا نه پر اسان کي راند جي موڪل ملي وئي ۽ تعجب جي ڳالهه ته هڪ شاٽ بشير بلوچ (يا شايد سندس وڏي ڀاءُ شمس بلوچ) اهڙي هنئي جو شيشو ڀڃي پيو. ٻئي ڏينهن ڪرنل ڪومبس کيس ڪئڊبري چاڪليٽن جو وڏو دٻو ڏنو جيڪو انگلنڊ مان کيس ڪنهن موڪليو هو.

ڪرنل ڪومبس ڏسڻ ۾ ڳاڙهو ـ بلڪ گلابي سرخ، منهن پريل، آمريڪن فلمن جي شئرف وانگر وڏين مڇن وارو هو. چانهه تمام گهٽي پيئندو هو. ڪنهن پڇيس سر توهان روزانو ڪيترا ڪوپ چانهه پيئو ٿا؟ وراڻيائين :

"Don't ask me about cups, ask me about kettles"

پاڻ خوش مزاج طبيعت جو هو. هر وقت چرچا ڀوڳ ٻڌائيندو رهيو ٿي. جيتوڻيڪ سندس زندگي ننڍپڻ کان وٺي ڏکن جو داستان رهي هئي. هونءَ آفيس ۾ سنجيدو هوندو هو پر ميس ۾ ۽ راندين جي گرائونڊ تي هميشه سندس منهن تي مُرڪ هوندي هئي. ڪاليج جي ليڪچرارن کان وٺي ڪئڊٽن ۽ اسٽاف ميمبرن سان چرچا ڪندي نه گسائيندو هو ۽ اسان جو ائڊجيوٽنٽ ڪئپٽن عالم جان محسود ۽ ڪمانڊر اسرار الله جنهن کي .N. O (يعني نيول آفيسر) سڏيندا هئاسين. اهي ته ورنديءَ ۾ ساڻس به چرچا ڪندا هئا, جنهن مان هو لطف اندوز ٿيندو هو.

هڪ دفعي نيويءَ جو سي. اين. سي ائڊمرل اي. آر. خان پيٽارو آيو ۽ منجهند جي ماني اسان سان کاڌائين. اسان انهن ڏينهن ۾ انٽر (ٻارهين ڪلاس) ۾ هئاسين. مين ٽيبل تي پرنسپال, ائڊمرل اي. آر. خان ۽ مختلف هائوس (هاسٽلن) جا انچارج J. U. O (هڪ قسم جا مانيٽر) ويٺا. آءٌ لياقت هائوس جو "جي. يو. او" هوس ۽ مون کي چيف گيسٽ جي ڀر واري سيٽ ملي هئي. مانيءَ دوران ائڊمرل صاحب انگريزيءَ ۾ مون کي چيو ته هر ڪاليج ۾ چرچائي مڙس يا مسخرو هوندو آهي, توهان جي ڪاليج ۾ ڪو آهي؟ مون جواب ۾ "نه" (يعني NO) چيو.

تنهن تي ائڊمرل صاحب تعجب مان ڪرنل ڪومبس کي چيو "چا واقعي ڪير به نه آهي؟"

ڪرنل ڪومبس کلندي وراڻيو: "ڪئڊٽ الطاف توهان کي هڪ همراهه لاءِ ٻڌائي ته رهيو آهي."

"نه. هي ته جواب ۾ No پيو چوي." ائڊمرل صاحب چيو.

"اهو ئي ته ان همراهه جو نالو NO آهي," ڪرنل ڪومبس کلندي چيو "الطاف هن جو سڄو نالو ٻڌائيندي ڊڄي ٿو."

اهو ٻڌي آءٌ گهٻرائجي ويس ته ڪرنل ڪومبس الائي ڪنهن لاءِ پيو سمجهي.

ائڊمرل چيو: "ڪرنل صاحب مون نه سمجهيو."

"الطاف NO پيو چوي يعني نيول آفيسر. يعني توهان طرفان موڪليل ڪمانڊر اسرار الله. هاڻ اهو توهان جي ڪميونٽيءَ (نيويءَ) جو ماڻهو آهي, ان ڪري ان جو سڄو نالو وٺندي ڊڄي ٿو."

ائڊمرل سان گڏ سيني ٽهڪ ڏنا. واقعي ڪاليج ۾ سڀ کان گهڻو چرچائي مڙس اسان جو اين. او_ نيول آفيسر اسرارالله هو. ائڊمرل صاحب کي به اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ته سندن اداري جي موڪليل نمائندي کي هن ڪاليج ۾ سڀ ڪو پسند ڪري ٿو. ان ئي وقت ڪرنل ڪومبس ائڊمرل صاحب کي اسرار الله صاحب لاءِ به سال وڌيڪ ڪاليج ۾ رهڻ (Extention) لاءِ عرض ڪيو.

ڪرنل ڪومبس جون ٻيون سڀ ڳالهيون سٺيون پر اسان کي نه موڪل ڪرڻ ڏيندو هو ۽ نه پيرڊ گسائڻ ڏيندو هو. هڪ دفعي اسان کي خبر پئي ته ٻين اسڪولن ڪاليجن ۾ قائد اعظم جي وفات جي ڏينهن تي موڪل ٿئي ٿي پر اسان کي پيٽارو ۾ موڪل نٿي ڏني وڃي. انهن ڏينهن ۾ اسان فرسٽ ايئر ۾ هئاسين ۽ ڪرنل ڪومبس سان مڙيئي هاڻ بحث ڪرڻ جي همٿ پيدا ٿي چڪي هئي.

ڊيليگيشن جي صورت ۾ هن وٽ موڪل جو اعلان ڪرڻ لاءِ پهتاسين ته ”سائين هي ڇا آهي، اسان ههڙي پلاري ڏينهن تي به ڪم ڪريون ٿا.“ پاڻ سچي ڳالهه غور سان ٻڌي اسان کان سوال ڪيو: ”جي توهان ان ڏينهن تي به ڪلاس اٽينڊ ڪريو ٿا، پي ٽي پريڊ ڪريو ٿا ته ان ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟“

اسان ان سوال جو جواب ته پهرين سوچي نه ويا هئاسين. بهرحال اسان مان هڪ ڪئڊٽ شفيق الرحمان چنا پنهنجي سمجهه آهر جواب ڏنو ته ”سائين ان ڏينهن تي ڪم ڪنداسين ته اسان جي قوم جي ابي جناب قائد اعظم جي روح کي تڪليف پهچندي.“

”نه. هرگز نه.“ ڪرنل ڪومبس وراڻيو. ”هن جي روح کي يقين ڪريو ته تڪليف نه پر راحت رسندي ته هن جي قوم جا نوجوان موڪلون ڪري وقت وڃائڻ بدران محنت ڪري رهيا آهن. ڇا توهان جناح صاحب جي بايوگرافي نه پڙهي آهي ته هن هر وقت اها ئي تلقين ڪئي ته ڪم، ڪم ۽ ڪم ڪريو؟“

اسان ڇُپڙي ڪري ٻاهر هليا آياسين.

هڪ دفعي ته ساليانی پروگرام موجب هڪ موڪل واري ڏينهن تي ڪرنل ڪومبس اسان مٿين ڪلاس وارن (يعني فرسٽ ييئر ۽ انٽر ڪلاس وارن) کي موڪل ڪرڻ بدران امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ ڪلاس روم ۾ اچي پڙهڻ لاءِ گهرايو. اسان مان مانيٽر ٽائيپ ڪئڊٽن (J.U.Os) هن جي آفيس ۾ وڃي ڪيس عرض ڪيو ته سائين اهو ڏينهن موڪل ئي رهڻ ڏيو. بهرحال ڳالهه نه مڃيائين. موڪل نه ڪيائين. ڪيس مڃرائڻ لاءِ يا هڪ ٻئي کي قائل ڪرڻ واري بحث ۾ سندس هڪ جملو مون کي اڃا تائين ياد آهي. جڏهن اسان چيس ته: ”سائين توهان ئي ته ساليانو ٽائيم ٽيبل ٺاهيو آهي جنهن ۾ اهو ڏينهن موڪل جو رکيو آهي ۽ هاڻ توهان پروگرام ٿا بدلايو.“ ان تي وراڻيائين: ”پروگرام بدلائڻ ۾ ڇا آهي؟ منهنجو پروگرام ڪو قرآني آيتون ته نه آهن جو قير قار نه اٽڪجي.“ ۽ پوءِ چانهه جو وڏو ڍُڪ ڀري چيائين، ”جڏهن ملڪ جو آئين بدلجي سگهي ٿو ته منهنجو ٺهيل شيڊول ڪهڙي ڳالهه آهي. هاڻ هلو.“ ۽ اسان وري ڇپڙي ڪري موٽي آياسين.

ڪرنل ڪومبس جي هتي هڪ ٻي دلچسپ ڳالهه لکڻ ضروري سمجهان ٿو جيڪا اڄ جي شاگرد ۽ والدين لاءِ وڏي سوچ رکي ٿي. اسان جڏهن مئٽرڪ ۾ پهتاسين ته اونهاري جي موڪلن ۾ اسان کي ٻئي هوم ورڪ سان گڏ ڪرنل ڪومبس هڪ مضمون لکي اچڻ لاءِ چيو هو جنهن جو عنوان ڪجهه هن ريت هو ته اسان جو زندگيءَ ۾ ڇا Aim آهي - يعني اسان مستقبل ۾ ڇا ٿيڻ چاهيون ٿا.

ڇا ٿيڻ چاهيون ٿا؟ اڄ به آئون ڳوٺ جي ڇوڪرن کان پڇندو آهيان ته اهو ئي جواب ڏيندا آهن جيڪو اسان اڄ کان چاليهه سال اڳ ڏنو ٿي ته ”جيڪي قسمت ۾ هوندو.“ سو اسان به مضمون ۾ ڇا لکون. هڪ هوندءِ ئي هوم ورڪ ڪرڻ کان ٻرو چڙهيو ٿي، ٻيو ڪجهه عنوان اهڙو جنهن لاءِ اسان وٽ ٻار کي تيار نه ڪيو ويندو آهي ۽ ويتر مائٽن کان به پڇيوسين ته انهن به اهوئي چيو: ”بابا اها به ڪا ڳالهه! جيڪي قسمت ۾ هوندو اهو ٿيو. اهي ايندڙ وقت جون ڳالهيون هينئر کي سوچيون ڇا؟“

نتيجي ۾ مون جهڙن اڌ کان مٿي ڪلاس ميٽن ڪجهہ نہ لکيو ۽ پوءِ ڪاليج ڪلڻ تي ۽ ڪرنل ڪومبس جي پڇڻ تي بہ چار ڪلاس ميٽ اهو لکي آيا هئا تہ اسين انجنيئر ٿينداسين. فوجي ٿينداسين. پائليٽ ٿينداسين. باقي اسان ٻين نہ لکڻ جو اهو ئي سبب ڏنو تہ سائين اسان کي خبر ناهي، جيڪي اسان جي قسمت ۾ هوندو اهو ئي ٿينداسين.

ڪرنل ڪومبس اسان جا اهي جواب ٻڌي باهہ ٿي ويو ۽ اسان تي ڏينهن اس ۾ ايڪسٽرا ڊرل جي سزا ان ڏوهہ ۾ ڪائيندا رهياسين تہ ايڏا سست ۽ نڪما آهيون جو مستقبل قريب جي لاءِ بہ پلاننگ نٿا ڪري سگهون! انٽر ڪرڻ ۾ باقي وجي بہ سال بچيا آهن ۽ نہ اسان جي مائٽن ۽ نہ اسان پاڻ پنهنجي دماغ ۾ اهو وڌو آهي تہ اسان کي اڳتي ڇا ڪرڻو آهي، ڇا ٿيڻو آهي! جيڪي ڇوڪرا ان عنوان تي مضمون لکي آيا هئا ڪرنل ڪومبس انهن مان بہ فقط انهن کي معاف ڪيو جن تفصيلي مضمون لکيو. باقي جن مثال طور فقط ائين لکيو تہ "اسان کي ننڍي هوندي کان هوائي جهاز هلائڻ جو شوق آهي. اسان پائليٽ ٿينداسين. پائليٽ جو ڪڏهن گهٽو آهي يا پائليٽ دنيا گهمي ٿو وغيره وغيره." تہ انهن تي بہ ڪرنل ڪومبس سخت ڪاڙيو تہ رڳو توهان جي شوق ۾ لکڻ سان پائليٽ نہ ٿيندائو. پهرين تہ اهو لکو تہ جيڪي توهان ٿيڻ چاهيو ٿا ان جي ضرورت آهي. ملڪ جون اهڙيون حالتون آهن جو ايترا هوائي جهاز هوندا جن لاءِ پائليٽ ٿيڻ چاهيو ٿا يا ايترا انجنيئرنگ جاب هوندا جو توهان سڀ سول انجنيئر ٿيڻ چاهيو ٿا ۽ ٻي ڳالهہ تہ توهان پائليٽ، انجنيئر، فوجي يا جيڪي ڪجهہ ٿيڻ چاهيو ٿا، ان لاءِ توهان کي ڇا ڇا محنت ڪرڻي پوندي، پنهنجي صحت برقرار رکڻ ۽ مضبوط جسم ٺاهڻ لاءِ توهان ڇا ڇا ڪندائو اهو تہ لکيو نہ اٿانوَ؟"

سچي ڳالهہ اها آهي تہ اسان وٽ اڄ بہ اها جاهليت هلندي اچي تہ سڪيلڊي پٽ لاءِ مائٽ چوندا وتندا تہ هي پائليٽ ٿيندو يا فلاڻي شيءِ ٿيندو پر ان لاءِ ڪين ۽ سندن ٻار کي ننڍي هوندي کان ڪهڙي محنت ڪرڻ کپي يا ان جي ملڪ کي ضرورت بہ آهي يا نہ_ ان جو نہ سوچيندا. نتيجي ۾ اڄ هزارين نوجوان انجنيئري اهڙين برانچن ۾ ڪري ويٺا آهن جن جي ضرورت ناهي. هزارين ڊاڪٽري، ايم بي اي ڪري ويٺا آهن پر نوڪري آهي ڪونہ. هوائي جهازن جا سوين پائليٽ ٿيو ويٺا آهن پر جهاز لين ئي ڪونہ. نوڪري ڪونهي، روزگار ڪونهي. هاڻ ويٺا سوچين تہ هيڏا قرض ڪڻي ڊاڪٽري يا انجنيئري پڙهڻ بدران ويلڊنگ، واڍڪي يا ڪار مرمت جي مڪينڪي ڪجي ها تہ اڄ قرض بدران بچت هجي ها ۽ انڌو منڊو دڪان هجي ها تہ ڪنهن ٻئي مائٽ مٽ کي بہ روزگار ۾ لڳائي سگهجي ها.

ڪرنل ڪومبس ڇهہ سال ڪن ڪئڊٽ ڪاليج ۾ رهيو يعني مون وارو سمورو وقت. اسان ڪڏهن بہ هن کي ڪنهن جي طرفداري ڪندي نہ ڏٺو. چاهي ڪو وڏي آفيسر جو پٽ هجي، چاهي ڪنهن هاري، ڊرائيور جو. هن جي نظرن ۾ سٺو ڪئڊٽ (شاگرد) اهو هوندو هو جيڪو محنت ڪري. جيڪڏهن ڪو پڙهائي يا راندين روندين ۾ ڪمزور هوندو هو تہ ان کي ڌڪارڻ بدران ان جي

ڪمزوريءَ جا سبب ڳولي ان کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پڙهائيءَ ۾ ڪمزور شاگردن لاءِ انهن جي ڪلاس ٽيچرن کي ڪين ٽيوشن پڙهائي پڙ ڪرڻ لاءِ چوندو هو. جسماني طرح ڪمزور کي ميس طرفان روزانو اڌ سير وڌيڪ ميوي يا کير لاءِ به چوندو هو. ميس يا مائٽن طرفان فنڊ نه هوندا هئا ته خبر ناهي کهڙن قومي ۽ بين الاقوامي ادارن کان اسڪالرون وٺرائي ڏيندو هو. هاليڊ جي هڪ ڪمپني کي کير لاءِ چيائين ته شاگردن کي مهيا ڪري. انهن ڏينهن ۾ “پائوڊر مِلڪ” پيئڻ جو نه ڪلچر هو نه عادت. يارهين ٻجي واري رسيس ۾ اسان کي اهو کير پيئڻ لاءِ ڏنو ويندو هو پر تمام ٿورا پيئندا هئا. ڪرنل ڪومبس اسان کي سمجهايو ته اهو کير هاليڊ جي هڪ تمام مشهور ڊچ ڪمپنيءَ جو ٿهيل آهي ۽ پيئڻ ۾ اسان جو فائدو آهي. ان سان گڏ ميس وارن کي چيائين ته ان کير ۾ روح افزا وجهي ملڪ روز ناهي ڏين. جيئن هي ڇوڪرا ضرور پيئن.

منهنجي لکڻ جو مطلب فقط اهو آهي ته اڄڪلهه مائٽ به اولاد جو ايڏو خيال نٿو رکي، جيترو هي هڪ ڌاريو ٿي ڪري شاگردن لاءِ ڪندو هو. ساڳي وقت ڊسيپلين رکڻ ۾ پڻ سخت هو. معمولي غلطي تي به هڪدم والدين کي گهرائي تنبيهه ڪندو هو ته پنهنجي ٻار کي سمجهايو نه ته آئون ڪاليج مان ڪڍي ڇڏيندوسانس ۽ پوءِ هڪ دفعو ڪاليج مان ڪڍڻ بعد دنيا ٻلي اٿلي پوي پنهنجا آرڊر واپس نه وٺندو هو. ها! فقط هڪ دفعو واپس ورتا هئائين_ سو به وڏي مشڪل سان. ڪاليج جي آخري سال ۾ هڪ ڏينهن راندين تان موٽندي ڳالهين ڪندي سيني کي اچي خيال ٿيو ته ٿوڙ ڪرائجي. سيني هائوڪار ڪئي ۽ بنا ڪنهن ٻهرين جي رٿيل پروگرام يا شرارت جي، ائين ئي اسان اهو ارادو ڪيو ۽ حجام کي ٿوڙهه ڪرڻ لاءِ چيوسين. اسان ڪل ارڙهن ڄڻا هئاسين. حجام هڪ ٻئي پيان ٿوڙهه ڪندو ويو. تاج ٻگٽي، شوڪت جماڻي، اظهر عباسي (قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جو فرزند) ميرپور خاص جو مرحوم عبدالرحمان ميمڻ، غلام حسين چانڊيو خالد محمود، غلام محي الدين ۽ نياز وغيره.

يارهن کن ڄڻن جي ٿوڙهه ٿي بس ٿي ته اتي حجام وٽ پرنسپال طرفان ماڻهو آيو ته ڪئڊٽن کي ٿوڙهو نه ڪر ۽ جن ٿوڙهه ڪرائي آهي انهن کي پرنسپال ڏي موڪل. مون سميت باقي چار پنج ڄڻا ٿوڙهه ڪرائڻ کان رهجي وياسين. جنهن جو ان وقت اسان کي افسوس ٿيو پر پوءِ ٿوري دير بعد خبر پيئي ته جن يارهن ڄڻن ٿوڙهه ڪرائي، انهن کي پرنسپال ٽپڙ ٻڌڻ ۽ ڪاليج هڪدم ڇڏڻ لاءِ چيو آهي. اسان سڀ واڻڙا ٿي وياسين. در اصل اسان جي دل ۾ ڪجهه به نه هو پر اسان جو انگريز پرنسپال ان قسم جي ڳالهه کي هڪ احتجاج يا داداگيري سمجهي ڪاوڙجي پيو. جن ٿوڙهه ڪرائي انهن کي شام جو ئي پنهنجنڳوٺن ڏي روانو ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن صبح ساڻ ويجهن شهرن وارن ڪئڊٽن جا والدين پهچي ويا پر ڪرنل ڪومبس هڪ جي به ڳالهه نه ٻڌي. ٻاڻ قاضي عابد صاحب جو ڏاڍو خيال ڪندو هو. جو قاضي عابد ٺوڙي سندس ڀاءُ قاضي اڪبر صاحب (جنهن جو فرزند بشير پڻ اسان جو ڪلاس ميٽ هو) ڪاليج جي تمام گهڻي مدد ڪندا هئا. پر ان معاملي ۾ ڪرنل ڪومبس قاضي

عابد صاحب جي بہ نہ ٻڌي. ان بعد ڪيترن ڇوڪرن جا مائٽ وري قاضي عابد صاحب وٽ پهتا تہ ڪجهہ ڪيو وڃي. قاضي عابد صاحب فيلڊ مارشل محمد ايوب خان کي سفارش لاءِ چيو جنهن جي فون بعد مس مس ڪرنل ڪومبس راضي ٿيو ۽ پوري هفتي بعد ڪاليج ڪان ڪڍيل نوڙهن ڪئڊٽن کي واپس گهرايو ويو.

انهن ڏينهن ۾ ڪاپي ڪلچر نہ هو. پڙهائي سخت هئي. ڪلاس ۾ تقريباً سيني جو سٺو سيڪڙو ايندو هو. تہ بہ ڪرنل ڪومبس چوندو هو : "آئون رڳو توهان جي پڙهائيءَ ۾ دلچسپي نٿو رکان. آءُ توهان کي هر ڳالهہ ۾ سٺو ۽ ڪامياب انسان ڏسڻ چاهيان ٿو. رانديون، پي ٽي پريڊ، ڳالهہ ٻولهہ، عام معلومات، اخلاق۔ هر ڳالهہ ۾ توهان سنا ۽ محنتي ماڻهو ٿيو."

ڪرنل ڪومبس ڪاليج ڇڏڻ بعد انگلينڊ مان لکيل هڪ خط ۾ پڻ ان ڳالهہ کي ورجايو آهي:

"I decided to produce a good cadet college and to produce youngmen who were more concerned with the 'Code of Honour' and being sympathetic human being than to obtain 1st Division. I was not concerned about academic results simply but about 'Real Men'."

ڪرنل ڪومبس کي هروقت اهو اونو هوندو هو تہ اسان ڪاليج ڇڏڻ بعد فوج ۾ وڃون. هڪ دفعي ميس ۾ ڳالهين ڪندي مون چيو: "سيني ڪاليجن ۾ بايولاجي بہ پڙهائي وڃي ٿي، اسان جي ڪاليج ۾ فقط مئٿس." پاڻ وراڻيائين:

"ڪئڊٽ ڪاليج جو مقصد ئي اهو آهي تہ هتي مئٿس ۽ ملٽري ٽريننگ (پي ٽي، پريڊ، شوٽنگ وغيره) رکي وڃي، جيئن هتان نڪرڻ بعد۔ خاص ڪري سنڌي شاگرد فوج ۾ وڃن جو پاڪستان جي فوج ۾ سنڌي تمام گهٽ آهن."

افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اڄ ڪاليج ۾ پري ميڊيڪل هجڻ ڪري اسان جا اڌ کان وڌيڪ ڪئڊٽ، خاص ڪري سنڌي، فوج ۾ وڃڻ بدران ڊاڪٽر پيا ٿين جيڪو هو ٻين ڪاليجن مان بہ پڙهي سگهن ٿا. نہ وري هينئر ڪئڊٽ ڪاليج ۾ فوج ۾ وڃڻ لاءِ هنن جي ايڏي همٿ افزائي ڪئي وڃي ٿي، جيتري ڪرنل ڪومبس يا ان جي ڏينهن جا ماڻهو: ڪمانڊر اسرار الله صاحب يا ڪئپٽن عالم جان محسود ڪندا هئا.

ڪرنل ڪومبس کي نہ فقط اسان شاگردن جو پر پيٽارو جي ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جو پڻ ڏاڍو خيال هوندو هو. هن ڳوٺاڻن لاءِ تعليم بالغان شروع ڪرائي. هنن جي بهبوديءَ لاءِ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا. ڪاليج ۾ مالهي، چوڪيدار يا ڪنهن ڪم واري جي ضرورت پوندي هئي تہ هو پهرين ترجيح ڳوٺ جي ماڻهن کي ڏيندو هو. ڳوٺ جي وڏيري توڙي غريب غربي کي گهرائي سندس مسئلن جو ويچار ۽ حل ڳوليندو هو. اسان کي تعجب لڳندو هو تہ هي انگريز ماڻهو موڪل وارن ڏينهن تي

ٻوٽ جي ماڻهن کي وٽيو ويٺو آهيءِ هر وقت هنن جو فڪر لڳو رهيس ٿو. پر پاڻ چوندو هو: "جتي رهو اتي جي مڪاني ماڻهن جي خوشحاليءَ جو بہ سوچيو. اسان هتي هيڏو ڪاليج هلايون ٿا ويندي ڇپر کي بہ نل ذريعي پاڻي ڏيون ٿا هي سڏ پنڌ تي رهندڙ ٻوناٽا واٽر ڪورس جو مٽيءَ هاڻو پاڻي پيئن، روشنيءَ لاءِ ڇونجها ڏيا ٻارين. معمولي نوڪريءَ لاءِ حيدرآباد، ڪراچي ۽ ڏورانهن شهرن ڏي وڃن— سٺي ڳالهہ تہ نہ آهي."

ڪرنل ڪومبس 1906ع ۾ انگلينڊ ۾ڄائو. سندس زندگي بقول منهنجي روم ميٽ ڪئڊٽ (هاڻ ڪموڊور) اشفاق بيگ جي "هڪ غريب جي مختصر ۽ ڏک جي تواريخ آهي." پاڻ اڃا پنجن سالن جو هو تہ سندس ماءُ گذاري ويئي. سندس پيءُ گرنسي (Gurnsey) ٻيٽ _ جيڪو انگلينڊ جي Channel Islands جو ٻيو نمبر وڏو ٻيٽ آهي، تي فشرمئن _ مڇيون ڦاسائي وڪڻندو هو. ڪرنل ڪومبس کي گرنسي جي ايلزبيٿ ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ اسڪالر ملي، جنهن لاءِ هو روزانو گهر کان چار ميل پنڌ ڪري ويندو هوءِ اهڙا چار ميل واپس پنڌ جا ڪندو هو. هو صبح جو ستين بجي گهر ڇڏيندو هوءِ سڄي ڏينهن جي پڙهائي، پريڊ، رانديون بعد گهر موٽندو هو تہ رات جا اٺ ٿي ويندا هئا. هڪ اهو بہ سبب هو جو پيٽارو ۾ جڏهن اسان صبح جو پي ٽيءَ تي سيءَ جون دانهون ڪندا هئاسين تہ پاڻ پنهنجو مثال ڏيندو هو تہ انگلنڊ ۾ ڪيڏي سيءَ ۾ پاڻ اهي سڀ ڪم ڪندو هو. "توهان خوش نصيب آهيو" اسان جي هر وقت همٿ افزائي ڪندي چوندو هو "تہ توهان کي ڪاليج اچڻ لاءِ پنڌ نٿو ڪرڻو پوي، رات جو سمهڻ کان اڳ ۽ صبح جو اٿڻ ساڻ پيٽ ڀري کائڻ لاءِ ملي ٿو. هي پي ٽي. پريڊ، رانديون، ڊسيپلين توهان کي سخت جان بڻائيندو. جنهن جو قدر توهان کي اڳتي هلي ٿيندو."

ڪرنل ڪومبس کي اسان (خاص ڪري اسين شروع جي سالن وارا) اهو ئي چوندا هئاسين تہ ڪاليج ۾ ايڏي پي ٽي، پريڊ ڇو ٿي ڪرائي وڃي. 1963ع ۾ ڪاليج ڇڏي انگلينڊ وڃڻ بعد 1971ع ۾ جڏهن هو پاڪستان آيو هو تہ اسان (پيٽارو جي پراڻن شاگردن) طرفان ڏنل ڊنر ۾ تقرير ڪندي چيو هئائين:

"And some of you ask: 'What a worth while about this kind of parade?" To this I reply, 'The precision of preparation with its meticulous attention to the detail of turn out, dress and bearing, inculcates the habit of mind and body which becomes automatic through out life, of paying attention to details. And the man who does this, is more likely to achieve success than the man who doesn't.

"That this is so, is illustrated by the kind of conversation one may over-hear in the streets of Karachi and Hyderabad. 'Who are those smart looking young men over there?"

"Oh! They are so and so's sons, Petaro boys! you know?"

“May that sort of remark always apply to you and may you leave this college proud to have been here and carry the stamp of Petaro with you throughout life. If you do, you will have done well.”

ڪرنل ڪومبس پنهنجن ڏينهن ۾ راندين ۾ به هوشيار هو ۽ پنهنجي ايلزبيٿ ڪاليج جي هاڪي، فٽ بال ۽ ائٿليٽڪ ٽيم جو ڪئپٽن هو. اسان لاءِ به رانديون ڪڏهن به معاف نه ٿيون. رمضان ۾ به رانديون ڪيڊٽيون پونديون هيون.سندس هر وقت سرڪار سان جهيڙو راندين جي گرائونڊن لاءِ هو. هڪ دفعي سيد غلام مصطفيٰ شاهه (1961ع ڌاري)، جڏهن هو شايد سنڌ حڪومت جو سيڪريٽري هو يا شايد ڊائريڪٽر ايجوڪيشن، ڪرنل ڪومبس کان پڇيو: “ڪرنل صاحب! توهان وٽ پنج گرائونڊ موجود آهن، آخر توهان ڪيترا ٿا چاهيو ته هجڻ کپن؟”

“فقط ٻارهن.” ڪرنل ڪومبس تحمل سان جواب ڏنو.

“ٻارنهن! ايترا ميدان!” شاهه صاحب تعجب مان پڇيو.

“ها. بلڪل. مون وٽ اڍائي سئو کان مٿي ڪئڊٽ آهن. هڪ هڪ گرائونڊ ۾ ويهه ڄڻا کيڏن ته به سيني لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن گرائونڊ ته هجن. آئون ڪڏهن به اهو نه چاهيندس ته ڪجهه چوند شاگرد کيڏن ٻيا راندين کان محروم رهن. مون کي ڪلاس روم ڀلي گهٽ ڏيو پر ٻارن جي کيڏڻ لاءِ ميدان پورا ڪري ڏيو.”

ڪرنل ڪومبس 1918ع کان 1924ع تائين ڪاليج ۾ پڙهيو. ان بعد آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين. آڪسفورڊ يونيورسٽي جي پنجين سال (1928ع) ۾ امتحانن کان ڪجهه ڏينهن اڳ ڪيس ڊبل نمونيا ٿي پئي. امتحان رهجي ويس. پئسي جي تنگي هيس. مجبور ٿي تعليم ڇڏي نوڪري اختيار ڪيائين. ڪيس سوڊان ۾ ڪپهه جي پوک جي انسپيڪٽري ملي وئي. سوڊان ۾ ڪرنل ڪومبس چار سال رهيو. هن اتي جي سول سورس ۾ نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي ان لاءِ هن اتي جي زبان عربي به چڱي طرح سکي. پر پوءِ چوند ۾ هو ڪري پيو. “هنن کي آڪسفورڊ يا ڪئمبرج يونيورسٽي جا نوجوان کپا ٿي”. ڪرنل ڪومبس ٻڌايو. ان بعد 1932ع ۾ هو واپس برطانيا آيو ۽ نوي پائونڊ ساليانې پگهار تي هڪ پرائمري اسڪول جو ماسٽر ٿي ڪم ڪرڻ بهتر سمجهيو.”جيتوڻيڪ سوڊان ۾ منهنجو ساليانو پگهار هڪ هزار پائونڊ هو. ان کان علاوه رهڻ لاءِ گهر ۽ سواريءَ لاءِ گهوڙو ۽ اٺ مليل هو. انهن ڏينهن ۾ ڪارون نه هيون.” ڪرنل ڪومبس ٻڌايو.

1955ع ۾ ڪرنل ڪومبس آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان A.B ڪرڻ بعد شادي ڪئي. ان بعد هڪ پبلڪ اسڪول ۾ جاگرافي ۽ فرينچ جو ماستر ٿي رهيو. 1939ع ۾ M.A ڪيائين. ڪرنل ڪومبس آڪسفورڊ وارا ڏينهن ڏاڍا ياد ڪندو هو. “آڪسفورڊ ۾ مون کي دنيا جي ڪيترن ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو. منهنجي خيال ۾ فقط اسڪولي ڪتاب پڙهي نمبر کڻڻ ڪامياب زندگيءَ لاءِ ڪافي ناهي. پنهنجي نوڪري جي پوئواريءَ سان گڏ ماڻهن سان ملڻ، انهن جا تجربا ۽ خيال ٻڌڻ جهڙيون شيون به ضروري آهن.”

M. A ڪرڻ بعد ڪرنل ڪومبس آرمي (بري فوج) ۾ ڪئپٽن جي حيثيت سان ڀرتي ٿيو. بعد ۾ کيس رائل ايئرفورس ۾ ٽرانسفر ڪيو ويو. ٻي جنگِ عظيم شروع ٿي چڪي هئي. فرانس رواني ٿيندڙ شروعاتي فوج جي جٿي ۾ پاڻ به هو. ڊنڪرڪ ۾ سنڌن ريجمينٽ شڪست کاڌي ۽ پاڻ قيدي ٿي پيو پر اتان ڀڄي نڪرڻ ۾ کيس ڪاميابي ملي. موٽي انگلينڊ آيو. 1941ع جي آخري مهينن ۾ کيس فيلڊ ريجمينٽ جي 330 آرٽلري ريجيمينٽ جو ڪمانڊر ٿاهي ملايا (هاڻوڪي ملائيشيا) موڪليو ويو. هنن جپاني فوج جو ٿائي بارڊر جي شهر جٽرا وٽ مقابلو ڪيو. ان بعد کيس سنگاپور موڪليو ويو جيڪو 15 فيبروري 1942ع تي جپانين جي قبضي ۾ اچي ويو. اسان جو پرنسپال جپانين وٽ آگسٽ 1945ع تائين P.O.W (جنگي قيدي) ٿي رهيو.

جپانين جي قيد ۾ هن Banpong Express نالي ڪتاب لکيو جنهن ۾ جپانين جي ظلم هيٺ گذاريل زندگيءَ جو احوال آهي، جنهن ۾ هنن جو هڪ هڪ ڏينهن موت جي پاڇي ۾ گذريو ٿي. سون ۾ جيڪي ٿورا جيئرا سلامت بچي سگهيا، انهن مان هڪ پاڻ به آهي. جپانين جي قيد مان آزاد ٿيڻ بعد پاڻ هڪ آزاد ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ٻه سال رهيو ۽ کيس ڪئپٽن مان ليفٽيننٽ ڪرنل بڻايو ويو. 1947ع ۾ هو واپس انگلينڊ آيو ۽ 1951ع ۾ ڪرنل ٿيو ۽ آرمي جي ائنٽي ايئرڪرافٽ ڪمانڊ اسڪول ۾ چيف ايڊيوڪيشن آفيسر مقرر ٿيو. ان بعد 1954ع ۾ کيس ڏور اوڀر جو ايڊيوڪيشن آفيسر بڻائي سنگاپور موڪليو ويو. سنڌس ڪم جو علائقو ڪوريا، هانگ ڪانگ کان بورنيو انڊيا ۽ نيپال تائين هوندو هو. هن ملايا مان انگريزي اخبار ڪڍي جيڪا ملئي، گورکالي ۽ ڪورين زبانن ۾ به ڪڍي وئي ٿي. پاڻ انگريز، گورکن ۽ ملئي ٻارن لاءِ اسڪول پڙ کوليائين ۽ تعليم، تربيت، بولين ۽ براڊڪاسٽنگ جي دنيا ۾ تمام وڏي خدمت ڪيائين، جنهن لاءِ کيس انگلينڊ ۾ C.B.E ايوارڊ ڏنو ويو.

1957ع ۾ آرميءَ مان رٽائرڊ ٿيڻ بعد ڪرنل ڪومبس انگلينڊ پهتو. هن Timesرسالي ۾ پاڪستان حڪومت طرفان ڪئڊٽ ڪاليج جي پرنسپال لاءِ ڏنل اشتهار پڙهيو جيڪو انهن ڏينهن جي تعليم کاتي جي ڊئريڪٽر: سائين الهه بخش نظاماڻي طرفان ڏنو ويو هو. (ڪاليج جي شروع وارن ٻن سالن جي داخلا لاءِ اسان اميدوار شاگردن جا هن صاحب انٽرويو به ورتا هئا.) ڪرنل ڪومبس کي اهڙي فوجي نموني جي ڪاليج ۾ پڙهائڻ جو شوق هو ۽ Apply ڪرڻ تي چونڊجي ويو. ان وقت ڪئڊٽ ڪاليج جي عمارت پيٽارو ۾ اڃا نه ٺهي هئي ۽ عارضي طور ميرپور خاص جي هڪ ڪاليج ۾ پڙهائي شروع ڪئي وئي، جتي ڪرنل ڪومبس آيو. ان کان اڳ وزير شورو، شوڪت جماڻي، نور احمد نظاماڻي، زين العابدين، عالم هاليپوٽو نجم انصاري ۽ مون جهڙا ڪيترائي درويش ٻيڙاپور، خيرپور، ٽنڊو قيصر، سيوهڻ، ٽنڊو الهيار، هالا جا اسڪول ڇڏي اچي هتي نڪتا هئاسين. اسان به انٽر ڪري ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏيو ته ڪرنل ڪومبس به پيٽارو کي خدا حافظ چئي پنهنجي وطن انگلنڊ روانو ٿيو. ان وقت سنڌس عمر 64 سال هئي. ويندي ويندي مون پڇي ورتو هئومانس ته انگلنڊ ڇا وڃي

ڪندائو؟ ڪلي وراڻيائين : "ڏاڍو ٿڪل ٿڪل محسوس پيو ڪريان. اڳتي هلي چا ڪندس، اها خبر نہ اٿم پر في الحال اهو پيو سوچيان تہ سمنڊ ڪناري تي آرام ڪندس ۽ اٿاهہ سمنڊ جي سونهن پسندو رهندس."

ڪرنل ڪومبس سان گڏ اسان جو تمام وڏو عرصو گذريو شايد ان ڪري هن سان اسان جي گهڻي Attachment آهي ۽ اڄ بہ ياد ڪريونس ٿا_ سندس شخصيت ۾ سندس ڳالهين ڪي. پاڻ هر هر اهو چوندو هو تہ اسڪولي ڪتابن سان گڏ اخبارون، رسالا ۽ ٻيا ڪتاب بہ پڙهندا ڪريو. ماڻهن سان ملي انهن جا خيال بہ معلوم ڪندا ڪريو، ان سان گڏ پاڻ ڪي جسماني طرح درست رکڻ لاءِ رانديون بہ کيڏو. ڪيس اڙدو يا سنڌي نہ ايندي هئي تہ بہ شاهہ لطيف ۽ ڊاڪٽر اقبال جا ترجمو ٿيل شعر پڙهندو رهندو هو. سندس بابت هي احوال ختم ڪرڻ کان اڳ تعليم بابت سندس لکيل مضمون مان ڪجهہ سٽون هتي Quote ڪيان ٿو:

"To my mind, a Mathematician who lives in a world of symbols and is unable to enjoy -for instance, Shah Abudl Latif's (سر سارنگ) or who can not discuss such things as a village- Aid Scheme or What Eisenhower said to Macmillan in the white house -is a menace to his country and almost as illiterate as a peasant who has never been to school."

ڪرنل ڪومبس آخر ۾ سر سارنگ مان ڪيترائي شعر سنڌيءَ ۾ بہ ياد ڪيا. هن مايوسي ۽ نا اميديءَ کي حرام سمجهيو ٿي. مسلسل جدوجهد ۽ خاطرخواهہ نتيجن ۾ هن جو پڪو ۽ پختو يقين هو. هو پيٽارو جي مسئلن کي ملير جي ماروئڙن جي مسئلن سان ڀيٽ ڏيندي پنهنجي تقرير جي شروعات اڪثر هن بيت سان ڪندو هو:

آگميو آهي، لڳهہ پس لطيف چئي،
وسي پيو وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي.
وهو مہ لاهي، آسرو الله مان.

مٿيون بيت ڪرنل ڪومبس کي سنڌي لهجي ۾ ادا ڪرڻ لاءِ ڪافي مشق ڪرڻي پوندي هئي، پر آخرڪار تقرير ۾ هو چڱي نموني ۾ اهو بيت چئي ويندو هو.

اسان جو ڪرنل ڪومبس ٻاهتر ورهين جي ڄمار ۾ 1978ع ۾ انگلينڊ ۾ گذاري ويو.

**الطاف شيخ**
**ڪراچي**
**25 ڊسمبر 1998ع**

# سونهن ۽ سڳنڌ جو پنڌار

الطاف شيخ جو هي ڪتاب سندس انهن ڪتابن مان آهي، جيڪي سفرناما نہ آهن. اهو دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل مجموعو آهي.

الطاف شيخ اٽڪل پندرهن سالن کان پنهنجا سفرناما لکي رهيو آهي ۽ مون کي خبر ناهي تہ هيستائين جملي ڪيترا ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي. مون ڪي پڙهيا آهن، ڪي سونگهيا آهن ۽ ڪن جي خبر ئي ڪانهيم.

جيڪي پڙهيا اٿم، سي هڪ ئي رات ۾ پورا ڪيا اٿم. جيڪي ڏٺا اٿم، سي وٺي نہ سگهيو آهيان. جيڪي سونگهيا اٿم، سي ٻين جي هٿن مان جهٽي. تنهن هوندي بہ الطاف کي ۽ الطاف جي لکڻين کي آءٌ شروع کان ڄاڻان.

جڏهن هو "سنڌباد جهازي" نہ بڻيو هو تہ سندس سڀ کان پهريون سفري مضمون "نئين زندگيءَ" ۾. مون "منهنجو جاني تہ جهاز ۾" عنوان ڏيئي ڇپيو هو.

پوءِ ڪجهہ ٻيا سفري مضمون بہ هن "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپڻ لاءِ مون کي ڏيڻ جي مهرباني ڪئي.

هاڻي هي سيلر(Sailor) ، بسيٽ سيلر (Best Seller) بڻجي ويو آهي.

انهيءَ دوران مون ادب جي ميدان مان ڪسڪي، صحافت جي پڙ ۾ پير رکيو آهي. اهو ڪم آءٌ اڳي بہ ڪري چڪو آهيان، تنهن ڪري ڪا تڪليف ڪانهيم. پر اخبار جو ايڊيٽوريل لکندي ادبي نمونو اچيو وڃي. ۽ ادبي ڳالهيون لکندي ايڊيٽوريل وارو نمونو اچيو وڃي.

اهڙيءَ حالت ۾ اوچتو مون کي ڪتاب جي ناشر، "نيو فيلڊس" جي نوجوان سربراهہ، ميان فيروز ميمڻ، "لنڊن تائين لفٽ" تي چار صفحا لکڻ لاءِ چيو آهي. پر نہ هن کي منهنجي هاڻوڪي مغزي مونجهاري جي خبر آهي ۽ نہ وري ڪيس اها خبر آهي تہ آءٌ رڳو هنگامي حالتن ۾ لکي سگهندو آهيان. يارن انهيءَ ڪري مشهور ڪيو آهي تہ مون کان ڪجهہ لکائڻ لاءِ مون کي ڪمري ۾ بند ڪري، سگريٽ جا 2، 3 پاڪيٽ اندر اڇلي ڇڏبا آهن.

اها ڳالهہ مون کي فيروز سان تہ ڪرڻي ڪانہ هئي، تنهن ڪري الطاف جي جگري ناتن ڪري پاڻ سان پاڻمرادو هنگامي حالت لاڳو ڪري، ڪجهہ لکڻ ويٺو آهيان.

هونئن بہ الطاف پنهنجن سفرنامن تي بہ اکر، مهاڳ ۽ تعارف گهٽ ڪري ليکڪن بدران ليکڪائن کان لکائڻ پسند ڪيا آهن، سو ڪيس ڪاڻ تہ آهي ئي ڪانہ. اهو هن ڪري آهي جو هو فطري طرح مٽيءَ کان وڌيڪ پاڻيءَ جو ماڻهو ٿي ويو آهي. پاڻي پيدائش جو سرچشمو آهي: ۽ هن وقت اها وهيل ۽ شارڪ، سپين ۽ موتين، ۽ نندين وڏين مڇين جي ڪائنات آهي. الطاف کي جڏهن انهيءَ ڪشاديءَ ڪائنات جي تنگ ۽ طويل تنهائين مان مٽيءَ جي دنيا ۾ پير پائڻ جو وجهہ ملي ٿو تڏهن هو پنهنجي جهاز جي "ڳپت غفا" ۾ پاڻ وندرائڻ لاءِ ڪنارن تان ڇهرن، آوازن ۽ مٽيءَ جي من پسند

سونهن ۽ سڳنڌ جون سپيون ميڙي، يادگيرين جي جهول ڀري ٿو. سندس جهول ۾ پيل يادگيرين جي چونڊ ايڏي خوبصورت آهي جو هن ڀيري جڏهن اها ڪاغذي چادر تي اٿلائي اڏڻل ڪنن تان ڪنا ڪيل ڪوڏ. سپيون ۽ موتي اسان جي اڳيان رکي ٿو ته سندس ذوق ۽ ذهانت کي داد ڏيڻو پوي ٿو. سندس هر ڪتاب ان ڪري سونهن ۽ سڳنڌ جو ڀنڊار آهي.

تنهن هوندي به شارڪ ۽ وهيل جي مقابلي ۾ ننڍين مڇين جي مقدر کي سمجهڻ لاءِ هن ڪڏهن به سمنڊ جي گهراين ۾ گهوتو نه هنيو آهي. هو سپيءَ سونهن ته ڏيکاري ٿو پر ان جي موتي سانڍڻ واري ڪرب جو احساسن نٿو پيش ڪري. هو دنيا جي مختلف ملڪن جي سياسي، اقتصادي، تاريخي، سماجي ۽ ثقافتي نظامن جو ايترو اڀياس به نٿو ڏئي، جيترو عام پڙهيهي مخزنون پيش ڪنديون رهن ٿيون.

الطاف ايڏو محبوب نه، پر محدود ضرور آهي. هو پنهنجي ملڪ جي اخلاقي قدرن جو ايڏو پابند آهي جو ڪن حالتن ۾ دنيا جي گوناگون ذهني ميراث جي موتين جو وڏو حصو سندس نظر ۾ ڪو به قدر نٿو رکي. اهو سندس پنهنجو اخلاق ته آهي، پر اخلاقي جوابداري ناهي، تنهن ڪري هاڻي ڪيس اهو به ڪي ڏيڻ کپي، جيڪو هيستائين نه ڏنو اٿس.

الطاف پنهنجي سر هوندن به ايڏو ڪم ڪيو آهي جو سندس پير ڌوئي پيئڻ کپن. سنڌ جي هن سپوت نه رڳو ٻاهرين ملڪن کي سنڌ سان متعارف ڪرايو آهي، بلڪ ٻاهرين ملڪن ۾ سنڌ جو ناماچار وڌائڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. هن ساڳئي وقت سنڌي نوجوانن کي ساموندي زندگيءَ جو روزگار اختيار ڪرڻ لاءِ مدد ۽ رهبري به ڪئي آهي.

ساموندي سفرنامن ۽ ساموندي ڪهاڻين کان هٽي، "لنڊن تائين لفٽ" سندس خالص ادبي ڪوشش آهي. هو انهيءَ ميدان ۾ به ڪامياب آهي ۽ سندس وڏي ڪاميابي پنهنجي نالي جي اها ساک آهي، جيڪا پڙهندڙن وٽ مقبول ليکڪن لاءِ سند هوندي آهي.

اسان جا اڄوڪا گهڻا ڪهاڻيڪار جيڪي اجا به او_ هينري ۽ موپاسان جي اسٽائل کي ماڊل بڻائي لکي رهيا آهن، تن لاءِ الطاف جي چونڊيل، دنيا جي مختلف ٻولين جي جديد ڪهاڻين جا ترجما سنو مثال ثابت ٿيندا.

**شمشير الحيدري**

# لنڊن تائين لفٽ

بس يا ڪنهن ڪان لفٽ وٺڻ جي انتظار ۾ هو ڪا دير رستي تي بيٺو رهيو. ٽرئفڪ جي ڀوڙ ۾ بيشمار ڪارون وهي رهيون هيون. هو انهن کي حسرت سان ڏسندو رهيو. خاص ڪري انهن ڪارن کي جيڪي ان طرف وڃي رهيون هيون، جنهن طرف هن کي به وڃڻو هو. ڪيترين ئي ڪارن ڪان هن لفٽ وٺڻ لاءِ اشارو ڪيو پر سڀ پنهنجي مستيءَ ۾ وڃي رهيون هيون. هن ڀِچيءَ ۾ لڙڪندڙ گٽار ۽ ڏکڻ وارن کي وري جاتنو ڪيو جن کي پري ڪان ڏسي ائين ٿي لڳو جڻ ڪا ڇوڪري بيٺي هجي. اهو ئي سبب هو جو پري ڪان ڪجهه ڪار وارن هن جي اشاري تي رفتار گهٽائي ٿي پر ويجهو پهچڻ سان وري وڌائي ڇڏي ٿي ۽ هن همراهه "سائي مائيڪل" کي هر دفعي افسوس جا هٿ ملڻا پيا ٿي. انتظار ڪندي هن کي چڱي دير ٿي وئي هئي ۽ هاڻ ته هن کي بيٺي بيٺي ٽنگن ۾ سور پئجي ويو هو ۽ چيلهه ته جڻ پڳيس ٿي. هن پنهنجي بدن جو بار ڪڏهن هڪ ٽنگ تي رکيو ٿي ته ڪڏهن ٻيءَ تي. هن کي پنهنجو پاڻ تي کل اچي رهي هئي. ڳاڙهيون، سائيون، ڪاريون، اڇيون ڪارون ائين ئي لنگهي ٿي ويون پر ڪنهن به هن ۾ دلچسپي نٿي ورتي. هو سوچڻ لڳو ته هاڻ شايد لنڊن تائين پيرين پنڌ سفر ڪرڻو پوي. اهو سوچي هن نيٺ اڳيان وڌڻ جو ارادو ڪيو. ان ئي وقت هن جو ڀاڳ جاڳيو. هڪ ڪار ٽرئفڪ جي قطار مان پاسيري ٿي هن جي پر سان اچي بيٺي. سائيءَ هن کي اشارو به نه ڪيو هو. ڪار هلائڻ واري دريءَ مان منهن ڪڍي چيو:

"توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟"

سائيءَ هن کي غور سان ڏٺو: "آئون لنڊن وڃڻو آهيان، جناب."

"اڇو ويهو." ڪار واري چيو. "آئون به لنڊن ئي وڃان پيو."

سائيءَ هن اعليٰ ڪار جو دروازو خيال سان کوليو ۽ سنڌس نازڪ ۽ نرم ڪوچ تي ويهڻ سان هن جو جڻ سجو ٿڪ پڄي پيو. گٽار ڀِچيءَ مان لاهي هنج ۾ رکيو. ڪار وري ٽرئفڪ جي درياءَ ۾ لڙهي وئي. سائيءَ اکيون بند ڪري سک جو ڊگهو ساهه کنيو. ڪار تمام تکو وڃي رهي هئي. شهر مان نڪري ٻاهر پهچڻ ۾ ان کي ڪا به دير نه لڳي. هاءِ وي تي پهچڻ ڪانپوءِ ته اڃا به هن جي رفتار تيز ٿي وئي. ڪار واري اڃا تائين سائيءَ سان ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪئي هئي. سائيءَ کي به هن جا ٿورا مڃڻ وسري ويا هئا. هن جون اکيون بند هيون، هو پنهنجا ڇڙوڇڙ وار هٿن سان جاٿتا ڪندو رهيو. ڪار واري جون اکيون رستي تي ڄميل هيون. هو بيچينيءَ سان گاڏي هلائي رهيو هو. ڪڏهن هن جون آڱريون اسٽيرنگ تي ڏڪڻ وڃائڻ لڳيون ٿي. شام جي اونداهي چوڌاري پکڙي رهي هئي. سائيءَ کي پنهنجي مهربان، پنهنجي مددگار جي شڪل چڱيءَ طرح نظر نٿي آئي، پر هو هن جي بيقرار آڱرين جي وجهه ضرور ٻڌي رهيو هو.

ڪجهه گهڙين بعد سائيءَ کي محسوس ٿيو ته ڪار وارو تمام ڏيان سان هن کي ڏسي رهيو آهي. سائيءَ به هن ڏي نهاريو.ڪار واري ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"تنهنجو نالو ڇا آهي، دوست؟"

"سائي_ سائي مائيڪل." هن مختصر جواب ڏنو.

ڪار ۾ وري ماٺ ٿي وئي. فقط هوا جو سيسڙاٽ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. انجڻ جو آواز نه برابر هو. سائيءَ گٽار گوڏن جي وچ ۾ ڪري رکيو ۽ سيٽ جي پٺ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. هن هڪ دفعو وري اکيون پوري ڇڏيون، پر ڪار واري جي ڪجهه پڇڻ تي هن هڪدم اکيون کولي هن ڏي ڏٺو.

"مون کي ڪو گانو ٻڌاءِ." هن جو لهجو اداس هو پر آواز ۾ ٿورو رعب پڻ هوس.

سائيءَ کي پٺ جي ڪنڊي ۾ سيوڪاري محسوس ٿي. هن کي ڪار واري جي فرمائش تي تعجب لڳو.

"ڪهڙي قسم جو گانو سائين؟"

"گاني جو قسم ته آئون نٿو ٻڌائي سگهان." ڊرائيور ان تي رعب ۾ چيو. "مون تي هن وقت عجيب ڪيفيت طاري آهي. ڪو به راڳ ٻڌڻ تي دل چئي رهي آهي. ٿي سگهي ٿو اهڙيءَ طرح منهنجو موڊ سٺو ٿي وڃي."

سائيءَ ڪار جي رفتار ميٽر ڏي ڏٺو. ڪار ويران هاءِ وي تي ستر ميلن جي رفتار سان ڊوڙي رهي هئي. سائي ڊڄي ويو. هن رستي اڳيان ڪيترائي اوچا موڙ ۽ وڪڙ اچن ٿا ۽ ايڏي رفتار ۾ حادثي جو ڊپ هو. سائيءَ ان ۾ ئي ڀلائي سمجهي ته ڪو راڳ شروع ڪري. هن گوڏن تان گٽار کڻي ڳائڻ شروع ڪيو: "جيسز ڪرائسٽ، سپر اسٽار..."

"نه، نه. اهو گانو نه." ڊرائيور چڙٻ ڏيندي چيو "ان راڳ ٻڌڻ سان مون کي مونجهه ٿئي ٿو. ڇا تون هسپانوي آهين؟ ٿي سگهي ٿو تون هجين پر تنهنجي موسيقيءَ جي پسند مان لڳي ٿو ته توکي بوني ايم جو ڪو گانو ضرور ياد هوندو. منهنجو اهو خيال صحيح آهي نه؟"

سائي ماضيءَ جي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو. هو هڪ پراڻو گانو پنهنجي ذهن ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڪجهه دير بعد بوني ايم جا ٻول هن جي چپن تي اچڻ لڳا. هن گٽار وڄائيندي وڏي آواز سان گاڏو ڳائڻ شروع ڪيو:

"تون گلاب آهين، گلاب ڪانوڊيڪ حسين، تنهنجو حسن..."

ڳائيندي ڳائيندي هو ماٺ ٿي ويو.

"ڳائيندو هل، گانو بند ڇو ڪيئي؟" ڪار واري چڙ مان چيو.

"مون کي ايترو ئي ياد آهي. تمام گهڻو وقت ٿي ويو آهي نه." سائيءَ جي لهجي ۾ بي وسي هئي.

" ڪا ڳالهه ناهي. جيترو ياد اٿئي اوترو ئي ٻڌائيندو هل. تنهنجو آواز چڱو ٿو لڳي، آئون پنهنجي حالت ڪجهه سٺي پيو سمجهان."

سائيءَ انهن ساڳين ٻولن جو ڪو پندرهن سورهن دفعا دور ڪيو هوندو. آخر ڳڪ تي ماٺ ڪٽي ڪيائين. ڪار واري هن دفعي ماٺ ڪرڻ جو سبب نه پڇيو. هو چپ ٿي رهيو. سائيءَ به هن سان وڌيڪ گهاتو ٿيڻ نٿي چاهيو. ڪار جي رفتار ساڳي هئي- ستر ميل في ڪلاڪ . سائيءَ جي دل ڌڙڪي رهي هئي. ڪار ۾ اوندهه هجڻ ڪري هو اهو ڏسي نٿي سگهيو ته ڪار واري جي چهري تي ڪهڙا تاثر آهن. ڪجهه ميل ائين ئي ماٺ ۾ گذري ويا. پوءِ ڪار واري وري ڪڇيو: “توکي هيءَ ڪار پسند آئي؟”

“ها، سٺي گاڏي آهي.” سائيءَ خبرداري واري هجي ۾ وراڻيو.

“پوءِ ته جيمس فورڊ ڀڄي تون مون کان هيءَ ڪار وٺي سگهين ٿو. مون کي اوستائين ئي وڻيو آهي.”

سائي وائڙو ٿي ويو. “ڇا هيءَ ڪار توهان جي ملڪيت ناهي!”

“نه_ آئون دراصل اسپتال ۾ هوس، اتان ڀڄڻ ۾ مون کي ڪافي ڏکيائي ٿي. پر ٻاهر نڪرڻ سان هيءَ ڪار ملي وئي، ڪول چيسٽر اسپتال جي سامهون ئي هڪ هوٽل اڳيان بيٺي هئي.”

سائيءَ ڪانڇرڪ نڪري ويو. ڪار واري جي عجيب سلوڪ ڪري سندس دل ۾ جيڪي شڪ پيدا ٿيا هئا، انهن هاڻ حقيقت جو روپ ڌاريو. ڪول چيسٽر اسپتال دماغي مريضن جي هڪ مشهور اسپتال آهي. ان مانڀاهر ڀڄي نڪتل مريض ڪو خوني قاتل به ٿي سگهي ٿو. سائيءَ ڊرائيور جي ٿونٿين وٽان ڪار جو اسپيڊو ميٽر ڏٺو جنهن جي سُئي ستر جي انگ کي ڇنيان ڇڏي چڪي هئي. سائيءَ جا هٿ پير ڄڻ ڳرا ٿي پيا. هن هلندڙ ڪار مان ٽپ ڏيڻ جو سوچيو. پر هيڏي رفتار مان ٽپ ڏيڻ موت کي سڏ ڪرڻ برابر هوءِ خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجو جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏٺو. هن ڇرڪي ڪار واري ڏي ڏيان ڌريو. ڪار واري جون نظرون رستي ۾ ئي کتل هيون. رفتار اها هئي. ڪار وارو پوءِ هڪدم سائيءَ ڏي مڙيو. هن هڪ هٿ سان پنينءَ سيٽ ڏي اشارو ڪري چيو:

“ڪار سان گڏ تون هن کي به کڻجانءِ”.

سائيءَ کي پهريون دفعو احساس ٿيو ته پوئين سيٽ تي هڪ ٿي ڄٽي جو وجود موجود آهي. هن ڇتائي ڏٺو. هن جون اکيون حيرت ۾ ڦپ کان ڦاٽي پيون. پوئين سيٽ تي هڪ ننڍڙو ٻار گهاٽي ننڊ ۾ ستل هو. “هي ٻار ڪنهنجو آهي؟” سائيءَ ڳيت ڏيندي پڇيو.

“خبر ناهي.” ڪار واري بي پرواهيءِ سان جواب ڏنو “مون جڏهن هيءَ ڪار چورائي ته ٻار به ان ۾ ئي ستل هو.جنهن جي ڪار آهي ان جوئي ٻار هوندو.” هي عجيب انداز ۾ کلڻ لڳو.

سائي ڏکي ويو ءِ هن کي ان ڳالهه ڊيڄاري وڌو ته هو ڏٺي نه ورتي هڪ ڇرئي جي ور چڙهي ويو آهي. هيستائين ته هو فقط پنهنجي بچاءُ جو سوچي رهيو هو پر هاڻ ٻار جي ڪري سندس بيٺي ذميواري ٿي. بهرحال هن وقت سندس ءِ ٻار جي زندگي هڪ ڇرئي جي رحم و ڪرم تي هئي. بچڻ جو ڪو به طريقو سائيءَ جي سمجهه ۾ نه پئي آيو. ڪار سگنل جي ويجهو پهچي ٿورو ڍري ٿي ءِ هڪ وڏي

لاريءَ جي پاسي ۾ تي بيٺي. سائيءَ تيڏيءَ اک سان هن ڏي ڏٺو. ڇرئي جو هن ڏي ڌيان نه هو. سائيءَ شيشي کي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي پر شايد رولر ۾ ڪا خرابي هئي جو شيشو هيٺ نه سرڪيو. سائيءَ لاچاريءَ جي حالت ۾ ڊرائيور ڏي ڏٺو جيڪو ڪجهه فٽ مٿي ويٺل هو ۽ هن ڏي هيٺ ڏسي رهيو هو. ڇرئي جي ڊپ کان سائي هٿ استعمال نٿي ڪري سگهيو. پنهنجي وات کي گهمائي ڦيرائي لاريڊرائيور کي صورتحال کان واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ڊرائيور سمجهيو ته شايد ڪيس چڀرا ڏئي رهيو آهي. هن چڙ مان اکيون ڦاڙي سائيءَ جي خاموش اپيل جو ابتو نتيجو ڪڍيو. اوچتو سائيءَ کي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ آئي. هو ڊرائيور کي وري چڀرا ڏئي وڏيڪ چِتو ڪري هيٺ لهرائي سگهيو ٿي. هن اهو ئي ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. پر ايتري ۾ سگنل کلڻ ڪري ڪار زوزاٽ ڪندي اڳيان هلي ويئي.

ڪار جي رفتار جي سُئي هاڻ ستر کان مٿي ٿيپي رهي هئي. سائيءَ اکيون ڪٽي بند ڪيون. ڪجهه گهڙين بعد ٻار ڪنجهڻ شروع ڪيو. ڇرئي ٺڏائيءَ مان چيو: "ٻارجي روئيندو رهيو ته سندس ڳچي مروٽي رکندس. ٻار جو روئڻ ٻڌي مون کي دورو پوندو آهي." سائي خاموش رهيو. هو ڇا ٿي جواب ڏئي سگهيو. هن ٻنهي هٿن سان گٽار کي مضبوطي سان جهلي سوچيو ته هي موسيقيءَ جو نرم ۽ نازڪ واجو هٿيار طور ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪري سگهجي ٿو؟ اوچتو ٻار زور زور سان روئڻ لڳو. سائيءَ يڪدم ڪٽي ٻار کي ڪنيو ۽ ٻچڪارون ڏئي پرچائڻ لڳو: "بس بس. پٽ! بس." پر ٻار تي ڪو به اثر نه ٿيو ۽ هو اڃا به زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو.

ڇرئي ڏند ڪرٽيندي چيو: " هن کي ماٺ ڪراءِ نه ته..."

سائيءَ ڊجي ڪٽي ٻار کي ڇاتيءَ سان لاتو. اها تدبير ڪم آئي ۽ ٻار ماٺ ٿي ويو. سائيءَ کي سڪون محسوس ٿيو. هن فيصلو ڪري ورتو ته ضرورت پئي ته هن معصوم ٻار خاطر جان جي بازي به لڳائي ڇڏيندس. رستي تي هڪ سنگ ميل نظر آيو. ڪار لنڊن جي علائقي ۾ پهچي چڪي هئي. منزل هاڻ ويجهي هئي. سائيءَ جي دل ڌڙڪڻ لڳي. هو اهو ئي سوچيندو رهيو ته ڇرئي مان جان ڪهڙي ريت ڇٽندي؟ ايتري ۾ ڇرئي جو پرسڪون آواز ٻڌڻ ۾ آيس: "مستر!"

سائيءَ هن جي لهجي جي تبديلي يڪدم محسوس ڪئي. ڇريو چئي رهيو هو: "پاڻ لنڊن پهچي ويا آهيون." هن ڪار جي اندرين بتي ٻاري سائيءَ ڏي مرڪي چيو: "تون مون کي سڃاڻين ٿو مستر سائي؟" هن پڇيو.

سائيءَ چنجهين اکين سان هن ڏي ڏٺو. هن جو چهرو ڄاتل سڃاتل لڳي رهيو هو پر پريشانيءَ ڪري سائيءَ کي ياد نه آيو ته هن کيس ڪٿي پهرين ڪٿي ڏٺو آهي.

"معاف ڪجو آءٌ توهان کي سڃاڻي نه سگهيس." هن لاچاريءَ جي حالت ۾ چيو: "آهيو ته ڏٺل وائٺل پر..."

“توکي راجر ٽرمپ جو نالو ته ياد هوندو؟” چرٽي کلندي پڇيو. سائيءَ جي نظرن آڏو ٽي ويءَ جو مشهور راجر ٽرمپ ڦرڻ لڳو. هن کي ياد اچي ويو ته ڪار هلائڻ وارو هي چريو ته راجر ٽرمپ ئي آهي. هن شڪايت واري انداز ۾ راجر ٽرمپ ڏي ڏٺو. راجر مرڪندي چيو: “معاف ڪجانءِ مسٽر سائي، جو مون توکي ستايو ۽ تنهنجو ايڏو ڏگهو سفر بوريت ۾ گذريو. در اصل مون کي اهو ڊپ هو ته ڪٿي لفٽ وٺڻ وارو ماڻهو ڪو ڏاڪو نه هجي ۽ مٿان ڦرلٽ نه ڪري. سڀ کان وڏيڪ مون کي پنهنجي پٽ فلپ جو فڪر هو جيڪو جڏهن روئڻ شروع ٿو ڪري ته پرچائڻ ڏکيو ٿيو پوي. منهنجي زال يعني هن ٻار جي ماءُ بيمار آهي. مون کي اڄ هڪ دعوت ۾ وڃڻو هو. ان ڪري ٻار کي به ساڻ کڻي نڪتو آهيان.”

“توهان ته منهنجو ساهه ئي سڪائي ڇڏيو هو مسٽر راجر ٽرمپ!” سائيءَ چپن تي ڦِڪي مرڪ آڻيندي چيو.

“مون ان ڪري ته توکان معافي ورتي. ڪٿي لهندائو توهان؟”

سائيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاري هڪ هنڌ ڪار بيهارائي. ٻار کي هن پوئين سيٽ تي سمهاريو ۽ گاڏيءَ مان لهي الوداعي انداز ۾ هٿ لوڏي اڳتي وڌي ويو. ڪار به ان ئي وقت اڳيان وڌي اکين کان اوجهل ٿي وئي. سائي هڪ ٽيليفون بوٿ ۾ گهڙيو. هن پوليس ايمرجنسيءَ جو نمبر ڊائل ڪيو ۽ ڏکندڙ آواز ۾ پوليس کي اطلاع ڏنو: “منهنجو نالو راجر ٽرمپ آهي. آءٌ ٽي ويءَ جو مشهور اداڪار آهيان.” هن پنهنجي آواز ۾ اڃا به گهڻي ڏکٽي پيدا ڪئي. “منهنجي ڪار چوري ٿي وئي آهي. آسماني رنگ جي مورس آهي. هن جو نمبر آهي آءِ ٽي آر ٽي سؤ ستاويهه. پوئين سيٽ تي منهنجو پٽ فلپ ستل آهي. آءٌ سگريٽ وٺڻ لاءِ هيٺ لٿس ته انهيءَ وچ ۾ ڪو شاهينگ ٻار سميت ڪار چورائي ڀڳو آهي. هن جو رُخ لنڊن جي گهٽي نمبر ٻارهين ڏي آهي. خدا جي واسطي جلدي ڪريو. ڪٿي هو منهنجيمعصوم ٻچڙي کي ڪو نقصان نه رسائي.”

بوٿ مان نڪري هو سڪون سان سيٽي وڄائيندو رستي جو ڪنارو ڏئي هلڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو ته منهجي چرچي سان راجر ٽرمپ کي ايتري تڪليف نه رسندي جيتري هن جي چرچي جي ڪري مون کي پهتي آهي. ساهه ئي سڪائي ڇڏيو هو نياڳي. هاڻ ٻاڻ به ڇا ياد ڪندو.

(ليکڪ: آر. سي. ڊين، انگلينڊ)

# ايمسٽرڊم جي ٽرئفڪ . . .

هالينڊ جي شهر ائمسٽرڊم جي ٽرئفڪ ب عجيب آهي، جنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ ملڻ محال آهي. هتي گاڏيون ٽرئفڪ جي وهڪري ۾ هلڻ کان وڌيڪ ٿيلهيون وڃن ٿيون. رش اور ۾ ته لڳندو ڄڻ هڪ هنڌ بيٺيون آهن. رڪي رڪي ڪو ڏڪو ٿو ڏئين ته اڳيان هليو وريو بيهيو رهن. اڄ صبح ب ائين ئي ٿيو جڏهن منهنجي ٽئڪسي ائمسٽرڊم جي وچ بازار مان گذري رهي هئي ته ٽرئفڪ جي وهڪ ۾ ساڄي پاسي ڏڪجي وئي. ٿورو اڳيان ب نه وڌي ته ٽرئفڪ جئم ٿي وئي ۽ منهنجي ٽئڪسي هڪ ميوي واري دڪان اڳيان بيهي رهي. آئون ٽرئفڪ جي گوڙ شور کان بي نياز ٿي سامهون دڪانن ۾ شورومز کي ڏسڻ لڳس. پر ۾ ميوي جو دڪان تمام صاف سٿرو هو جنهن جي پرسان تختن جون خالي پيٽيون وڏي فضيلت سان هيٺ مٿي رکيون هيون. ايتري ۾ پاسي واري گهٽيءَ مان ب ڇوڪرا مستي ڪندا آيا. ميوي واري دڪان وٽ پهچي، هڪ ڇوڪري ٻئي کي ڪٽي ڏڪو ڏنو.هو خالي پيٽين تي ڪري پيو. ٺر ٺر ٿي سڀ پيٽيون اچي هيٺ ڪريون. دڪاندار هٿ ۾ مترڪو ڪٽي ڇوڪرن پويان ڊوڙيو ۽ چيو: ”حرام خورو! هاڻ توهان هيڏانهن اچي ته ڏسو. هي مترڪو هٽي ميڇالو ٻاهر ڪڍي رکندو سانوَ.“

”ڇريا ڪنهن جاءِ جا! ڇا منهنجو ميڇالو ڪيندين.“ سامهونا ينڊڙ عورت ڪاوڙ مان دڪاندار کي چيو. عورت گهٽ ۾ گهٽ اڍائي مڻ جي ٻري ٿيندي ۽ قد فقط چار فوٽ ڪن هوس. بس سمجهو ته فٽ بال ٿي لڳي. ڪجهه لمحا پهرين پر واري بيوٽي پارلر تان پنهنجا وار ٺهرائي ٻاهر نڪتي هئي ته هن ميوي واري سان ٽڪراءُ ٿي ويس.

” نه نه مئڊم! منهنجي ڇا مجال! توهان جا ته وار ئي ڪيڏا سهڻا ۽ چمڪندڙ آهن.“ دڪاندار مونجهاري ۾ خبر ناهي ٻيو ب ڇا ڇا چوندو رهيو.

مون سان گڏ ٽئڪسي ڊرائيور ب کلڻ لڳو. ايتري ۾ اڳيان رستو خالي ٿيو ۽ ٽئڪسي آهستي آهستي چرڻ لڳي. ٿورو اڳيان هلي اسان هڪ درياءَ جي ڪناري وٽان مٿياسين. پر گهٽو پري ب نه پهتا هونداسين ته ٽرئفڪ وري جئم ٿي ويئي. ڊرائيور پنيان مڙي ڏنو ته جيڪڏهن اتان جاءِ هجي ته تان ئي واپس موٽي هلي. پر اسان جي پويان ب لارين موٽرن جي ڊگهي قطار هئي.

”هن مصيبت لوڊر ٽرڪ سڄي ٽرئفڪ جي ستياناس ڪئي آهي. “ ڊرائيور سامهون ڪجهه مفاصلي تي بيٺل لوڊر ڏي اشارو ڪندي ٻڌايو.

”توهان کي جلدي ته نه آهي؟“ ڊرائيور ڪلها ڏوٽي مون کان پڇيو.

”نه! ايتري ب جلدي نه اٿم.“ مون وراڻيو مانس. هن سگريٽن جو پاڪيٽ کيسي مان ڪڍي ان مان هڪ سگريٽ منهنجي حوالي ڪيوءِ ٻيو پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ پوءِ پنهنجي سيٽ تي ائين آرام سان ٿي وينو ڄڻ ٽيليويزن ڏسي رهيو هجي. پنيان بيٺل گاڏيون هارن وڄائينديون رهيون.

“اهي چريا هن ائمسٽرڊم جا نہ اٿئي.” ڊرائيور مون کي ٻڌايو.

“توکي ڪيئن خبر پيئي؟” مون پڇيومانس.

“ائمسٽرڊم جو هر ماڻهو سمجهي ٿو تہ هي مرض لاعلاج آهي- يعني هارن وڄائڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو. ائين ڪرڻ سان لوڊر ٽرڪون ويتر آهستي ٿيو وڃن. يعني اتي جواتي بدلو وٺن ٿيون.”

مون پٽڪندي هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. واقعي ميونسپالٽي وارن جتي ڪٿي ٽرامن جي ڇار وڇائي ائمسٽرڊم جي شهرين جي روح کي عذاب ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ان تي وري ٽُرو اهو تہ هر بس اسٽاپ تي وڏناڪرن ۾ لکرايو ويو آهي: “خدا توهان جي ٻڌي ٿو ڪنهن کي بہ پِٽ پاراتو نہ ڏيو”. ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي تنبيهہ ٿي سگهي ٿي.

“هي نسورو ٿي انا جو سوال آهي!” ڊرائيور چيو. “خاص طور ائمسٽرڊم جي بي فڪر نوجوانن لاءِ. هر نوجوان پاڻ‌بابت بهتر سمجهي ٿو. جيئن آئون پاڻ لاءِ سمجهي سگهان ٿو تہ مون لاءِ ڇا سٺو آهي ڇا خراب.”

آئون آرسيءَ مان هن کي ڦڪي کِل کلندي ڏسندو رهيس. جنهن مان لڳو ٿي تهھو ماضيءَ جي ڪنهن واقعي کان بنهہ شرمندو نہ آهي.

“جڏهن آئون نوجوان هوس، مون وٽ ٽئڪسي نہ هئي. آئون هڪ ٽرڪ ڊرائيور جي حيثيت ۾ هڪ ڪمپنيءَ ۾ پگهاردار هوس. منهنجي ٽرڪ انهيءَ سامهون بيٺل لوڊر کان بہ وڏي هئي. هيءَ ان زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن اجا رستا ايڏا ويڪرا نہ نهيا هئا جن تان هي وڏيون لاريون ٽرڪون هلي سگهن ۽ نہ وري هڪ طرفي ٽرئفڪ هئي. هر رستي تي ٻنهي پاسن کان گاڏيون آيون ويون ٿي.”

ٽئڪسي ڊرائيور پراڻن ڏينهنجون ڳالهيون ياد ڪري ٻڌائڻ لڳو. “مون کي اڄ بہ ياد آهي تہ هڪ ڀيريءَ جو آئون پنهنجي ٽرڪ ۾ سوار ٿي شهر جي هڪ وڏي بازار مان لنگهي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ مُڙيس. سامهون کان هڪ ٻي وڏي ٽرڪ اچي رهي هئي. منهنجي ٽرڪ جيڏي وڏي ۽ ڊگهي! گهٽي ايڏي سوڙهي هئي جو هڪ ٽرڪ بہ مشڪل سان لنگهي سگهي ٿي. بهرحال ٻئي ٽرڪون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي بيهي رهيون. اسان ٻئي هڪ ٻئي کي پنيان وڃڻ جا اشارا ڪرڻ لڳاسين، پر ٻنهي مان ڪو بہ ضد تان لهي پنيان رڙهڻ جي موڊ ۾ نہ هو. آخرڪار اسان ٻئي پنهنجي پنهنجي سيٽ تي آرام سان ويهي رهياسين. يعني هڪ ٻئي کي اهو ٻڌائڻ چاهيوسين ٿي تہ تون نٿو پنيان وڃين تہ اجهو آئونبہ اتي ئي ويهي ٿو رهان. مون سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ پوءِ وڏي بي فڪريءَ سان سامهون واري ٽرڪ جي ڊرائيور کي ڏسڻ لڳس. هو بہ مون کي گهوريندو رهيو. آخرڪار جڏهن مون سگريٽ ڇڪي پورو ڪيو تہ هن پلاسٽڪ جي لنچ باڪس کولي ان مان سئنڊوچ ڪڍي کائڻ شروع ڪئي. هو نهايت آهستي آهستي کائڻ لڳو ۽ هر چڪ بعد مون ڏي ڏنو ٿي. شايد ان اميد تي تہ آئون بيزار ٿي اها گهٽي ڇڏي پنيان پير ڪندس.”

ٽئڪسي ڊرائيور مون ڏي فخر مان ڏٺو ۽ اهو چاهيو ٿي ته آئون سندس تعريف ڪريان. پر منهنجي ڪجهه چوڻ کان اڳ پاڻ پنهنجو بيان جاري رکيو.

“ان کان اڳ جو هو پنهنجي سئنڊوچ ختم ڪري، مون اخبار کنئي ۽ ٽنگون ڊئش بورڊ تي رکي آرام سان پڙهڻ شروع ڪئي. چڱي دير بعد اوچتو دريءَ جي شيشي تي ٺڪ ٺڪ ٿي. مون مُڙي ڏٺو ته سامهون واري ٽرڪ جو ڊرائيور منهنجي دريءَ وٽ بيٺو هو. آئون سمجهي ويس ته هو هاڻ اهو چوڻ آيو هوندو ته هاڻ بس به ڪجي، ضد ڇڏي هلجي، اجايو وقت پيو برباد ٿئي. آئون ئي ٿو مُڙي وڃان.”

ٽئڪسي ڊرائيور کلهن کي جهٽڪو ڏئي مون ڏي ڏٺو ۽ ڳالهه جاري رکي.

“انهن ڏينهن ۾ اڄ جهڙي غنڊا گردي ۽ داداگيري نه هئي. ٻيو ڊرائيور بي فڪر ۽ ظاهري طرح پهلوان قسم جو نوجوان هو پر ان هوندي به آئون ڪانئس بلڪل مرغوب نه ٿيس. مون دريءَ جو شيشو هيٺ ڪيو.

“ڇا ڳالهه آهي؟” مون معلوم ڪرڻ چاهيو.

“جڏهن اخبار پڙهي ختم ڪرين ته مون کي پڙهڻ لاءِ ڏجانءِ.” هن نهٺائيءَ سان چيو.

“اها ڳالهه ٻڌي مون کان ڪِل نڪري وئي ۽ مون ئي پنهنجي ٽرڪ پٺيان ڪٽي موڙي.”

**(ليکڪ: نا معلوم)**

# نيويارڪ ڇڏي ويسٽ پام پهچڻ

مون جهڙا ڪيترائي نوجوان جن جون حالتون مون جهڙيون ئي رهن ٿيون، ڪڏهن نہ ڪڏهن مون وانگر نيويارڪ جي البرٽ سپر مارڪيٽ ۾ تائين جي ڪائونٽر تي سيلزمئن ٿي ڪم ڪري چڪا هوندا. هن نوڪريءَ ۾ پگهار تہ ڪو خاص ناهي پر ان جي سپ ۾ سٺي ڳالهہ اها آهي تہ ڪم ڪو گهڻو محنت جو ناهي ۽ مون جهڙي ماڻهوءَ کي ايترو وقت مليو وڃي جو هو ٻين ڪمن کي ڏسي سگهي ٿو.

شايد توهان معلوم ڪرڻ چاهيندائو تہ منهنجو ٻيو ڪم ڪهڙو آهي. اهو آئون توهان کي نہ ٻڌائيندس. هونءَ بہ جيڪا ڳالهہ آئون توهان کي ٻڌائڻ وارو آهيان، انجو ان ڪم سان ڪو واسطو نہ آهي. هلو سائين ڪنهن حد تائين توهان جي آنڌ مانڌ کي ختم ڪرڻ لاءِ ايترو ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ منهنجو اهو ڪم غير قانوني هرگز ناهي. جيتوڻيڪ ڪجهہ ماڻهن جي نظر ۾... بلڪ ٿي سگهي ٿو تہ گهڻن جي نظر ۾ اهو ڪم سماجي خيال کان قابلِ اعتراض هجي.

تائين جي هن دڪان جي مئنيجر جي سپ کان سٺي ڳالهہ اها آهي تہ هو ڪنهن بہ نوجوان کي پنهنجي دڪان ۾ ڪم تي رکڻ وقت هن جي تجربي يا رڪارڊ وغيره ڏي زياده ڌيان نٿو ڏئي. هو فقط اهو ڏسي ٿو تہ نوجوان جو قد ڪاٺ، صحت، شڪل صورت، وار ۽ پوشاڪ جو رنگ ڍنگ ڪيئن آهي. هن جي مُرڪ ۽ هن جي ڳالهائڻ جو نمونو ڪيترو موهيندڙ آهي. هتي فقط سٺي صورت، سٺي لباس ۽ ناهوڪي جسم جي نوجوانن کي نوڪري ملي سگهي ٿي.

ان جو سبب سنئون سڌو آهي. توهان کي اهو ٻڌي شايد حيرت ٿئي تہ تائيون گهڻو ڪري عورتون ئي خريد ڪن ٿيون- ڪنهن نہ ڪنهن کي تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ...! هڪ سهڻي صورت، سٺي لباس ۽ سٺي ڳالهائڻ وارو نوجوان سيلز مئن نہ فقط انهن لاءِ موهہ پيدا ڪري ٿو پر هو ڪنهن مرد لاءِ تائين جي چونڊ ۾ پڻ هنن جي مدد ڪري ٿو. جيڪڏهن ڪائونٽر تي اسان جي دڪان جي مئنيجر جهڙو ڪو پوڙهو سڪل سڙيل بور ماڻهو بيهي رهي تہ ايندڙ عورتون تائيون خريد ڪرڻ جو ارادو ئي لاهي ڇڏين ۽ ڪاسميٽڪس جي شعبي ۾ وڃي ڪو عطر ڪولون پسند ڪن.

آئون ضرورت وقت هميشہ تائين جي هن دڪان "تائي بار" ۾ ڪيترائي دفعا نوڪري ڪري چڪو آهيان. حالتون بهتر ٿيڻ تي آئون نوڪري ڇڏي بہ ڏيندو آهيان. ضرورت پوڻ تي وري موٽي ايندو آهيان. منهنجو هر هر هتي اچي شوق سان نوڪري ڪرڻجو هڪ سبب اهو آهي تہ هتي منهنجي مطلب جي عورتن سان، منهنجي ملاقات ٿيڻ جا امڪان گهڻا هوندا آهن. يعني مٿاهين طبقي جي اهڙين شادي شده يا ٿوري وڏي عمر جي اهڙين اڪيلين عورتن سان جيڪي سخت بوريت واري زندگي گذاري رهيون آهن ۽ هو دلچسپين جي ڳولا ۾ هونديون آهن...

خير... اهو منهنجو اصل موضوع ناهي. آئون تہ توهان کي اهو قصو ٻڌائڻ وارو هوس، جنهن جي شروعات "تائي بار" دڪان سان ٿي هئي. ان ڏينهن آئون پنهنجو پاڻ کي تمام گهڻو ۽ تازو توانو محسوس ڪري رهيو هوس جو گذريل رات تمام خوشگوار گذري هئي. هڪ خوبصورت، نوجوان ۽ ٺٺ ٺاٺ واري عورت مون سان رات گذاري هئي. هن جي رفاقت جا اثرات اڃا تائين منهنجي رڳ رڳ ۾ موجود هئا. مون دڪان جي قدِ آدم آرسيءَ ۾ پنهنجو جائزو ورتو ۽ آئون پاڻ کي روز مره کان وڌيڪ بهتر لباس ۾ هلڪو ڦلڪو نظر اچڻ لڳس.

انهي ڏينهن دڪان ۾ گراهڪن جي اچ وڃ ڪجهہ وڌيڪ هئي. منجهند ڌاري جڏهن رش ڪجهہ گهٽ ٿي تہ مون کي ماريا دڪان ۾ گهڙندي نظر آئي. ماريا ڪجهہ ائين هلندي هئي ڄڻ ناچ شروع ڪرڻ واري هجي. هاڻ تہ هوءَ ورتن نالي هڪ شاهوڪار ۽ وڏي ڪاروباري ماڻهوءَ جي زال هئي، پر مون هن کي شاديءَ کان اڳ کان سڃاتو ٿي. هن جي عمر ان وقت چاليهن جي لڳ ڀڳ هئي پر سهڻي لباس، رک رکاءُ ۽ ٻين ٺٺ ٺانگرن ڪري هوءَ ننڍي عمر جي لڳي ٿي.

ماريا ان وقت ماڊلنگ جي ميدان ۾ تمام ڪامياب وڃي رهي هئي، جڏهن آئون هن سان پهريون ڀيرو مليو هوس. آئون بہ ماڊلنگ جي دنيا ۾ پنهنجو ڀاڳ آزمائڻ لاءِ پهتو هوس ۽ هاڻ منهنجي خيال ۾ اهو ٻڌائڻ جي ڪا ضرورت ناهي تہ آئون ان ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيس. ڪنهن حد تائين ان ۾ منهنجي سستي، آرام طلبي ۽ عيش پرستيءَ جو بہ دخل هو. ان کان پوءِ مون اداڪاريءَ جي ميدان ۾ بہ قسمت آزمائي ڪئي پر اتي بہ ڪهاڻي ڪجهہ گهڻي مختلف نہ رهي. تنهن هوندي بہ انهن ٻنهي جاين تي پنهنجي ڪوشش کي مڪمل طور ناڪام نٿو چئي سگهان. گهٽ ۾ گهٽ انهن شعبن ۾ منهنجو ملڻ جلڻ زنده دل ۽ خوبصورت عورتن سان وڌي ويو. جنهن جي عيوض ذهن جي صنم خاني ۾ ڪجهہ حسين يادين جو واڌارو ٿي ويو.

ماريا مون کي سحر انگيز ۽ ماحول کي جڳمڳ ڪندڙ مرڪ سان نوازيو. ان مرڪ ماريا کي ماڊلنگ جي دنيا جي ڌاڪڙن مان ڪيڏي هڪ شاهوڪار ماڻهوءَ جي زال بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. هن جي مڙس جا مئن هٽن (نيويارڪ) کان نائيڪ تائين فرنيچر جي اعليٰ قسم جا دڪان هئا.

"ڇا حال آهي دوست؟" هوءَ ٻهڪڻ لڳي، "ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي جو هڪ وڏي عرصي بعد ههڙي طرح اوچتو توسان ملاقات ٿي وئي، اڄ ڪلهہ تون سيلز مئن آهين؟"

"بس ڪڏهن ڪڏهن ٿي ويندو آهيان." مون جواب ڏنو مانس، "بس زندگي ڪنهن ريت تہ گذارڻي ئي آهي."

"زبردست لڳي رهيو آهين." ماريا چيو.

"تون بہ قيامت برپا ڪري رهي آهين." مون چيومانس.

" ڪوڙ نہ ڳالهاءِ. منهنجو وزن وڌي ويو آهي ۽ وار ڇڻي رهيا آهن. اڄ منجهند جي مانيءَ کانپوءِ ليونارڊو سان منهنجي ملاقات رکيل آهي." هن ٻڌايو.

ليونارڊو اڄڪلهه جو مشهور “هيئر ڊريسر” آهي. جيڪو دولتمند عورتن جي وارن جي نگهباني ۽ بهتري لاءِ صلاحون ڏئي ٿو. وار ته خبر ناهي بهتر ٿين ٿا يا نه پر هو عورتن جي ڪل ضرور لاهي ٿو. ان هوندي به عورتن جي هن وٽ ايڏي پيهه پيهان آهي جو هن سان ملڻ لاءِ اڳواٽ وقت وٺڻو پوي ٿو.

ماريا ڳالهه جاري رکندي چيو: “بهرحال توکي هتي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي آهي. مون کي منهنجي مڙس ورتن لاءِ هڪ ٽاءِ جي چونڊ ۾ ٿوري مدد ڪر. ڇنڇر ڏينهن هن جي سالگره آهي.”

ماريا جي مڙس ورتن سان منهنجي ملاقات فقط هڪ دفعو هن جي شاديءَ جي موقعي تي ٿي هئي، ان ڪري مون کي ماريا کان پڇڻو نه پيو ته اکين جو رنگ ڪهڙو آهي؟ مون کي ياد نه هو ته مون هن جون اکيون ڏٺيون به هيون يا نه.

“هن جون اکيون تنهنجين اکين جهڙيون صاف آسماني ته نه آهن ڊارلنگ!” هن ٿڌي آهه ڀريندي چيو “بس ائين سمجهه ته ڪجهه ساوڪ مائل آسماني آهن.”

مون هن کي ٽائيون ڏيکارڻ ۽ صلاحون ڏيڻ شروع ڪيون. بيشمار ٽائيون ڏسڻ بعد آخرڪار منهنجي ئي چوڻ تي هن هڪ ٽاءِ جي چونڊ ڪري ورتي ۽ منهنجو ذري ائين ٿورو مڃڻ لڳي، ڄڻ مون هن کي ڪنهن وڏي آزمائش يا مصيبت مان بچائي ورتو هجي. پوءِ هن چيو: “آئون ٻي بجي تائين واندي آهيان. هل، مان توکي ماني کارايان. هن مارڪيٽ جي مٿان جيڪا ريسٽورنٽ هئي سا اڃا آهي يا بند ٿي چڪي آهي؟”

“نه... ريسٽورنٽ ته موجود آهي.” مون مجبوريءَ جو اظهار ڪندي چيو “پر آئون هڪ بجي ڏاري واندو ٿي سگهندس.”

“ صحيح آهي. آئون هڪ بجي ڏاري وري اچي ويندس. تيستائين آئون ٻين دڪانن ۾ ليئو پائي ٿي وٺان.” اهو چئي هوءَ رواني ٿي وئي.

گراهڪن جي اچ وڃ لڳي رهي ۽ آئون سندس آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ سٺي طرح پيش اچڻ ۾ مشغول رهيس. منهنجي ڇپن کي سمجهو ته آرام ئي نه پئي مليو. منهنجو مطلب آهي آئون لڳاتار مرڪندو رهيس. هڪ وڳي ڏاري هڪ ڳاڙهن وارن واري “حشر پيدا ڪندڙ” قسم جي حسينا دڪان ۾ داخل ٿي ۽ ٽائيون ڏسڻ لڳي. هن جا وار ايڏا ته خوبصورت هئا جو اهڙا وار حاصل ڪرڻ لاءِ ماريا شايد ڪنهن جو قتل ڪرڻ لاءِ به راضي ٿي وڃي. رڳو وار نه پر هوءَ مٿي کان پيرن تائين حسن جو مجسمو هئي: “پلي بواءِ” رسالي جهڙا پبلشر هھڙي عورت کان پنهنجي رسالي لاءِ ماڊلنگ ڪرائي بيحد خوش ٿي سگهيا ٿي.

هڪ ٻي گراهڪ مائي کي فارغ ڪرڻ بعد مون هن جي ويجهو پهچي مرڪڻ جو اوورٽائيم ڪندي چيو: “ڪا ٽاءِ پسند آئي مئڊم؟”

“نہ...” هن چاش جهڙي مٺي لهجي ۾ ورائيو. “آئون در اصل هڪ شوخ رنگ واري تاءِ جي ڳولا ۾ آهيان... ڪجهہ ڀڙڪندڙ رنگن واري..”

مون ڪجهہ دٻا کولي هن جي پسند واري قسم جون ٽائيون ٽيبل تي پکيڙيون. هوءَ انهن کي وڏي دلچسپيءَ سان ڏسڻ لڳي. آخرڪار هن هڪ اهڙي تکن رنگن ۾ تجريدي ڊيزائين واري ويڪري ٽاءِ پسند ڪري ورتي، جنهن جهڙي ٽاءِ اونداهي رات ۾ ڪتي کي گھمائڻ لاءِ وٺي وڃڻ وقت بہ آئون لڳائڻ پسند نہ ڪندس. آئون حيران هوس تہ هوءَ ڪهڙي گڏهہ لاءِ اهڙي ٽاءِ خريد ڪري رهي آهي.

هن کي کولڻ لاءِ مون ظاهري طرح عام لهجي ۾ پڇيو:

“هيءَ ٽاءِ توهان شايد پنهنجي مڙس لاءِ خريد ڪري رهيون آهيو؟”

“پنهنجي ‘مڙس’ لاءِ نہ... البت ‘هڪ مڙس’ لاءِ.” هن مرڪندي منهنجي درستي ڪئي. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ ذري گھٽ مون کي اک پيچڻ جي موڊ ۾ هئي. مون کي اندر جي ڳالهہ جو اندازو ٿي ويو. انهيءَ مهل مون کي اوچتو احساس ٿيو تہ ماريا دڪان ۾ اچي چڪي آهي پر هن منهنجو پاڻ ڏي ڌيان نہ ڇڪايو. هوءَ ان ڏگهي ڪائونٽر جي ٻي ڪنڊ وٽ بيٺي رهي ۽ ٽِڪَ ٻڌي هن ڳاڙهن وارن واري عورت کي ڏسڻ لڳي. عجيب ڳالهہ اها هئي جو ان وقت هوءَ سونهري گهنڊيدار وارن واري اهڙي وِگ سان هئي جو سندس شڪل مختلف پئي لڳي. خبر ناهي هوءَ ڪٿان اهڙي وگ خريد ڪري آئي هئي. شايد وقت جي مشهور حجام ليونارڊو هن کي في الحال وگ استعمال ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي.

انهيءَ وچ ۾ دڪان جو ٻيو سيلزمئن ڊيوٽيءَ لاءِ اچي ويو. مون ڳاڙهن وارن واريءَ جي چونڊيل ٽاءِ کي پئڪ ڪرڻ ۽ پئسا وصول ڪرڻ جو ڪم سندس حوالي ڪيو. ان بعد اڌ ڏينهن جي وڪري جو حساب مئنيجر کي ڏيئي ماريا سان گڏ دڪان کان ٻاهر نڪتس.

ماريا مون سان گڏ گڏ هلندي هيٺائين آواز ۾ چيو: “ڪهڙو شخص اهڙي خوفناڪ ٽاءِ لڳائڻ پسند ڪندو؟”

“بس اهو ئي هوندو جيڪو پنهنجي سريت کي خوش ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذوق جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندو.” مون خيال ظاهر ڪيو.

“ٿي سگهي ٿو تنهنجو اندازو صحيح هجي تہ اها ڇوڪري ان قسم جي هجي پر ان سان گڏ گڏ اها نوڪري پڻ ڪري ٿي.” ماريا چيو.

“تون ان کي سڃاڻين ٿي؟” مون پڇيو.

“سڃاڻانس تہ ڪانہ ٿي... پر هن کي پهرين بہ ڏسي چڪي آهيان. شهر جي وچ ۾ منهنجي مڙس جو جيڪو “فرنيچر اسٽور” آهي... هيءَ ڇوڪري اتي جي سيلز اسٽاف ۾ شامل آهي. هڪ طرح جي سيلز گرل ئي آهي.” هن ٻڌايو.

اسان اليڪٽرڪ ڏاڪڻ ذريعي ٽاپ فلور تي پهچي ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويٺاسين. ان دوران ماريا سان ڳالهه ٻولهه مان اهو به معلوم ٿيو ته هن جي اڄڪلهه جي فئشن ايبل حجام سان اڄا ملاقات نه ٿي آهي. وڳ هن پنهنجي طرفان سوچي خريد ڪري لڳائي آهي.

"مون پئي سوچيو ته شايد ليونارڊو منهنجي وارن بابت ڪا خراب خبر نه ٻڌائي." هن وضاحت ڪئي.

"توبهه توبهه ماريا..." مون ڪجهه حيرت مان هن ڏي ڏٺو "تون ته ڪجهه اهڙيءَ طرح جي ڳالهه ڪري رهي آهين جڻ ڊاڪٽر توکي ڪئنسر جي مرض ۾ وڏيڪ فقط ڇهه مهينا جيئرو رهڻ جي خبر ٻڌائڻ وارو آهي."

"آئون اڄڪلهه ڪجهه ائين ئي محسوس ڪري رهي آهيان." هن جي لهجي ۾ ڏسندي ئي ڏسندي اداسي اچي وئي ۽ سندس منهن تان تازگي ۽ کل پوءِ جڻ غائب ٿي ويو. مون لاءِ مسئلي جو اندازو لڳائڻ ڏکيو نه هو.

"گهر جي جنت ۾ طوفان جا آثار نمودار ٿي رهيا آهن ماريا؟" مون مٺي لهجي ۾ چڪيو. "لڳي ٿو گهرو زندگي خطري ۾ آهي."

هن هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين پنيان وقت وڃائڻ بدران ٺڏو ساهه کڻي چيو. "منهنجو مڙس ورٿن مون کي طلاق ڏيڻ ٿو چاهي."

"ڇو؟" مون بي يقيني ۽ حيرت مان پڇيو.

"هو مڃي ته نٿو پر ظاهر آهي ان جو سبب ڪا ٻي عورت هوندي."

"ورٿن مون کي اهڙو ماڻهو ته نٿو لڳي. هو ته قدامت پسند ۽ روايت پرست قسم جو ماڻهو آهي." مون چيومانس، "ان قسم جا ماڻهو فقط هڪ شاديءَ تي ئي گذر ڪندا آهن."

"شايد هو پهرين اهڙو رهيو هجي، پر هاڻ هو بدلجي چڪو آهي. هن ته ورزش لاءِ جيمخاني وڃڻ به شروع ڪري ڏنو آهي. ٽينس کيڏڻ لڳو آهي. پنهنجي ڪپڙي لٽي جو خيال رکڻ لڳو آهي. چڱي خاصي عمر گذارڻ بعد هاڻي وڃي هن کي انهن ڳالهين جو خيال آيو آهي، ان مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي؟"

مون هاڻ محسوس ڪيو ته ماريا جي ميڪ اپ جي تهن هيٺ هلڪا گهنج ۽ ذهني ڇڪ جون علامتون ڏکيل هيون. هن لمحي کن جي ويڳاڻي خاموشي بعد چيو: "مون هن خاطر پنهنجو ڪيريئر قربان ڪري ڇڏيو ۽ هڪ سٺي زال ٿي رهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر ان جو مون کي کهڙو ڦل مليو آهي."

"ٿي سگهي ٿو اهو تنهنجو وهم هجي ته هن جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اوچتو آيل تبديلين پٺيان ڪا عورت آهي." مون چيو.

“هيءُ سڀ جيڪو مون کي پهرين کان ئي وڌيڪ ڏيکاري ٿو.” هن چيو. “اهو هي آهي ته هن مون سان شادي منهنجي ذهانت کان متاثر ٿي نه ڪئي هئي. هاڻ جيڪڏهن هن جي مون ۾ دلچسپي ختم ٿي چڪي آهي ۽ هو مون کي طلاق ڏيڻ چاهي ٿو ته ان جو مطلب صاف ظاهر آهي ته منهنجي ظاهري خوبصورتي ۽ جسماني ڪشش پوين پساهن ۾ آهي. آئون هڪ جهريل عمارت جيان ٿيندي وڃان.”

“خدا جي واسطي اهي بيڪار ڳالهيون بند ڪر. تون ته پهرين کان به وڌيڪ سهڻي ٿي پئي آهين.” مون چيو.. خدا مون کي معاف ڪري.. ڪنهن وقت ڪنهن جي دل رکڻ لاءِ ڪيڏو وڏو ڪوڙ ڳالهائڻو پوي ٿو.

“هو سنئون سڌو ڪٽي ڇوي ته هن کي مون سان محبت نه رهي آهي... يا هو مون تي ڪٽي چڙ ڪري.. هن جو مون سان سلوڪ خراب رهي ته به آئون ان سلسلي ۾ ڪجھ ڪري سگهان ٿي. پر هو ته مون کي نرميءَ جي مار ڏئي رهيو آهي. هو بيحد ميناج ۽ فضيلت سان مون سان ملي ٿو پر هن مون ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي. توکي ته خبر آهي ته آئون هن سان پيار ڪريان ٿي ۽ هن کي هٿن مان وڃائڻ نٿي چاهيان پر مون کي سمجھ ۾ نٿو اچي ته آئون ڇا ڪريان.

“جيڪڏهن هو طلاق بابت سنجيدو آهي ته تون ڇا ٿي ڪري سگهين,” مون چيو مانس. “بس ايترو بندوبست ڪري وٺ ته هن جي ڪجھ ملڪيت تنهنجي نالي ٿي وڃي.”

اسان ٻنهي شاديءَ وقت جيڪو معاهدو سائن ڪيو هو اهو ان جي حساب سان طلاق جي صورت ۾ اسان ٻئي هڪ ٻئي کان ڪو به مطالبو نٿا ڪري سگهون.” هن ٻڌايو.

“ان هوندي به ڪو سٺو وڪيل...” آئون هن کي ان طرح جون دلداريون ڏيندو رهيس. اسان جي ڳالهه ٻولهه بوريت ۽ بيزاريءَ جو رخ اختيار ڪري رهي هئي. مون دل ئي دل ۾ خدا جو شڪر ادا ڪيو ته منهنجي لنچ بريڪ فقط هڪ ڪلاڪ لاءِ هئي.

اوچتو ماريا کي ڄڻ ڪو خيال آيو. هن جي چهري جو پتو يڪدم بدلجي ويو. هن ڄڻ ڪنهن نئين اميد جي سهاري تي ڳالهايو! “ڇنڇر جي ڏينهن شام جو تون ڇا ڪري رهيو آهيان؟”

“تون ڇو پڇي رهي آهين؟”

“مهرباني ڪري ان ڏينهن تون اسان جي گهر ڊنر تي هليو اچ.” هن منٿ ڪندي چيو. “مون پنهنجي مڙس روٽن جي شادي جي سالگره جي سلسلي ۾ خاص ڊنر جو بندوبست ڪيو آهي. پر هو لڳي ٿو آفيس ۾ ئي هوندو. آئون چاهيان ٿي ته تون ان جي اچڻ کان اڳ پهچي وڃ. ڪجھ وقت پاڻ ۾ اڪيلا گذاريندا سين. هو اچي ڏسندو ته مون هڪ ناهوڪي جوان کي ڊنر تي گهرايو آهي ته هن کي ضرور جهٽڪو لڳندو. هن مون کي گهر جي ڪکڙ ئي سمجهي رکيو آهي. هن جي دماغ ۾ هوندو ته هاڻ مون کي ڪو به ڊنگ جو مرد لفٽ نه ڪرائيندو. شايد منهنجي مسئلي جي پاڙ به اهائي آهي. آئون چاهيان ٿي، ٻاهرين ڏيک طور ئي سهي.. پر هن جي اها غلط فهمي دور ٿي وڃي.”

“تنهنجو مطلب آهي تہ هو حسد ۾ مبتلا ٿئي؟” مون عجيب مونجهاري جي حالت ۾ ڪائنس پڇيو. “ان سان کهڙو فائدو رسندو؟”

“شايد هن کي آئون وڻڻ لڳان. تون هن جي سامهون مون سان چڱيءَ طرح هُجائتو ٿي ڳالهائجان ٻولهائجانءِ.” هن چيو.

هن جي گهريلو ۽ ذاتي مسئلن ۾ پوڻ جو خيال مون کي ڏيجاري رهيو هو. هن منهنجي گهٻراهٽ کي محسوس ڪندي چيو:

“آئون توکي تنهنجي وقت ڏيڻ جو اجورو چڱي طرح ادا ڪنديس.”

آئون هن جي ان بنا رک رڪاءُ واري پيشڪش تي حيران ٿيڻ بنا رهي نہ سگهيس. ان جو مطلب هو تہ هن کي گذريل سالن جي عرصي ۾ منهنجي ڪم ڪارين جي چڱيءَ طرح ڄاڻ پئجي رهي هئي. تنهن هوندي بہ مون پنهنجو وقار برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: “هاڻ اهڙي بہ ڳالهہ ناهي. آئون اجورو وٺڻ بنا بہ پنهنجي هڪ پراڻي ساٿيءَ جي ڪم اچي سگهان ٿو.”

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ماريا جي ڪنهن اهڙي عورت سان ملاقات ٿي هجي، جنهن ڪان مون ڪڏهن ڪجهہ پئسا وٺي سندس ڪم سر انجام ڏنو هجي.

“ ان جو مطلب آهي تہ تون ضرور ايندين؟” هن خوش ٿيندي چيو.

“وڏي خوشيءَ مان.” مون پنهنجي ناپسند کي لڪائيندي چيو “پر ڏسجي تہ ڪو فائدو بہ ٿئي ٿو يا نہ.”

“فائدو تہ پڪ ٿيندو.” هن خوش ٿيندي چيو. هوءَ ڪجهہ ائين خوش نظر اچي رهي هئي ڄڻ هن جا سڀ مسئلا حل ٿي ويا هجن. ان وقت مون کي هن تي ترس اچي رهيو هو.

ريسٽورنٽ مان اٿي اسان اليڪٽرڪ ڏاڪڻ ڏي وڃي رهيا هئاسين تہ اوچتو ماريا بيهي رهي، منهنجي ٻانهن کي زور ڏيندي هن چيو : “تورو هيٺ تہ ڏس.”

مون هيٺين ماڙ تي “جوئلري اسٽور” ڏي نظر ڪئي، جيڏانهن هوءَ منهنجو ڌيان ڇڪائي رهي هئي. ان دڪان جي ڪائونٽر تي مون کي اها ئي ڳاڙهن وارن واري “حشر پيدا ڪندڙ” حسينا ڏسڻ ۾ آئي. جيڪا اسان جي دڪان مان هڪ مسخرن جي پائڻ جهڙي ٽاءِ وٺي وئي هئي. هوءَ سونهري وارن واري هڪ قداور همراهہ جي ٻانهن ۾ ٻانهون وجهي، هن سان ڇهتي بيٺي هئي.

ماريا راز واري انداز ۾ پڙ پڙ ڪندي چيو:” هيءَ تہ اها ئي آهي ۽ هن منتوءَ سان گڏ ڇا پئي ڪري.”

“تون ان شخص کي سڃاڻين؟” مون چيو.

“منهنجي مڙس جي شهر واري جنهن اسٽور تي هيءَ ڇوڪري نوڪري ڪري ٿي اتي منتو مئنيجر آهي... پر منتو تہ هڪ تمام سهڻي ۽ سلڇڻي عورت جو مڙس آهي. ڇا هي ٺهي...؟” هن جملي کي اڌورو ئي ڇڏي وڏي خاطريءَ سان چيو. “مون تنهنجي دڪان تي هن لڇي عورت کي اهو چوندي

ٻڌو هو تہ هوءَ اها تاءِ هڪ مڙس لاءِ وٺي رهي آهي. پڪ هن جو مطلب اهو ئي مڙس هوندو.“ پوءِ هن جي لهجي مان ڪاوڙ ۽ نفرت ظاهر هئي. ”توڏنو؟ اهڙا هوندا آهن مرد... ۽ هن خبيث کي اهو بہ خيال ناهي تہ منتوءَ جي زال پڻ هتي خريداري ڪرڻ اچي ٿي. جيڪڏهن هوءَ هنن ٻنهي کي گڏ ڏسي وٺي تہ...؟“

”شايد هنن ۾ ائين ئي سڌي سادي دوستي هجي. آخر ٻئي هڪ هنڌ گڏ ڪم ڪن ٿا.“ مون خيال ظاهر ڪيو.

”هوءَ جنهن نموني سان هن کي چهٽي پئي آهي ان جي باوجود بہ تنهنجو اهو ئي خيال آهي؟ تنهنجو عقل لاڏاٽو ڪري ويو آهي ڇا؟“ ماريا ڪاوڙ مان مون ڏي ڏٺو. هوءَ ڪجھ ائين چتي ٿي رهي هئي ڄڻ هن پنهنجي مڙس کي ان قسم جي حرڪت ڪندي ڏسي ورتو هجي. پوءِ هن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: ”منتو ان قسم جو ماڻهو هرگز ناهي جو اهڙي بيهوده تاءِ لڳائي، جيڪا هن ڏائڻ ورتي آهي!“

”مون کي يقين آهي تہ تون اها ڳالهہ منتوءَ جي زال کي نہ وڃي ٻڌائيندينءَ. اسان پڪ سان نٿا چئي سگهون تہ...“

”توکي فڪر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“ هن منهجي ڳالهہ ڪاٽيندي چيو ”آئون پنهنجو منهن ڪٽي بند رکنديس پر هن ماڻهوءَ اڳيان اهو ضرور ظاهر ڪرڻ چاهينديس تہ مون هن کي هن وقت ڏسي ورتو آهي. جلدي جلدي مون سان گڏ هيٺ اچ.“

هن منهنجي ٻانهن ۾ پنهنجو هٿ اهڙي مضبوطيءَ سان جهليو جهڙي مضبوطيءَ سان هوءَ ڳاڙهن واري منتوءَ جو جهلي پئي هلي. اهو ئي منتو جنهن لاءِ اسان يقين سان سمجهي رهيا هئاسين تہ هو هڪ بيوفا آهي. مون کي پاڻ سان وٺي ماريا تکو تکو هيٺ لهي ان ڪائونٽر وٽ پهتي ۽ منتوءَ جي سامهون اچي هن کي ڪيڪاريو: ”هيلو منتو! ڇا پنهنجي زال لاءِ ڪو هيرن جو هار پيو وٺين. گهٽ ۾ گهٽ هن کي بہ تہ وٺي اچو ها؟“ هن جي لهجي ۾ زهر پريل هو.

منتو ڪجھ بہ پريشان، بدحواس يا احساس جرم جو شڪار ٿيندو نظر نہ آيو. هن وڏي سڪون سان وراڻيو: ”نہ... بس ائين ئي جائزو وٺي رهيا هئاسين.“ پوءِ هن پاڻ سان گڏ هلندڙ ڳاڙهن وارن واريءَ عورت ڏانهن اشارو ڪري چيو ”توهان جي هن سان ڄاڻ سڃاڻ آهي؟“

”نہ... مون کي اهو اعزاز حاصل ناهي.“ ماريا پڙ پڙ واري انداز ۾ ڳالهائيندي چيو.

هن مڙي ڏسڻ جي تڪليف بہ نہ ڪئي ۽ هڪدم اتان اڳتي هلي وئي. آئون هن جي پٺيان هوس. هوءَ بيحد ڪاوڙيل لڳي رهي هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن هن جي ڦٽن تي ڪٽي لوڻ ٻرڪيو هجي. جنهن زماني کان مون هن کي سڃاتو ٿي ان وقت کان اج تائين هن جي شخصيت ۽ مزاج ۾ ڪيترين ئي تبديليون اچي چڪيون هيون. سچي ڳالهہ تہ اها هئي تہ هن جي چال چلت مون کي ڊيڄاري رهي هئي.

”منتوءَ جي زال تمام شريف ۽ سادي عورت آهي.“ هن رستي تي مون کي ٻڌايو. ”هي مردود هن کي خبر ناهي کهڙا کهڙا ڏتا ڏيندو هوندو. آخرڪار هن کي هيءَ ڳالهہ ڪونہ ڪو ضرور ٻڌائي تہ

چڏيندو پر ان هوندي به هوءَ ڪجهه ڪري نه سگهندي. آئون ان جي جاءِ تي هجان ها ته اهڙي خبيث مڙس کي قتل ڪري ڇڏيان ها.“

آئون ڊنر جي دعوت تي ماريا ۽ ورٽن جي شاندار گهر پهتس ته ماريا تمام خوبصورت لباس ۾ منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. هن جا وار به پهرين کان تمام بهتر سهڻا نظر اچي رهيا هئا. شايد اهو ليونارڊو جو ڪمال هو. مون خدا جو شڪر ادا ڪيو ته ماريا ان ڏينهن واري وِگ اڄ نه پاتي هئي. سندس مڙس ورٽن ڪٿي به نظر نه پئي آيو.

”مون هن کي ڪالهه ئي تاڪيد ڪئي هئي ته گهٽ ۾ گهٽ اڄ هو دير ڪري نه اچي...“ ماريا ٻڌايو. ”پر هن جا حال اهي آهن جو تي سگهي ٿو ته کيس اهو به ياد نه رهيو هجي ته اڄ هن جو برٿ ڊي آهي. ڪجهه عرصي کان هن جو عجيب حال آهي.“

ڪاڌي جي ٽيبل تمام خوبصورتيءَ سان سجايل هئي. گلدان ۾ گل ۽ شمعدادن ۾ ميڻ بتيون موجود هيون. هوءَ ڪاڌي جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪچن ۾ هلي وئي. مون وڏي واڪي ڪائنس پڇيو. ”تون منهنجي موجودگيءَ بابت پنهنجي مڙس کي ڇا چونديءَ؟“

”آئون هن کي چونديس ته مارڪيٽ ۾ توسان ملاقات ٿي هئي. اسان منجهند جي ماني گڏ ڪاڌي ۽ ان موقعي تي مون توکي ڊنر تي اچڻ جي دعوت ڏني هئي. هن کي اهو تاثر به ڏيڻو آهي ته اسان جي ته اڪثر ملاقات ٿيندي رهي ٿي. منهنجي دل چوي ٿي ته منهنجي ان تدبير جا نتيجا تمام سنا نڪرندا. آئون هن جا تاثرات ڏسڻ لاءِ بي چين آهيان.“

ماريا جو هي انتظار ڪجهه وڌيڪ گهٽو ٿي ويو. تمام گهڻي دير ٿي وڃڻ جي باوجود ورٽن جي اچڻ جا آثار نظر نه آيا. ماريا جي انتظار جي آنڌ مانڌ فضا ۾ هڪ عجيب ڪشيدگي ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي.

”آخر هو ڇو نه آيو؟“ هوءَ ذري ذري چوندي رهي.

”شايد هن کان واقعي وسري ويو هجي ته اڄ هن جو برٿ ڊي آهي.“ مون چيو.

”نه. آئون ته چرچو ڪري رهي هيس. هو پنهنجي سالگره جو ڏينهن ڪڏهن به پلبو نه آهي.“ هن جلديءَ ۾ ٻڌايو ۽ ميز تي رکيل ٿاءِ جي پئڪٽ ڏي ڏٺو.

آهستي آهستي هن جي آنڌ مانڌ ۽ جوش و خروش ۾ ڏيرج ايندي وئي. آخرڪار هن تي هار جو احساس ڇانئجي ويو. ٻن ڪلاڪن بعد بيزاريءَ مان چيو. ”هاڻ ته پاڻ کي ماني ڪائي ڇڏڻ کپي.“

هن ڏڪندڙ هٿن سان ميڻ بتي کي ٻاريو. مون شئمپئن کي گلاسن ۾ اوتيو. جشن جون سڀ شيون موجود هيون پر اسان ائين ماٺ ماٺ ۾ ماني ڪائيندا رهياسين ڄڻ اسان جو ڪو مائٽ مري ويو هجي. اسان وٽ ڳالهائڻ لاءِ هاڻ ڪجهه بچيو به نه هو. مانيءَ بعد ماريا ٻئي ڪمري ۾ بي جان ٿي صوفي تي ويچي ڊَني. آئون اخلاقي طور ماريا جي ڪم جو ڪجهه بار هلڪو ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ ويچي ٿانوا ڌوئڻ لڳس. هن مون کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي.

ٽانوَ ڏوڻ بعد مون موڪلائڻ جي ڪئي تہ ماريا ڏنل هرڻيءَ وانگر ڇرڪندي چيو :“ نہ... نہ... خدا جي واسطي نہ وڃ.. ڪٿي آئون اڪيلي سر ڪجهہ ڪري نہ ويهان... سوئر جو اولاد... سوئر جو اولاد!”.

هن خبر ناهي اجا ڇا ڇا ٿي چوڻ چاهيو پر سڏڪن ۾ هن جو آواز گهٽجي ويو.

اسان شئمپيئن شراب جي سڄي بوتل خالي ڪري ورتي پر ان هوندي بہ اسان ڪي ڪو سرور يا ترنگ نہ آيو. فقط گهڙيال جي ٽِڪ ٽڪ گهاتي ماٺ جي دروازي تي ڪڙو هڻندي رهي. انتظار ماٺ ۽ اندر جو مونجهہ ذهن کي پريشان ڪري رهيو هو. اوچتو هن هڪ ڪوڪلو ٽهڪ ڏنو ۽ روئڻهارڪي انداز ۾ چيو: “چو نہ پاڻ مٿي بيڊروم ۾ هلون. ڪيڏو نہ سٺو ٿئي جو هو اچي تہ پاڻ کي قابلِ اعتراض حالت ۾ اچي ڏسي.”

هن لمحو بہ سوچيو ۽ پوءِ... هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: “تو صحيح ٿي چيو.”

“ان مان فائدي بدران نقصان ٿيندو.” مون چيو.

شئمپيئن شراب مون تي هميشہ غنودگي طاري ڪريو ڇڏي. ان رات بہ آئون شايد ڪجهہ دير لاءِ سمهي رهيو هوس. ايتري ۾ دروازو زور سان بند ٿيڻ جي آواز تي ننڊ مان ڇِرڪي اٿيس. مون ماريا جي مڙس ورٽن کي دروازي وٽ نمودار ٿيندي ڏٺو. هو ٿاٻڙندو اچي رهيو هو ۽ سهاري لاءِ هن در جي چونڪ کي ڪٺي جهليو. هن جا وار وکريل هئا ۽ نشي ۾ ڌُت نظر اچي رهيو هو. ماريا پنهنجي جاءِ تان اُٿي ۽ باهہ جي ڇپن جهڙين نظرن سان هن کي گهوريندي چيو: “ڪيڏانهن وڃي مئو هئين تون؟”

“ناراض نہ ٿي ماريا!” ورٽن ٿاٻڙيل آواز ۾ وراڻيو. “ڪجهہ منهنجي آفيس جا ماڻهو سالگره جي خوشيءَ ۾ مون کي پيئڻ پيارڻ لاءِ بار ۾ وٺي ويا هئا. شايد ڇرڇي پوڳ ۾ آئون ڪجهہ وڌيڪ ئي پي ويو آهيان... ۽ مون کي وقت گذرڻ جو احساس بہ نہ رهيو...”

هو جهومندو اڳيان ائين وڌيو ڄڻ ڄاڻ تہ منهن پر ڦهڪو ڪيائين. ان وقت ماريا جي نظر هن جي ٽاءِ تي پيئي جيڪا ڍري ٿيڻ ڪري گهنججي هن جي ڳچيءَ ۾ لڙڪي رهي هئي. اها ساڳي تکن رنگن واري ترڙي ٽاءِ هئي جيڪا ڳاڙهن وارن واري ڇوڪريءَ خريد ڪئي هئي. ماريا جي ڳلي مان گهٽيل رڙ نڪري وئي. ورٽن منهنجي موجودگيءَ جو ڪو نوٽيس نہ ورتو هو. هو ٿاٻرندو بيڊروم جي ڏاڪڻ ڏي ويو.

“آئون واقعي معافي گهرڻ چاهيان ٿو... ان کان اڳ جو آئون ڪري پوان... مون کي مٿي وڃي سمهڻ کپي...” هن ويندي ويندي قسطن ۾ چيو. معافي هن شايد مون کان بہ ورتي. ماريا خاموشيءَ سان هن کي ڏاڪڻيون چڙهندو ڏسندي رهي ۽ جڏهن هو نظرن کان غائب ٿي ويو تہ هوءَ مون ڏي وڌي. هن جي منهن تي موت جهڙو خوف ڇانيل هو. “تو ڪجهہ ڏٺو؟” هن سس پس واري انداز ۾ چيو “تو اها ٽاءِ ڏٺي؟ سوئر جو پٽ مون کي بلڪل احمق سمجهي ٿو...” هن اونهو ساهہ کنيو “ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هوءَ ڳاڙهن وارن واري لُچي عورت هيءَ ٽاءِ منٿو لاءِ نہ پر منهنجي مڙس ورٽن لاءِ وٺي رهي هئي. هي

خبيث هن وقت هن وٽان ئي اچي رهيو آهي ۽ مون کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته اسٽور جا ملازم هن کي پيئڻ پيارڻ جي دعوت لاءِ وٺي ويا هئا.

پوءِ هوءَ ڊائننگ روم ۾ وئي ۽ ان ڏاءِ جو پئڪيٽ ميز تان کڻي آئي. جيڪو هن پاڻ پنهنجي مڙس کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ رکيو هو. هن ڪاوڙ ۾ ڏاءِ جو پئڪيٽ ڦاڙي ڦٽو ڪيو ۽ دبيءَ مان ڏاءِ ڪڍي ان کي به ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو وس پڄي ها ته ان کي ڪوندو ڪوندو ڪري ڇڏي ها, پر هوءَ ان کي ڦاڙڻ ۾ ناڪام رهي. آخر هن ان کي فرش تي پري ڪڍي اڇلايو.

آئون اهڙي موقعي تي پلا ڇا چئي سگهيس ٿي. ڇا ڪري سگهيس ٿي؟ منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو. مون چپن ئي چپن ۾ خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه جي ڪانئس معافي ورتي ۽ چپن ۾ ئي کيس خدا حافظ چئي اتان کسڪي ويس. هن شايد منهنجو آواز به نه ٻڌو هوندو. شايد هن کي منهنجي موجودگيءَ جو احساس به نه رهيو هجي ۽ نه ئي هن کي منهنجي وڃڻ جي خبر پيئي. هوءَ ان وقت ڪاوڙ ۽ جوش ۾, حسد ۽ رقابت جي باهه ۾ سڙي رهي هئي.

مون آخري ديدار وقت ورٽن کي تابوت ۾ ليٽيل ڏٺو ته ان وقت به هو ان ئي سوٽ ۾ هو. هن جي ڳچيءَ ۾ اهڙي ئي سوبر ڏاءِ ٻڌل هئي جهڙي ماريا هن لاءِ ورتي هئي پر هيءَ اها ڏاءِ بهرحال نه هئي. اها ڏاءِ پوليس شاهديءَ طور پاڻ وٽ رکي ڇڏي هئي_ جنهن سان ماريا گهوگهو ڏيئي مڙس کي ماريو.

چرچ ۾ ورٽن جي آخري رسمن بعد آئون گهر ڏي تي موٽيس ته منٽو منهنجي پر ۾ اچي ويٺو ۽ چيو: " توهان اهي ئي آهيو نه جنهن کي مون سپر مارڪيٽ ۾ ماريا سان گڏ ڏٺو هو؟"

"توهان صحيح سڃاتو." مون صاف صاف ٻڌايو مانس.

"ويچاري ماريا...!" هن تسلي ڏيڻ واري لهجي ۾ چيو.

"ويچارو ورٽن... " مون چيو.

"اسان کي محسوس ته ٿي رهيو هو ته حد کان وڌيڪ حسد ۽ رقابت جي ڪري ماريا جي ذهني توازن ۾ فرق اچي رهيو هو پر اسان پلا ڇا ٿي ڪري سگهياسين؟ منهنجي زال هن کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هن جي ذهن ۾ اهو خيال جن وانگر چهٽيو رهيو ته ورٽن هن سان بيوفائي ڪري رهيو آهي. پنهنجي ان وهم جي ڪري هن ورٽن جا اهڙا ته ڪن ڪائڻ شروع ڪيا جو هن ويچاري جي گهر وڃڻ تي دل نٽي وري. هڪ به دفعو ته هن بيزار ٿي ماريا کي طلاق ڏيڻ جي به ڌمڪي ڏني ته من اهڙي طرح هن جو رويو بدلجي پر اهو طريقو به ڪارگر ثابت نه ٿيو."

مون هن ڏي بنا اک ڇنڀ جي ڏسندي چيو: "تنهنجو مطلب آهي ته ... نه... ڳاڙهن وارن واري سان ورٽن جو ڪو چڪر نه هو؟"

" نه... نه ... هرگز نه." منٽوءَ ڀرپور يقين سان چيو. "توکي اهو خيال ڪيئن آيو؟"

" ان ڏينهن سپر مارڪيٽ ۾ هن ڳاڙهن رنگن واري هڪ ترڙي ڏاءِ خريد ڪئي هئي. هن جي گول مول ڳالهه ڪرڻ مان مون ۽ ماريا اهو تاثر ورتو ته هوءَ اها ڏاءِ پنهنجي شادي شده محبوب لاءِ خريد

ڪري رهي آهي. پوءِ ان رات ورتن اها ٽاءِ ٻڌي گهر پهتو. اهو ٽي ڏسي اصل ۾ ماريا هوش حواس وڃائي ويٺي ...“

ماريا جي گهران منهنجي موٽڻ بعد ٿيو هيئن جو ماريا فرش تان پنهنجي اڇلايل ٽاءِ ڪٽي سڌي مٿي بيڊروم ۾ پهتي، جتي سندس مڙس بي هوشيءَ جي حالت ۾ ستل هو. ماريا پنهنجي آنڊل ٽاءِ جو ڦندو هن جي ڳچيءَ ۾ وجهي هن کي اهڙو گهٽو ڏنو جو اندر جو ساهه اندر ٻاهر جو ٻاهر.

مون منٽو کي وڏيڪ ٻڌايو ”پهرين ته جوئيلري اسٽور ۾ نوڪري ۾ ڳاڙهن وارن واريءَ کي هڪ ٻئي سان بي تڪلفانه لڳي بيٺل ڏسي ماريا سمجهيو ته تنهنجو هن سان ڪو چڪر هلي رهيو آهي.“

”اها ته هڪ نا قابلِ يقين ڳالهه آهي. هن سان منهنجي سٺي دوستي ضرور آهي پر ڪو چڪر ناهي. هن جو ته هڪ نوجوان سان مڱڻو ٿي چڪو آهي. در اصل اسان واري اسٽور جي سڄي اسٽاف چرچي طور هڪ منصوبو ناهيو ته ورتن کي ڪا ترڙي قسم جي ٽاءِ تحفي ۾ ڏني وڃي. اهڙي ٽاءِ جيڪا هن جي ذوق جي بلڪ خلاف هجي. ۽ پوءِ سڀ گڏجي هن کي اها ٽاءِ ٻڌڻ لاءِ مجبور به ڪنداسين. اهو سڀ ڪجهه فقط چرچي خاطر هو. اهڙي قسم جي ٽاءِ جي ڳولا لاءِ اسان هن ڳاڙهن وارن واري سيلز گرل کي چيو هو...“

ان واقعي ڪانپوءِ مون ان ”ٽاءِ بار“ دڪان جي نوڪري ڇڏي ڏني. مون اهو ٽي محسوس ڪيو ته هاڻ آئون ڪافي عرصي تائين نيويارڪ ۾ ذهني سڪون سان رهي نه سگهندس. ويسٽ پام جي علائقي مان منهنجي هڪ دوست خط لکيو هو ته آئون اوڏانهن هليو اچان. اتي منهنجي مطلب جون خوشحال عورتون وڏي تعداد ۾ نظر اچن ٿيون.

سو آئون ويسٽ پام علائقي ۾ اچي ويو آهيان... ۽ هتي آئون گهڻو خوش آهيان. وقت تمام سٺو گذري رهيو آهي. هتي جي سڀ ڪان سٺي ڳالهه اها آهي ته اڃا تائين مون ڪنهن مرد کي ٽاءِ لڳائيندي نه ڏٺو آهي.

(هن ڪهاڻيءَ بابت ٻه ڳالهيون: عيسائين جا ڪجهه فرقا مئل کي دفن ڪرڻ مهل سوٽ، ڪوٽ، ٽاءِ جوتا پارائي پوءِ دفن ڪن. ”ويسٽ پام“ سمنڊ جي ڪناري وارو شهر آهي، جتي موڪلون ملهائڻ لاءِ آمريڪن ۽ ڌاريان اچن ٿا. موسم خوشگوار هجڻ ڪري ڪوٽ سوٽ ٽاءِ بدران رنگين گلن ڦلن واريون بشرٽون پائين ،جيئن هوائي، تهتي يا جاوا، بالي ۽ فجي جهڙن ٻيٽن تي. مترجم)
(ليکڪ: نامعلوم)

# ملڪورا بيٽ تي ٿيل حادثو . . .

مسٽر ايسٽو جهاز جي ٻنوڙي وٽ بيهي سامهون ملڪورا بيٽ جي ڪناري ڏي ڏسي رهيو هو. جهاز ۽ ڪناري جي وچ وارو فاصلو آهستي آهستي گهٽجي رهيو هو ۽ ڪناري تي ٿهيل اڇي رنگ جا گهر ۽ هوٽلون به نظر اچي رهيون هيون. انهن اڳيان مهاڻن جون مڇيون ڦاسائڻ واريون ڄاريون ڇڪيل رسن تي سڪي رهيون هيون.

جهاز هاڻ ملڪورا بيٽ جي ڪناري جي ويجهو اچي چڪو هو. ڪناري تي ماڻهن جا انبوهه هئا. جيڪي پنهنجن ڪم ڪارين ۾ رُڌل هئا ۽ خوش باش نظر اچي رهيا هئا. ملڪورا بيٽ جو ڪنارو پنهنجي سائنٽيڪي ماحول ڪان مشهور هو ۽ اتي جا ماڻهو سڀاجهڙا ۽ امن پسند هئا. ڪڏهن به ڪو گوڙ گهمسان نٿي ٿيو پر هي اسان وارو يار ايسٽو ههڙي ماحول ۾ پهچي به منڌل نظر پئي آيو. هن جي ذهن ۾ هڪ طوفان متل هو. ان سفر ۾ هن جي زال به هن سان گڏ هئي پر لڳو ٿي ته جاڻ ته هوءَ ان رشتي جي قيد مان آزاد ٿي. هن جون نگاهون ماڻهن تي هيون پر هن جو ذهن سوچن ۾ وڪوڙيل هو. هو جلد پنهنجي زال مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو هو. هو هن کي قتل ڪرڻ وارو هو؟

پوءِ هن جي زال به اچي هن جي پير ۾ بيٺي. جهاز هاڻ لنگر ڪيرائڻ وارو هو. سندس نگاهون ڏڪي تي بيٺل ماڻهن ۾ ڪتل هيون.

"هو ڏس، سامهون پنهنجو چوڪيدار بيٺو آهي." هن جي زال رڙ ڪري ٻڌايو.

هن بيٽ تي ٺهرايل سندن بنگلي جو هي چوڪيدار هو ۽ جڏهن به هي گهمڻ خاطر هتي ايندا هئا ته چوڪيدار سندن دل وٽان خدمت چاڪري ڪندو هو.

جهاز لنگر ڪيرايو. ڏڪي سان ٻڌجڻ سان چوڪيدار سندس سامان ڪٽائي رستي جي ٻئي پاسي بيٺل ٽئڪسين مان هڪ ۾ اچي رکيو.

"سائين هن دفعي توهان يڪو ٻن سالن بعد هتي آيا آهيو." چوڪيدار کين چيو. "توهان ماڻهن کي هتي ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي."

ايسٽوءَ مرڪي چوڪيدار جي پٺي ٺپري، دل ئي دل ۾ سوچيو ته اسان ٻنهي کي گڏ ڏسي توکي خوشي ٿيندي هوندي، باقي جنهن ماڻهوءَ سان نفرت هجي ان مان جلد جان ڇڏائڻ بهتر آهي. نه ته آهستي آهستي زندگي جهنم ٿيو پوي.

اها حقيقت هئي ته هن دولت خاطر شادي ڪئي هئي پر شاديءَ ڪانپوءِ ايسٽوءَ جي ئي محنت ڪري ان ملڪيت ۾ ڪافي واڌارو آيو هو. پر سندس زال ڪيس هڪ گهٽ درجي جو ماڻهو سمجهندي هئي. شاديءَ کان ٿورن ڏينهن بعد ئي ظاهر ٿي ويو هو ته هنن جي وچ ۾ زال مڙس وارا ناتا به ڪي نالي ماتر ئي وڃي رهيا آهن. هوءَ ته هن کي پنهنجي برابر به نٿي سمجهي. ماڳهين ڪڏهن ڪڏهن ته هو

پاڻ کي نوڪرن جي قطار ۾ بيٺل محسوس ٿو ڪري. سندس هر ڳالهه جي ابتڙ هلڻ کي هوءَ فئشن ٿي سمجهي. نفرت جي اها حد سندس زندگيءَ ۾ زهر ملائي رهي هئي. خبر ناهي هن کي اهو رويو رکڻ مان ڇا ٿي مليو؟ هن جي اذيت پسند طبيعت کي هڪ آسودگي حاصل ٿي ٿي، جڏهن هوءَ ڏسندي هئي ته سندس تعلقات خراب کان خراب ٿيندا وڃن ۽ مڙس کان وڌيڪ صبر نه پيو ٿئي.

ايسنتوءَ اهو ئي سوچيو ته هيستائين جيڪو ٿيو سو ٿي گذريو پر هاڻ هي ڊرامو اڳتي هلي نه سگهندو. زندگي لڳاتار ضد ۽ ساڙ جو مثال بڻجي چڪي هئي. جيڪي ڪجهه هن ڪرڻ چاهيندو ٿي ان جي ابتڙ هن سوچيو ٿي ۽ ائين ڪري ڏيکارڻ ۾ هوءَ هميشه ڪامياب ٿيندي هئي. ڪڏهن ايسنتو پيار وچان ڪيس ڪو سهڻو ڪوٽ آڻي ڏيندو هو ته هوءَ ڪيس ساڙڻ لاءِ ٺوڪ طور کلي ان ڪوٽ کي ڪٽي ڪنڊ پاسي ۾ اڇليندي هئي. اهڙيءَ طرح پنهنجي مڙس کي ڏکوئڻ سان سندس اذيت پسند طبيعت آسودگي محسوس ڪندي هئي، پر هاڻ کيل ختم ٿي چڪو هو. هاڻ ايسنتو پنهنجي ڪارروائي ڪرڻ وارو هو. هن جي ذهن ۾ هڪ پلوڙ منصوبو هو.

ڪيس رڳو هڪ ڊپ هو . اهو هيءُ ته متان هوءَ ملڪورا اچڻ لاءِ راضي نه ٿئي. ڇو ته هو جيڪڏهن هن کي ملڪورا ٻيٽ ڏي هلڻ لاءِ چوندو ته هوءَ برمودا هلڻ لاءِ ضد ڪندي. پر تعجب جي ڳاهه اها ته هن جڏهن ڪيس ملڪورا هلڻ لاءِ چيو ته هن هڪدم خوشيءَ مان هائو ڪار ڪئي. ان ڳالهه تي ايسنتوءَ کي حيرت به لڳي جو شاديءَ کان پوءِ شايد هي پهريون پيرو هو جو هن سندس ڳالهه جي ابتڙ ڪم نه ڪيو ۽ انهيءَ رضامندي جي ڪري اڄ هو ٻئي هتي ملڪورا ۾ گڏ هئا ۽ هاڻ باقي ڪم رٿيل منصوبي مطابق تمام سولائيءَ سان ٿيڻو هو.

ٻه سال اڳ جڏهن هو هن ٻيٽ تي ٻن هفتن لاءِ گهمڻ ڦرڻ ۽ آرام لاءِ آيا هئا ته هتي هڪ حادثو ٿيو هو. هي حادثو جابلو علائقي وارن گهرن ۾ ٿيو هو جتي سندن گهر هو. ان حادثي هن جي ذهن ۾ هڪ خيال کي جنم ڏنو هو ۽ هن اهڙو منصوبو ٺاهيو هو جو ڪنهن به صورت هن کي نقصان رسڻ جو انديشو نه هو.

هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ کي هن جي دوستن گئلريءَ تان هيٺ ڪِرندي ڏٺو هو- جن جي چوڻ مطابق ڪنهن پارٽيءَ دعوت ۾ هوءَ گهڻو پي وئي هئي ۽ نشي جي حالت ۾ گئلريءَ مان جيئن ئي هيٺ جهڪي ته ڪري پئي هئي. هيٺ ڪنڊائتن جبلن جون قطارو هيون جن ۾ ڪرڻ سان هوءَ ايترو ته چٿرجي وئي هئي جو ڪو به سڃاڻي نٿي سگهيس. پوليس پارٽي هن کي ڳولي ٻاهر ڪڍي آئي هئي ۽ ان موت تي هنن رڳو افسوس ڪيو هو. ٻيو ڪجهه ڪري به ڇا ٿي سگهيا. پڇا ڳاڇا بعد اهو ئي ظاهر ڪيو ويو ته اهو هڪ حادثاتي موت هو ۽ موت جي هڪ سادي سودي رسم ادا ڪرڻ بعد هن کي دفنايو ويو هو.

ان قسم جو جيڪڏهن هڪ ٻيو به حادثو ٿي وڃي ته ڪنهن کي ڪهڙو شڪ ٿي سگهي ٿو. ايسنتوءَ جو اهو منصوبو هو ته زال کي شراب ۾ نشي جون گوريون ملائي کارائڻ بعد هن کي گئلريءَ وٽ

وٺي ويجهي جتي هوءَ شراب ۽ گورين جي نشي ڪري پنهنجو پاڻ کي سڌو جهلي نه سگهندي ۽ ويجهي هيٺ ڦهڪو ڪندي. پر جي هيٺ ڪرڻ جي نه به ڪيائين ته ٿوري ئي ٽيلهي ڏيڻ سان هيٺ ڪيرائي سگهجيس ٿو ۽ هاڻ جڏهن هر ڳالهه منصوبي موجب پئي ٿي ته ڪيس ذرو به دير نه ڪرڻ کپي.

چوڪيدار ۽ سنڌس زال رات جي ماني ڪارائي پنهنجيڪوارٽر ڏي روانا ٿي ويندا هئا. جيڪو گهر جي هيٺئين حصي ۾ هو. هو وري صبح جو سوير ڪم ڪار لاءِ اچي حاضر ٿيندا هئا. رات جي مانيءَ ڪانپوءِ ايسٽو ڪتاب ڪڍي پڙهڻ لڳو. جيسين چوڪيدار وارا وڃن. ٿوري دير بعد چوڪيدار موڪلائڻ لاءِ آيو. ۽ پوءِ هو هن جي ويندڙ وکن جو آواز ڪا دير ٻڌندو رهيو. هن جي دل جيتوڻيڪ ڏڪي رهي هئي، پر پنهنجو پاڻ کي قابوءَ ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

هاڻ هو سوچي رهيو هو ته فيصلي جو وقت آخرڪار اچي ويجهو ٿيو آهي. هن ڊائننگ روم ۾ وڃي پنهنجي گلاس ۾ وسڪي وڌي ۽ اتان ئي دانهن ڪري زال کان پڇيو: ”تولاءِ ڇا آڻيان؟“

”ڪو به هلڪو ڦلڪو شراب.“ جوڊس ورائيو.

هن جي عادت هئي ته سمهڻ کان اڳ هوءَ هڪ گلاس شراب جو پيئندي هئي. ان ڪري هڪ دفعو وري هن کي ڪا رنڊڪ پيش نه آئي ۽ هن گلاس ڪڍي منجهس پهرين شراب وڌو پوءِ نشي جون گوريون ملايون. ان ۾ ٿورو اسڪاچ پيو به وڌو ۽ مٿان پوءِ سوڊا پڻ. هن اهو ان ڪري ڪيو جو مٿان گلاس چپن تي رکڻ سان هن کي نشي جي گورين جي خبر پئجي وڃي.

هو ٻئي گلاس ڪڍي لائونج ۾ آيو. هڪ گلاس زال ڏي وڌايائين جنهن ۾ گوريون مليل هيون.

”چيئرس ڊارلنگ!“ هن زال ڏي نهاريندي چيو.

جوڊس گلاس چپن تي رکي سُرڪ پري يڪدم پري ڪري چيو: ”ڇاهي بوربن آهي؟!“

”نه اسڪاچ آهي. مون پاڻ سان گڏ آندو هو.“ هن جواب ڏنو.

” مون ته پئي سمجيو ته پاڻ کي هتي شايد اسڪاچ وسڪي نه ملي سگهي. بهرحال تو منجهس سوڊا تمام گهٽ ملائي آهي، ان ڪري ٿورو ڪسارو ٿي پيو آهي. ۽ پوءِ هن مرڪندي چيو.

” هن ۾ ٿوري سوڊا ملائي ايندين؟“

” ڇو نه.“ هن پنهنجو گلاس ميز تي رکندي چيو ۽ زال کان سنڌس گلاس ورتو.

جڏهن هو ڊرائينگ روم ۾ هليو ويو ته سنڌس زال جو آواز ڪن تي پيس. ”ڊارلنگ پاڻ جڏهن موڪلن لاءِ هتي اچون ٿا ته تون ڪجهه وڌيڪ ئي وڻڻ لڳين ٿو. ڇو جو تون دنيا جي غم فڪر کان آزاد ٿي ڪافي کِل مُک ۽ سهڻو نظر اچين ٿو. پاڻ کي ان ريت هوند گهڻو وقت گذارڻ کپي.“

”خيال ته تمان سنو آهي.“ هن اتان ئي جواب ڏنو پر دل ئي دل ۾ چيو بس رڳو هي گلاس پيئڻ جو انتظار ڪر، پوءِ تون موڪلن جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ به جيئري نه رهندينءَ. هن گلاس ۾ ٿوري ٻي سوڊا ملائي ۽ گلاس ڪڍي لائونج ۾ آيو. سنڌس زال مرڪي رهي هئي.

”چيئرس ڊارلنگ.“ سنڌس زال چيو.

ايسٽوءَ پنهنجو گلاس وات تي رکيو ۽ هڪ ئي ساهه ۾ گلاس خالي ڪري ڇڏيو. ساعت ڪن لاءِ هن کي سڄو ڪمرو گول ڦرندي نظر آيو. هن ٻنهي هٿن سان پنهنجي هيٺ کي ڪٽي جهليو. هن جي بدن ۾ سيوڪاري پئجي وئي.

غاليچي تي هيٺ ڪِرڻ کان اڳ هن جو ساهه جسم جي قيد مان آزاد ٿي ويو.

سندس زال ته ڪيس ان وقت ئي مرندي ڏسي ورتو هو جڏهن هو پنهنجو گلاس ميز تي رکي هن جي گلاس ۾ سوڊا وجهڻ لاءِ ٻئي ڪمري ڏي وڌيو هو سندس زال هن جي گلاس ۾ پوٽيشيم سائنائيڊ جهڙو ڪو زهر ملائي ورتو. هوءَ ڪجهه دير لاءِ ڪرسيءَ تي ماٺ متوڙيءَ ۾ ويٺي رهي. پوءِ هوءَ اٿي ۽ مڙس جي لاش کي گلئريءَ تائين ڇڪي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪرڻ لڳي! آمريڪي ڇوڪريءَ جو گئلريءَ مان هيٺ ڪري مرڻ جو حادثو هن جي ذهن ۾ به محفوظ هو.

# ڏاڪا پهچندي . . .

رات جلدي جلدي گذري رهي هئي. ڏاڪا وڃڻ واري ايڪسپريس گاڏي ٿوري دير لاءِ جمالپور اسٽيشن تي ترسي. انٽر ڪلاس ۾ ڪي گهڻا مسافر نه هئا. سو ڪافي جڳهه خالي هئي ۽ ڪيترائي مسافر سيٽن تي ٽنگون رکي کونگهرا هڻي رهيا هئا. هاڻ گاڏيءَ هلڻ جي تياري ڪئي. انجڻ روائتي سيٽي وڄائي، هن جي سيٽي گهوڙي جي ٽڙگهٽ مان نڪرندڙ آواز سان گهڻو ملي ٿي. اڌڙوٽ عمر جو هڪ همراهه ڀوڙڙي اچي دٻي ۾ چڙهيو. هن جي پوشاڪ سادي هئي. اکيون اندر ويل ۽ منهن تي زندگيءَ جي سختين جا آثار هيس. هو رات جي سکون کان بي نياز هو. لڳو ٿي ننڊ جهڙي عياشيءَ کان ته هو ڪڏهن کو هٿ ڌوئي وينو آهي.

دٻي ۾ ٻه همراهه اجا به جاڳي رهيا هئا. هڪ نوجوان هو جنهن جي عمر ويهه ايڪيهه سالن جي لڳ ڀڳ ٿيندي. نوجوان سان گڏ هڪ عورت هئي، جنهن جي عمر جو اندازو لڳائڻ ممڪن نه هو ڇو جو هوءَ پردي ۾ هئي. جيتوڻيڪ پليٽ فارم جي چونجهي روشنيءَ ۾ هن جو پاسيرو خاڪو نهي سگهيو ٿي. نوجوان دريءَ مان ٻاهر نگاهه ڀوڙائي ۽ پوءِ سکون جو ساهه کڻي دٻي ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. اڌڙوٽ قسم جون نئون آيل همراهه ٿورو پريرو وڃي وينو. هن جي جاءِ ڪا گهڻو پري نه هئي. هو هن جوڙي کي چٽيءَ طرح ڏسي سگهيو ٿي. هن جو ڌيان هنن ٻنهي ڏي هو. گاڏي هلڻ لڳي. نوجوان سس پس ڪندي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو: ”اجهو ته سج نڪتو پاڻ ائين وڃي ٽائينڊاڪا پهچي ويندا سين.“

عورت لوئيءَ سان پنهنجو منهن چڱيءَ طرح ڍڪيندي چيو : ” پر مون کي ڊپ ٿو لڳي.“

”توکي ڇو ٿو ڊپ لڳي؟ ڏاڪا تمام وڏو شهر آهي. اتي پاڻ کي ڪير به ڳولي نه سگهندو.“ نوجوان دلداري ڏيندي چيس.

”ڇا واقعي ائين آهي؟“ عورت بي يقينيءَ مان پڇيو.

”ٻيو نه ته وري.“ نوجوان پروسي سان ورائيو.

عورت نئين آيل اڌڙوٽ عمر واري همراهه ڏي وري ڏٺو ۽ ٿورو هيسجي وئي. نوجوان محسوس ڪيو ته نئون آيل همراهه جيتوڻيڪ هنن ڏي نهاري رهيو آهي پر ماٺ ۾ ئي آهي ۽ هن جي نگاهن ۾ تجسس يا واحياتپڻو ناهي. نوجوان مرڪيو. هن سوچيو عورتون فطري طور ڊڄڻيون ٿين ٿيون. پوءِ هن پنهنجو وات عورت جي ڪن اڳيان ڪري چيو : ”ڇا تون هن همراهه کان ڊڄين ٿي؟ ڏسين نٿي ته هو ڪيڏو شريف لڳي رهيو آهي.“

عورت ورائيو: ”پر پاڻ ايندڙ اسٽيشن تي لهي پوندا سين.“ هن جي آواز ۾ ڏڪڻي هئي.

”ڇري ته نه ٿي آهين. رات جو وقت آهي. پاڻ هن وقت لهي ڪٿي رلندا رهندا سين؟“

"گهڻو رُلڻو نـ پوندو. پاڻ ٻي ترين رستي ڏاڪا هليا هلنداسين."

"واهـ! رڳو ان ڪري تـ هڪ اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو توکي ڏسي رهيو آهي. جيڪڏهن تون ائين ئي ڊڄندي رهينءَ تـ ڏاڪا ۾ ڪيئن رهي سگهندينءَ؟ اتي تـ هزارين ماڻهو رهن ٿا..."

عورت هن جي ڳالهـ ڪٽيندي چيو: "ڇا تو ڏٺو ڪونـ تـ هو همراهـ اسان ڏي ڪيئن ڏسي رهيو هو."

"ڏسندو ڪري ٻيا بـ پيا ڏسندا. تو جهڙي سهڻي عورت ڏي نـ ڏسڻ گناهـ آهي." نوجوان، همراهـ جي ان جذبي تي تبصرو ڪري خوش ٿيو.

عورت نوجوان جي جواب مان مطمئن تـ نـ ٿي پر ماٺ ٿي وئي. هن پنهنجو پاڻ ڪي لوئيءَ ۾ اجا بـ چڱيءَ طرح ويڙهي سيڙهي ڇڏيو. هوءَ ڊڄي رهي هئي يا شايد تمام گهڻي شرميلي هئي. نوجوان کي هن جي ماٺ نـ وڻي. "تون چپ ڇو آهين. ڪجهـ تـ ڳالهاءِ ٻولهاءِ؟" عورت ڪجهـ نـ وراڻيو. هن لوئيءَ مان وري ساڳي ماڻهوءَ ڏي نهاريو. جنهن جو ڌيان لڳاتار هن ڏي ئي هو. نوجوان نيٺ تنگ ٿي چيس: "آئون هن همراهـ سان وڃي ٿو ڳالهـ ٻولهـ ڪريان تـ آخر هو اسان ڏي ڇو گهوري رهيو آهي."

"نـ نـ، ائين بنهـ نـ ڪجانءِ." عورت هن جي ڪرائيءَ ۾ ڪٽي هٿ وڌو.

نوجوان هن کي اٽڪڙو ڪري، پنهنجي ٻانهن ڇڏائي چيو: "ترس تـ سهي آئون اجهو ٿو اچان."

هو هن همراهـ جي ويجهو اچي وينو: "آئون توهان سان ڪجهـ ڳالهائڻ چاهيان ٿو." نوجوان جي ويجهو اچڻ تي هن کي ٿوري بـ حيرت نـ لڳي. هو فقط ايترو ڪڇيو: "ڇئو؟" نوجوان کي هن جي ان جي رويي جي اميد نـ هئي. هو ڪجهـ گهبرائجي ويو ۽ سندس جوش بـ ڍرو ٿي ويو. اڌڙوٽ عمر جي همراهـ پڇيو: "اها عورت تنهنجي ڇا لڳي؟"

"جي، منهنجي زال آهي." نوجوان وراڻيو.

"تهنجي شاديءَ کي ڪيترو وقت ٿيو آهي؟"

"فقط ڪي ڏينهن. هوءَ تمام گهڻو شرميلي آهي. ڏسو تـ سهي، ڪيئن نـ ڪپڙن جي هڙ وانگر وڙهي سڙهي ويٺي آهي. شرم سني شيءِ آهي پر گهٽ ۾ گهٽ هن کي مون کان شرم نـ ڪرڻ کپي. آئون ڪو هن لاءِ ڌاريو تـ نـ آهيان." نوجوان هڪ ئي ڇُٽ ۾ ڪ ساهيءَ ڇئي ويو.

"واهـ جي ٻڌائي. شايد توهان ٻئي هڪ ٻئي کي ٻهرين کان سڃاڻو ٿا؟ منهنجو مطلب اهو آهي تـ شايد توهان عشق جي شادي ڪئي آهي؟" هن همراهـ چيو ۽ نوجوان جو منهن شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو. هو ان جو جواب ڏئي نـ سگهيو. هن هائوڪار ۾ فقط ڪنڌ ڌوڻيو.

ايتري ۾ گاڏي هڪ ٻي اسٽيشن تي اچي ترسي. هتي تمام گهڻا مسافر هئا. هاڻ سچ بـ نڪرڻ وارو هو. مسافر ماکيءَ جي مکين وانگر گاڏيءَ کي چنبڙي ويا. ڏسندي ئي ڏسندي گاڏي پرجي وئي. هنن وارو انٽر ڪلاس جو ڊبو بـ فل ٿي ويو. ڊبي ۾ جيڪي مسافر سٺا پيا هئا انهن کي اٿڻو پيو. مسافرن جي

پيهه کان عورت گهبرائجي وئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي. جوان اڌڙوٽ عمر جي همراهه کي چيو:“ مون کي هاڻ هلڻ کپي.”

“ها. ضرور. تنهنجي زال ڪجهه پريشان به نظر اچي رهي آهي.”

انجڻ سيٽي هنئي. گاڏي چرڻ لڳي ۽ جلد ئي سندس رفتار تيز ٿي وئي. نوجوان پنهنجي ساٿياڻيءَ کي چيو:

“گهبرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. هو تمام سٺو ماڻهو آهي. هن تمام گهڻي همدرديءَ سان ڳالهيون ڪيون. هڪ دفعو ته دل ۾ آيو ته کيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيان.”

عورت بي چينيءَ مان پڇيو: “ڪٿي تو ٻڌائي ته نه ڇڏيو؟”

“نه مون ڪجهه به ٻڌايو ناهي، پر جيڪڏهن هن کي ٻڌايو به وڃي ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي. هو تمام گهڻو شريف ماڻهو آهي.”

عورت پريشانيءَ منجهان چيو: “ڇڏ به ڪٽي ان قصي کي. ماٺ ڪري ويهه.” نوجوان هن کي پريشانيءَ تي حيران ٿيو پر ڪجهه نه ڪڇيائين. ماٺ ۾ ئي بهتري سمجهيائين.

نيٺ گاڏي ڊاڪا پهچي وئي. هيءَ آخري اسٽيشن هئي جتان گاڏيءَ کي وري واپس وڃڻو هو. مسافر پنهنجو پنهنجو سامان ميڙي چوندي لهڻ لڳا. نوجوان عورت سان گڏ ويٺو رهيو. شايد سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ لهڻ جو ارادو هوس. اڌڙوٽ عمر واري کي به گهڻي تڪڙ نه هئي. هو به ويٺو رهيو. ٿوري دير ڪانپوءِ گيپ گهٽي، نوجوان دريءَ کان ٻاهر نهاريو. هاڻ هن جي لهڻ جي واري هئي پر ٻاهر ڏسندي ئي هن کان رڙ نڪري وئي: “غضب ٿي ويو.”

عرت سراپجي وئي. “ڇا ڳالهه آهي؟”

نوجوان ڏڪندي چيو: “تنهنجو مڙس پوليس وارن سان گڏ پليٽ فارم تي بيٺو آهي.”

عورت کي ڏڪڻي ني ويئي! ” هاڻ ڇا ٿيندو؟”

نوجوان ڪي گهڙيون سوچيندو رهيو. پوءِ اڌڙوٽ عمر جي ماڻهوءَ ڏي وڌيو جنهن پڇيس: “ڇا ڳالهه آهي، هيٺ ڇو نٿي لهين؟”

“آئون مصيبت ۾ اچي ڦاٿو آهيان.” نوجوان آهستي چيس.

“ڳالهه ڇا آهي؟”

“مون توسان ڪوڙ ڳالهايو هو. اسان شادي شده نه آهيون پر گهر کان ڀڄي نڪتا آهيون. منهنجي ساٿياڻيءَ جو مڙس پليٽ فارم تي بيٺو آهي.” نوجوان جو آواز ڀرجي آيو هو.“هاڻ ڇا ٿيندو؟ اسان جي مدد ڪر. آئون هٿ ٿو ٻڌانءِ.”

اڌڙوٽ عمر جي همراهه تي نوجوان جي ان راز کولڻ جو ڪو به اثر نه ٿيو. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن کي سڀ ڪجهه پهرين کان معلوم هو. هن آهستي اڳيان وڌي دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. پليٽ فارم تي هڪ ڪاري رنگ جو ڊگهو ماڻهو پوليس وارن سان گڏ هڪ هڪ ڊٻي جي چڪاس ڪري رهيو هو. اڌڙوٽ

عمر واري همراهه مرڪندي نوجوان کي چيو: ”تون بلڪل خيال نه ڪر. تون ٻاهر هلي ويهه. آئون تنهنجي زال... معاف ڪجانءِ، تنهنجي محبوبا کي وٺي ٿو اچان.“

نوجوان هن جو ٿورو مڃيندي دٻي مان ٻاهر نڪتو ۽ ماڻهن جي پيهه ۾ گم ٿي ويو.

اڌڙوٽ عمر جي همراهه عورت کي چيو : ” اچ ته هاڻ هلون“

عورت هن سان گڏ دٻي مان لٿي بنا ڪنهن رڪ رڪاءُ جي هن سان گڏ گڏ هلڻ لڳي. هوءَ بي حد پرسڪون نظر اچي رهي هئي. ڪجهه وکون هلڻ ڪانپوءِ هن جو شرم صفا ختم ٿي ويو. اڌڙوٽ عمر واري همراهه سان گڏ هلندي هوءَ خوش به نظر اچي رهي هئي. مسافر چڱا گهڻا چڪا هئا. هوءَ رڙهي هن جي وڌيڪ ويجهو ٿي: ”ڇا تون اڃا به اتي ئي رهين ٿو؟“

اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو هو ته آيا هن همراهه عورت جو آواز ٻڌو يا نه. پر هن ضرور ٻڌو هوندو جوهيٺي آواز ۾هن جواب ڏنو: ”بيو پلا وچي به ڪيڏانهن ٿو سگهان.“

عورت پڇيو: ”توسان گڏ ٻيو ڪير ٿو رهي؟“

مرد ڪو به جواب نه ڏنو.

هو گيٽ جي ويجهو پهتا. ٽڪيٽ ڪليڪٽر هنن کان ٽڪيٽ گهري. مرد عورت کان سندس ٽڪيٽ جو پڇيو جنهن جي جواب ۾ هن ناڪار ڪئي. مرد پنهنجن کيسن ۾ هٿ وجهي پنهنجي ٽڪيٽ ۽ هڪ ڪرنسي نوٽ ڪڍي ڪليڪٽر جي حوالي ڪيو. ٽڪيٽ ڪليڪٽر هنن کي وڃڻ ڏنو. گيٽ کان ٻاهر نڪري عورت پڇيو :” گلشن ڪيئن آهي؟“

مرد بيزاريءَ مان ورائيو: ”هوءَ خوش آهي.“

”توسان گڏ ڪير ٿو رهي؟“ عورت وري پڇيو.

”ڪير به نه. گلشن پنهنجي پڦيءَ سان گڏ رهي ٿي.“

”واقعي!“ عورت مرد سان گڏ هلندي رهي. نوجوان ٻاهر بيٺو هو پر عورت ان کان بي خبر هئي. هوءَ مرد کان پڇي رهي هئي:” ڇا گلشن ڪڏهن مون کي ياد ڪيو؟ ڇا هن ڪڏهن مون بابت پڇيو؟“ هن جي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو ڦاسي پيو. اکين ۾ ڳوڙها تري آيس. هن جواب جو انتظار ڪيو پر جواب نه مليس.

مرد سندس سوال ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ٻن ٽن وکن بعد هن چيو: ”چڱو هاڻ مون کي هلڻ کپي.“ هو تمام تکو تکو اڳيان نڪري ويو. هن نوجوان کي ٿورو مڃڻ جو به موقعو نه ڏنو.

ٻئي ڪنهن سواريءَ جي ڳولا ۾ لڳي ويا. نوجوان عورت کي چيو: ”جڏهن توهان ٻئي گاڏيءَ مان هيٺ لٿائو ته تنهن جو مڙس ان اڌڙوٽ عمر واري همراهه کي ڏسي وٺي پڳو. جڻ هن جي ڪنهن جن ڀوت تي نظر پئي هجي. آخر اهو هو ڪير؟“

ڇوڪريءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. روئيندي چيائين:

”هن سان آئون پهريون دفعو پرڻجي هيس.“

(ليکڪ: سيد ابوالحسين، بنگلاديش)

# ذاتي گهر

مسواڙي گهر ۾ رهڻ جو مطلب ڇا آهي. ان جو احساس هن کي ننڍي لاڪون هو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ کان ڪيترائي سال اڳ هن جي دل ۾ اها سڌ پيدا ٿي ته جيئن تيئن ڪري پنهنجي اجهي لاءِ هڪ ننڍڙو گهر ضرور ٺهرائجي. هن جي ننڍپڻ جون مڙيئي يادون مسواڙ جي هڪ گهر کان ٻئي مسواڙي گهر ڏي روانگي ٿيڻ سان ئي وابسته هيون. اهڙي هر موقعي تي هن جي ماءُ پيءُ جو هڪ ٻئي سان جهيڙو ٿيندو هو. ٻئي ڄڻا ڏينهنجا ڏينهن هڪ ٻئي سان رٺل رهندا هئا. پوءِ گهر مٽائڻ جون تياريون شروع ٿينديون هيون. پچڻ پرڻ واريون سڀ شيون خبرداريءَ سان ڏار ڏار پنن ۾ ميرن ڪپڙن ۾ ويڙهي سوڙهين ۾ گاديلن جي تهن ۾ رکيون وينديون هيون. ماٽس اڳارن جي سگريءَ کان وٺي ديگڙي چمچي تائين سڀ ننڍيون وڏيون شيون اخبار جي پنن ۾ ويڙهي سيڙهي، دٻن ۾ پيتين ۾ بند ڪندي هئي. پوءِ سڄو سامان هڪ ياڙي جي ٽانگي ۾ پريو ويندو هو. هڪڙي ئي ٽانگي ۾ گهر جو سڄو سامان فٽ ڪرڻ به هڪ عجيب مسئلو هو. هلڻ وقت تائين ڪا نه ڪا شيءِ باقي بچي پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪونڊي، ڪڏهن ڪو ڪروءِ ڪڏهن ڪو دٻو. هن جي ماءُ انهن شين کي ڪڏهن ٽانگي جي هڪ ڪنڊ ۾ ڦُسڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته ڪڏهن ٻيءَ ۾. ڪڏهن هن کي آچار يا مربي جي ڪنهن پراڻي دٻي مان چاش ڳڙندي نظر ايندي هئي ته اڳڙي پور ڪٽي ڊوڙي وڃي اها اگهندي هئي ۽ سڀ دٻا وري نئينءَ سنئينءَ گهٽي خيال ۽ خبرداريءَ سان سڌا ڪري رکندي هئي.

گهر جو سامان هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين ڍوئڻ وارو ٽانگو ۽ ان جي اڳيان پوبان، مٿان هيٺان ٻڌل رسيون، انهن مڙني شين جون يادون هن جي ذهن ۾ ائين تازيون هيون ڄڻ هينئر ڪالهه جي ئي ڳالهه هجي.

نئين مسواڙي گهر ۾ پهچي ڪڏهن ڪجهه ساسرون، ڪڏهن ڏيئي جو لاپ ته ڪڏهن هڪ به شيشي جو گلاس يا دوا جون شيشيون ضرور ڀڳل ملنديون هيون. گهڻو ڪري ڪنهن شيشي يا دٻي جو ڍڪ کلڻ ڪري تيل، سرڪو يا هن جي ماءُ جي هٿن جي ٺهيل چٽڻي ڪپڙن تي ڪري پوندي هئي. اهڙن موقعن مهلن تي هن جو پيءُ پنهنجو پاڻ کي پٽيندي چوندو هو:

"بس وڏي ذليل شيءِ آهي، هيءَ غربت."

اهي سڀ ڳالهيون هن جي ماءُ پيءُ جي وچ ۾ نوان نوان جهيڙا پيدا ڪنديون رهيون. نئين مسواڙي گهر ۾ آئي اڃا ڪو گهڻو وقت به نه گذرندو هو ته وري ٻئي گهر جي ڳولا جي ضرورت پوندي هين. ان جا به ڪيترائي سبب هئا. ڪڏهن مسواڙ وقت تي نه ڏيڻ ڪري ٽاٽي ۽ ڪورٽن جا چڪر ڪاٽڻا پوندا هين ۽ اهڙي موقع تي آخر ۾ هنن جي گهر جون مڙيئي شيون ٻاهر گهٽيءَ ۾ اڇلايون وينديون هيون ۽ گهر بدلائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هوندو هو. ڪڏهن گهر جو مالڪ جاءِ جي

مرمت جو بهانو ڪري ڪين ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو هو. ڪڏهن هو پاڻ ان گهر ۾ رهڻ جو بهانو ڪري ڪاٿئن گهر خالي ڪرائي وٺندو هو ۽ پوءِ وري ساڳيو ٽانگو. ساڳي شين جي پيچ پوري اهو ئي ماءُ پيءُ جو جهيڙو.

هيستائين هي همراهه شهر جي ذري گهٽ هر پاڙي ۾ رهي چڪا هئا. اڄ به شهر جي جنهن علائقي مان هو لنگهيو ٿي ته ڪيس ڪانهه ڪا پراڻي ياد اکين اڳيان ڦري ٿي ۽ سندس مرحوم پيءُ جا هي جملا سندس ڪنن ۾ ٻريا ٿي: "دنيا ۾ گهر، آخرت ۾ ايمان."

جڏهن هن 1930ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ته ماءُ پيءُ ٻئي گذاري چڪا هئس. نوڪري ملندي ئي هن فيصلو ڪيو ته جيستائين پنهنجو گهر نٿو ناهي، شادي نه ڪندو. سڄا سارا پنج سال هن ڪپڙن جي فقط هڪ جوڙي ۾ گذارو ڪيو. نه سگريٽ پيئڻ جي عادت پاڻ ۾ وڌائين ۽ نه شراب کي هٿ لاتائين. نه سئنيما تي ويو ۽ نه ٿيٽر ۾. بيڪار هيڏانهن هوڏانهن رُلڻ پنڻ کان به پاڻ کي بچائيندو هو ته متان ڪٿي ڪاشيءِ وٺڻ تي دل چوي. مطلب ته هڪ ڏکو عرصو درويش واري زندگي گذاريندو رهيو.

پورن پنجن سالن جي پيچ ڏک ۽ اڌ بک اڌ ڍءُ جي زندگي گذارڻ بعد وڃي کي ٻه هزا رپيا مس بچاياڻين. هن جهڙي حيثيت واري هڪ سرڪاري ڪاموري لاءِ اها هڪ چڱي خاصي رقم ٿي. ملڻ لاءِ ته هڪ هزار رپين ۾ به گهر ملي ٿي ويو پر اهو ايترو ته ڏٺل ۽ پراڻو ٿي مليو جو منجهس رهڻ ڪنهن خيال کان صحيح نه هو. آخرڪار هن سوچيو ته ڇو نه هڪ ننڍڙو گهر ٺهرايو وڃي. هن سمنڊ جي ڪناري تي، پڪي رستي جي ڀرسان ڪنهن سهڻي جاءِ تي گهر ٺهرائڻ ضروري ٿي سمجهيو. گهر جي اڳيان ڇپر ٽڪرو به ضروري هو. انهن سيني شرطن تي هڪ ئي وقت فقط ٻه پلاٽ ئي وڪامي رهيا هئا. هڪ جي قيمت تي ۽ ٻئي جي ساڍا ٿي هزار رپيه هئي. هونءَ ته هڪ هزار مان ان کان به وڏا پلاٽ ملي سگهيا ٿي پر اهي هن جي دل وٽان نه هئا سو هن اهو ئي سوچيو ته ڪجهه وقت پئسا ڏوڪڙ گڏ ڪيا وڃن.

1937ع ۾ پنهنجي پاڇي ٿيل سڀ رقم جيڪا ان وقت تائين چار هزار رپيا ٿي چڪي هئي ڪيسي ۾ وجهي گهر مان ٻاهر نڪتو. هن کي پڪ هئي ته پنهنجي پسند کان به سٺو پلاٽ هاڻ انهن پئسن مان وٺي سگهندو. سڀ کان پهرين هو اهو ئي پلاٽ ڏسڻ ويو. جنهن جي قيمت ڪجهه سالاڳ ساڍا ٿي هزار هئي. ان پلاٽ جو اڌ وڪامي چڪو هو. ان تي هڪ بنگلو به ٺهي چڪو هو. پلاٽ جو مالڪ باقي اڌ حصي جا پنج هزار گهريا ٿي.

هاڻ هو ٽن هزار رپين واري پلاٽ تي ويو. جنهن جي مالڪ ان لاءِ ڇهه هزار رپين جي گهر ٿي ڪئي. لاچار ان هزار رپين واري پلاٽ تي پهتو جيڪو هن کي پهرين کان پسند ڪونه هو. ان پلاٽ جي به هاڻ قيمت ساڍا چار هزار رپيا ٿي وئي هئي. سو لاچار ٿي هن سڀ پئسا بئنڪ ۾ موٽائي اڇي رکيا. هاڻ هڪ نئين ولولي سان هو پهرين کان به وڌيڪ ڪفايت شعاري سان ڏينهن گذارڻ لڳو. بوٽن

۾ ڪپڙن تي چٽيون وڌنديون ويس. هو اهو ئي سوچڻ لڳو ته پرواهه ناهي جي گهر سمنڊ جي ڪناري تي ڪٽي نه ٺهي سگهي پر شهر جي ڪنهن به علائقي ۾ ٺهي وڃي ته صحيح ٿيندو. مطلب ته پلاٽ وٺي گهر ناهڻ. گهر جون شيون وٺڻ ۽ پوءِ شادي ڪري ٻارن وارو ٿيڻ جا منصوبا هن جي اندر ۾ٺهندا رهيا.

جڏهن 1943ع شروع ٿيو ته هن وٽ پنج هزار رپيا گڏ ٿي چڪا هئا. هيڏي ڪنجوسيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن گذاريندي به هنوٽ ان کان وڌيڪ پئسا گڏ ٿي نه سگهيا. سبب اهو هو جو هاڻ شين جي قيمت ۾ ڏينهن رات واڌارو ٿي رهيو هو. جنهن پلاٽ جي قيمت پهرين پنج هزار هئي هاڻ ان تي چار گهر ٺهي ويا هئا. پلاٽ جو هڪ ننڍڙو ٽڪرو اجا باقي بچيل هو. مالڪ ان لاءِ ڇهه هزارتي گهريا.

شهر اندر پلاٽ وٺڻ جو هاڻ هن خيال به لاهي ڇڏيو. سوچيائين ته شهر کان ٻاهر ئي ڪو هڪ پلاٽ ملي وڃي ته به گذارو ٿي سگهندو. پر پٽ ملي ته ملي ڪٿي؟ آخر سندس ڪفايت شعاري ۾ ڪنجوسي حد تائين پهچي وئي. هن کي نه کائڻ جو شوق رهيو نه پيئڻ جو.بس پئسن گڏ ڪرڻ جو ڀوت سندس مٿان ڏينهن رات سوار هو.

هاڻ هن جي نوڪري به وڏي ٿي وئي هئي. پگهار وڏي چڪو هو. جيتوڻيڪ هر مهيني پهرين کان وڌيڪ پئسا ملڻ لڳس, تڏهن به 1950 تائين هو فقط ساڍا ست هزار رپيا گڏ ڪري سگهيو. ايترن پئسن ۾ پلاٽ پور خريد ڪرڻ_؟ جنهن ٻڌو ٿي تنهن مٿس کليو ٿي. ايترن پئسن ۾ شهر ۾ گهر ته پري پر ٻهراڙيءَ ۾ ڪا جهوپڙي اڏڻ لاءِ به پٽ ٽڪر ملڻ ڏکيو پئي لڳو. جنهن پلاٽ جو اڳه ڪجهه سال اڳ به هزار هو. هاڻ ان جي ڏهين حصي جي قيمت چاليهه هزار هئي.

پلاٽ خريد ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڏوڪڙ گڏ ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪهڙو چارو هو؟ سو هن پئسا گڏ ڪرڻ جي رفتار اجا به تکي ڪري ڇڏي. گهر جو نقشو هن جي ذهن ۾ بلڪل چٽو چٽاٽو هو. هڪ ولائتي نموني جو ڪاڪوس, هڪ ديسي پڻ, هڪ پنهنجي سمهڻ جو ڪمرو ۽ هڪ مهمانن جي ٽڪڻ لاءِ. هڪ ماني کائڻ جو ڪمرو ۽ هڪ ڊرائينگ روم. گهٽ ۾ گهٽ ٻارن لاءِ هڪ ڏار ڪمرو به ضروري هو. پهرين هيٺ مٿي به ماڙواري گهر جو سوچي رهيو هو پر هاڻ هڪ ماڙ جي گهر تي ئي خوش هو. ڇو ته ڪافي وڏي عمر تي وئي هيس ۽ هاڻ هو ڪجهه ٽڪجي به پيو هو.

1954ع تائين هن وٽ ڏهه هزار رپيا گڏ ٿي چڪا هئا. هو هڪ دفعو وري پلاٽ جي ڳولا ۾ نڪتو. پر هاڻ انهن پئسن ۾ شهر جي آسپاس ته نه البت ٽيهه ميل کن پري ڊٺل ڦٽل زمين تي جاءِ ملڻ جو ئي آسرو هو. هن فيصلو ڪيو ته کائڻ پيئڻ ۽ ڪپڙي گنديءَ تي اجا به سختي ڪري ڪجهه وڌيڪ بچت ڪئي وڃي. هاڻ هن جي خيالن ۾ به ڦيرو اچي چڪو هو. هن کي فقط هڪ ننڍڙي پلاٽ جي ضرورت هئي, جنهن تي هڪ ننڍڙو گهر ٺهرائي سگهجي. پنج ڪمرا نه سهي ٻن ۾ ئي گذارو ٿي ويندو. ديسي ۽ ولائتي ڪاڪوس ته هن جي دماغ مان ڪڏهن کان نڪري چڪا هئا. بس هڪ ٻه ڪمرا ٺهي وڃن ته هو پنهنجي گهر جي ڇت هيٺ رهي سگهي ۽ جيئن ئي گهر ٺهي ته پوءِ ٻيو ڪم- شادي ڪري.

1956ع ۾ هو نوڪريءَ تان رٽائرڊ ٿيو ۽ پينشن ۾ ايترا پئسا مس ٿي مليس جنهن ۾ وڏيڪ بچت ڪرڻ ته ممڪن نه هو. نوڪريءَ جا سڄا سارا چوهه سال هن پائي پائي ڪري ڪل ٻارهن هزار روپيا گڏ ڪيا هئا. ايتري گهٽ رقم مان نه شهر اندر نه شهر ٻاهر، نه سمنڊ ڪناري تي نه جبل جي چوٽيءَ تي پلاٽ حاصل ڪرڻ ممڪن هو. دل جي مراد اڄ به ايتري ڏکي هئي جيترو چوهه سال اڳ هئي. گهر جي لاءِ پٽ حاصل ڪرڻ جي لڳاتار اون هن کي پنهنجي اصل عمر کان ويهه سال کن وڌيڪ پوڙهو ڪري ڇڏيو هو ۽ هينئر به هن جي ڪنن ۾ سندس پوڙهي پيءَ جا اهي لفظ ٻُري رهيا هئا:

"دنيا ۾ گهر، آخرت ۾ ايمان."

آخرڪار هو ان نتيجي تي پهتو ته دنيا ۾ گهر ته اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. هاڻ گهٽ ۾ گهٽ هن کي ٻي جهان جوئي خيال ڪرڻ کپي.

هڪ ڏينهن شام ڌاري هو پلاٽن جي ڳولا ۾ سڄي شهر جي خاڪ ڇاڻي ٿڪجي ٽٽجي موٽي رهيو هو ته هڪ قبرستان تي نظر پيس. هو اندر لنگهي ويو. ڪيڏو پرسڪون ۽ سانتيڪو ماحول هو. بلڪل هن جي خوابن جي گهر جهڙو- سهڻو باغيچو گل، سائي ڇپر-جڏهن هن سائي گاهه ۽ ڌاتيرن گلن جي وچ ۾ هڪ سنگ مر مر جي قبر ڏٺي ته هن جي دل ٿي دل ۾ خيال آيو:چو نه مري وڃڻ کانپوءِ ههڙي ئي هڪ خوبصورت قبر کي پنهنجو آرام گاهه ٺاهيو وڃي. آخر هڪ ڏينهن موت ته اچڻو ئي آهي، پوءِ ڇو نه زندگيءَ ۾ ئي هن قبرستان ۾ هڪ قبر لاءِ جاءِ خريد ڪري پنهنجي مرضيءَ موجب هڪ پڪو مقبرو ٺهرائجي؟

قبرستان هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ تي، سمنڊ جي بلڪل سامهون هو. شاهه بطوط جي ڏگهن وڻن جي ڇانولي ۾ هميشه جي ننڊ سمهڻ هن تلخ زندگيءَ کان ڇا بهتر ناهي، جتي مٿو لڪائڻ لاءِ هڪ جهوپڙي به نٿي ملي؟

ٻئي ڏينهن هو پڇي ڏکي قبرستان جي ڪاتي ۾ پهتو. هن پنهنجي قبر لاءِ پٽ خريد ڪرڻ چاهيو ٿي.

جواب مليو: جنهن قبرستان ۾ توهان قبر لاءِ جاءِ گهرو ٿا اتي باقي بچيل خالي پٽ ويڪو ناهي. پر جيڪڏهن توهان چاهيو ته هڪ ٻئي قبرستان ۾ جيڪو پڙ هن وانگر سهڻي هنڌ تي آهي هڪ قبر لاءِ پٽ ويهن هزار رپين ۾ ملي سگهندو.

هن شرم کان ڪنڌ جهڪائي وراڻيو:

"ڇا ان کان ٿورو سستو منهنجي حيثيت سارو ڪنهن ٻئي هنڌ قبر لاءِ پٽ ملي سگهندو؟"

جايون ته ٻين هنڌن تي به گهٽيون ئي هيون ۽ پندرهن، ٻارهن، اڃا به گهٽ ڏهن هزارن تائين ملي سگهيون ٿي. هو ٽُٻيءَ ۾ پئجي ويو. گهر جي پلاٽ وانگر لڳاتار ڪوشش جي تجربي هن کي اڃت فيصلي لاءِ مجبور ڪيو. هن سوچيو ته اڃا به دير ڪندس ته قبرن جون قيمتون به ايترو چڙهي وينديون جو پاڇي ڪيل سڄي رقم مان ڪٽي به وني نه سگهندس. سو قانون جي ڪاروائي سڄي

پوري ڪري هن هڪ ٻئي قبرستان ۾ بنا ڏسڻ وائسڻ جي هڪ قبر جيترو پٽ خريد ڪري ورتو. جڏهن هو ان قبرستان ۾ پهتو ته ڏٺائين ته تمام جهريل، ٻٺل ۽ ويران قبرستان هو جنهن جون پٽيون به ڪلرانجي ويون هيون. پر ان هوندي به هو خوش هو. هن جي اکين ۾ هڪ عجيب جوت پيدا ٿي ۽ هن رڙڪندي چيو:

"واهه واهه! هيءَ ئي هڪ اهڙي جاءِ آهي، جيڪا منهنجي پنهنجي آهي. منهنجي پنهنجي-منهنجي پنهنجي."

نوڪريءَ وارن ڏينهن ۾ جهڙيءَ طرح هو ڏهاڙي آفيس ويندو هو هاڻ ان طرح صبح سوير سڌو قبرستان ويجي ٿو. سندس دل زمين جي هڪ ٽڪري خريد ڪرڻ ڪري خوشين سان ڀرجي وئي آهي. هو ان ئي ملڪيت جي احساس ۾ آئيندي جي قبر واري جاءِ تي وڃي ويهي ٿو. هو ان هنڌ تان گاهه گوچر ۽ ڪک پن ٻهاريندو رهي ٿو ۽ چوڌاري گل پوکڻ ۾ سڄو ڏينهن گذاري ٿڪجي ٿٽجي نهايت حسرت ۽ بي صبريءَ مان ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو آهي، جڏهن هو پنهنجي ذاتي گهر ۾ رهي سگهندو ۽ سو به هميشه هميشه لاءِ.

(ليکڪ: عزيز تسين، ترڪي)

# فائدو

پليگايا هڪ اڻ پڙهيل زال هئي.

هن جو اڻ پڙهيل هجڻ مڙس لاءِ اندر ئي اندر پچڻ ۽ سڙڻ جو سبب هو. پليگايا ايتري قدر اڻ پڙهيل هئي جو ڪنهن پني تي صحيح به نٿي ڪري سگهي! هڪ ڏينهن وجهه وٺي مڙس نڪولاوچ هن کي چيو: "گهٽ ۾ گهٽ ايتري ته ڪٿي تعليم حاصل ڪر جو پنهنجو پاڻ لکي سگهين. تنهنجو نالو هونءَ به لکڻ ۾ سولو آهي."

"پر ان مان هڙ حاصل ئي ڇا ٿيندو؟" پليگايا جواب ڏنو. "منهنجون ته آڱريون به صحيح طرح نٿيون مڙن_ آئون ڪيئن لکي سگهنديس؟ بهتر اهو آهي ته پنهنجي ٻارن کي ئي پڙهايو ۽ منهنجي پٺ ڇڏي ڏيو."

نڪولاوچ اهو جواب ٻڌي ماٺ ٿي ويو. هن وٽ پليگايا سان متو ڪپائڻ جو وقت نه هو پر هن لاءِ هڪ ڪتاب وٺي آيو. هي لکڻ پڙهڻ جو شروعاتي ڪتاب هو ۽ ماڊرن طريقن سان اهڙي نموني لکيل هو جو نئون سيکڙات جلدي ئي سولائيءَ سان ٻولي سکي وڃي. پليگايا ڪتاب کي آڏو ابتو ڪري ڏٺو ۽ پوءِ هڪ پاسي ڪان ڪٿي رکيو_ اهو ئي سوچي ته هي ڪتاب سندس ٻارن کي ئي ڪم اچي ويندو. ان ڪانپوءِ هوءَ نڪولاوچ جو ڪوٽ ڪٿي رفو ڪرڻ ويهي رهي. رفو ڪندي هن کي لڳو جهڙو ڪر ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ ڪا ڪڙڪ پني جهڙي شيءِ هجي. هن سمجهيو شايد پئسن جا نوٽ هجن پر پوءِ جڏهن هن هٿ اندر وڌو ته ڏٺو ته هڪ خط آهي. خط خوشبوءِ ۾ ٻڏل هو ۽ تمام سهڻي نموني جي لکٽي ۾ اکر لکيل هئا.

پليگايا جي دل ئي ڀڄي پئي.

"ته اها ڳالهه آهي. جيئن ته آئون هن کي وٽان ڪانه ٿي ان ڪري هي ڪنهن ٻئي هنڌ دل پيو وندرائي ۽ عشق ڪري. ڇا هن مون کي ڪو بيوقوف سمجهيو آهي؟ پر سچ ئي ته آهي. آئون جاهل جو آهيان."

هوءَ پنهنجين سوچن ۾ ئي گم ٿي وئي. پوءِ هن فيصلو ڪيو :

"آئون پڙهينديس. جڏهن پڙهي لکي پڙ ٿي وينديس ته نڪولاوچ مون کي بيوقوف نه ٺاهي سگهندو."

ان ڏينهن کان پوءِ هن پڙهڻ شروع ڪري ڏنو.

هڪ مهينو گذريو.

ٻيو مهينو گذريو.

۽ پوءِ ٽيون مهينو به گذري ويو. هاڻ هوءَ ايترو قابل ٿي وئي جو هر لکيل شيءِ کي سولائيءَ سان پڙهي سگهي ٿي- هوڏانهن نڪولاوچ پنهنجي منهن خوش هو ته سندس زال جي دل پڙهڻ ۾ لڳي وئي آهي.

هڪ ڏينهن نڪولاوچ جڏهن ڪم تي ويو ته پليگايا کي اوچتو ياد اچي ويو ته اهو خط ته اڃا تائين هن وٽ صندوق ۾ قابو رکيو آهي. هن سوچيو ته اهو خط ڪڏي هاڻ پڙهيو وڃي جيئن هن کي خبر پئجي سگهي ته ڪهڙي ڇوڪري هن جي مڙس کي ڦاسائي ڪانئس جدا ڪري رهي آهي.

هن خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو.

خط ۾ لکيل هو_

”پيارا نڪولاوچ واعدي مطابق ڪتاب روانو ڪري رهي آهيان. مون کي يقين آهي ته ٻن ٽن ڏينهن اندر تنهنجي پياري پياري زال پليگايا هن ڪتاب کي پڙهڻ ڪانپوءِ جاهليت جي دنيا مان نڪري ويندي. نڪولا وچ هن کي سمجهاءِ ته اڻ پڙهيل ماڻهو ڪيڏو ته خراب لڳي ٿو.

”مون کي اميد آهي ته هوءَ هڪ پڙهيل لکيل زال سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندي.“

”تون ڄاڻين ٿو ته پاڻ ماڻهو جاهليت ختم ڪرڻ جي مهم هلائي رهيا آهيون. جنهن ۾ پاڻ کي ڪپي ته تعليم ڏيڻ جو ڪم پنهنجي پنهنجي گهر کان شروع ڪريون. بس تون پليگايا کي پڙهاءِ.“

نيڪ تمنائن سان.

ماريا بلوفينا.“

خط پڙهي پليگايا جون اکيون آليون ٿي ويون.

(ليکڪ: مائيڪل روشينڪوف. روس)

# ٽائيوان جو سونهري گل

جڏهن ڊاڪٽر چائو هسيانگ منهنجي ڪاپي اک جي آپريشن ڪري ماڻڪيءَ جو پردو بدلائي رهيو هو ته ان وقت به آئون پوري طرح هوش ۾ هوس. ڊاڪٽر سئي هني اک جي چوڌاري حصي کي ڪيرو ڪيو هو. آئون اوزارن جي ڇڻ ڇڻ ۽ ڊاڪٽر چائوءَ جي ڳالهين جو آواز چٽيءَ طرح ٻڌي سگهيس ٿي.

ٽي سال اڳ ٽائيوان جي جنرل اسپتال ۾ جڏهن مون پنهنجي سڄيل اک جو تپاس ڪرايو ته ان وقت آئون ان اک سان لاچار ٿي ڪو ڏسي سگهيس ٿي. تپاس بعد ڊاڪٽر سمجهايو ته اک جي ٻاهرين پردي تي سوڄ چڙهي وئي آهي جنهن سان ساڄي اک تي به اثر ٿي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن آپريشن نه ڪرائيندينءَ ته ٻي اک به خراب ٿي ويندي.

”ٻين جا استعمال ٿيل ٽوال، بوچڻ ۽ وهنجڻ جا تالاب هن بيماريءَ جي پکڙجڻ جو سبب بڻجن ٿا!“ ڊاڪٽر وڌيڪ ٻڌايو.

هي اطلاع مون لاءِ جيتوڻيڪ فائدي وارو هو پر هينئر احتياط کان وڌيڪ علاج ضروري هو.

”آئون فوجي آفيسرن جي اسڪول ۾ ترڻ سيکارڻ جو ماستر آهيان.“ مون جواب ڏنو مانس.

”ته پوءِ هيءَ بيماري تو ٽائين پڪ سئمنگ پول ذريعي پهتي آهي!“

آئون ماٺ ۾ رهيس. منهنجي ذهن ۾ جواب لاءِ ڪا ورندي نه هئي.

ذري گهٽ هڪ سال کان پوءِ مون کي خبر پئي ته ڪنهن ٻئي جي اک جي پردي هٽڻ ڪري منهنجي اک جو وڃايل نور ٻيهر اچي سگهي ٿو. پر سوال خرچ پکي کي منهن ڏيڻ جو هو. منهنجي ڪمائي ڪڏهن به ايتري نه ٿي جو ڪجهه پاڇي ڪري سگهان ها.

جڏهن ان ڳالهه جو ذڪر مون زال سان ڪيو ته هوءَ حساب ڪتاب جي ڪاپي کڻي آئي ۽ چيائين ته ڪيترن ئي سالن جي ڪفايت شعاريءَ ڪانپوءِ هاڻ هن وٽ پنج سئو ڊالر گڏ ٿي چڪا آهن.

”جيڪڏهن اهي به ٿورا ٿين ته آئون ڪجهه ٻيا به هٿ ڪري وينديس پر توهان اک جو علاج ضرور ڪرايو. توهان مون وانگر نه آهيو. هڪ اڻ پڙهيل ماڻهو اکين هوندي به انڌو هوندو آهي، پر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ لاءِ ٻنهي اکين جو نور ضروري آهي.“ هن چيو.

اهي پئسا وٺي مون کي سڪون ٿيو ۽ اک جي پردي جي آپريشن لاءِ ڊاڪٽر وٽ پنهنجو نالو لکرائي آيس. ان ڪانپوءِ هڪ مهيني بعد هن مون کي فون ڪيو:

”هڪ ڊرائيور ڪار جي حادثي ۾ مري ويو آهي. مرڻ کان اڳ هن پنهنجي زال کي وصيت ڪئي هئي ته هو هن جي جسم جا عضوا پلي وڪڻي جيڏي جيئن ٻارن جي سار سنڀال لاءِ ڪجهه پئسا ٿي پون. ڇا تون اڍائي سئو ڊالر هٿ ڪري سگهندين؟“

اسپتال جي ٻئي خرچ پکي جو حساب ٻه سئو ڊالر ٿي ٿيو. مون هڪدم هائوڪار ڪئي ۽ ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو ته آئون ٻئي ڏينهن اچي اسپتال ۾ داخل ٿيان.

منهنجا پاڳ ڀلا جو مون کي آپريشن جو موقعو ايترو جهٽ ملي ويو. نه ته ماڻهن کي ته ان لاءِ سالن جا سال ٻه انتظار ڪرڻو پوي ٿو.

جڏهن مون کي آپريشن ٿيٽر ڏي وٺي پئي ويا، ته منهنجي ڏيءَ پانگ مون کي ڪن ۾ ڳالهه ٻڌائي:

"امان ٻه اچڻ چاهيو ٿي، پر آپريشن جي تصور هن کي ڊيجاري ڇڏيو آهي، ان ڪري هوءَ اچي نٿي سگهي."

"هن کي ڇئجان ته هوءَ هتي نه اچي، پر هن کي اهو ضرور ڇئجانءِ ته آئون بلڪ چاق آهيان ۽ هوءَ ڪنهن ٻه قسم جي اون نه ڪري." مون وراٽيومانس ۾ منهنجي زال جو اهو ئي پراڻو تصور اپريو.

آئون اوڻيهن سالن جو هوس جو منهنجي شادي منهنجي ماءُ پيءُ جي مرضيءَ سان ٿي. منهنجو پيءُ ۽ سهرو پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. هنن اسان جي ڄمڻ کان اڳ ئي واعدا ڪيا هئا ته جيڪڏهن هن کي ڌيءُ ۽ هن کي پٽ ڄائو ته پاڻ ۾ شادي ڪرائيندن. سو ان ريت اسان زال ۽ مڙس جي رشتي ۾ سوگها ٿي وياسين ۽ هنن پنهنجو انجام پاڙيو.

شاديءَ کان اڳ مون پنهنجي زال کي ڏٺو به نه هو. شاديءَ جي ڏينهن هن کي صندل جي پالڪيءَ ۾ ويهاري اسان جي گهر آندو ويو ۽ خانداني رسمن جي ادائگيءَ کانپوءِ جڏهن آئون بيڊ روم ۾ گهڙيس ۽ سندس گهونگهٽ پري ڪيم ته خوف کان ڪي گهڙيون ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي ويس. هن جو منهن ماتا جي داغن سان ڀريل هو ۽ نڪ هيڪاندو بي ڊولو هوس. چچڙيل پرن جي هينان اکين جا ڇپر سُڄيل هئس. جيتوڻيڪ هوءَ اوڻيهن سالن جي هئي پر چاليهن سالن جي لڳي ٿي.

آئون ڊوڙي وڃي ماءُ جي ڪمري ۾ لڪيس ۽ سڄي رات روئيندو رهيس. منهنجي ماءُ مون کي گهڻو ئي سمجهايو ته مون کي پنهنجي قسمت سان نباهه ڪرڻ کپي. سادي شڪل وارين ڇوڪرين گهر ۾ برڪت آڻين ٿيون. پر انهن مڙني ڳالهين سان منهنجي ڏک ۽ فڪر ۾ گهٽتائي نه ٿي.

مون پنهنجي زال سان گڏ رهڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اسڪول ۾ ئي رهڻ لڳس. جڏهن موڪلون ٿيون تڏهن ٻه گهر نه آيس.

ڇگو عرصو هيڏانهن هوڏانهن گذاري جڏهن گهر پهتس ته منهنجي زال ان وقت ماني پچائي رهي هئي. هن مون کي ڏسي ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ مرڪڻ لڳي پر آئون ڏسڻ بنا پرسان لنگهي ويس.

مانيءَ کان پوءِ منهنجي ماءُ مون کي وري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي: "پٽ ايڏو ظلم نه ڪر. جيڪڏهن هن جو منهن مو چارو نه آهي ته ڇا ٿي پيو. هن جي دل ته سهڻي آهي!"

"ها، امان. هن جي دل ضرور سهڻي هوندي، تڏهن ته توهان منهنجي شادي هن سان ڪرائي آهي." مون ٺوڪ طور چيو.

منهنجي ماءُ جو منهن لهي ويو. هن وراڻيو: ”تنهنجي زال کي هن گهر ۾ آئي ڇهن مهين کان مٿي عرصو ٿي ويو آهي. هوءَ صبح کان شام تائين گهر ۽ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندي رهي ٿي پر ڪڏهن به هن تنهن جي سلوڪ بابت اُف به نه ڪئي آهي. مون هن کي ڪڏهن روئيندي به نه ڏٺو آهي پر مون کي ڄاڻ آهي ته هوءَ اڪيلائيءَ ۾ هنجون هاريندي رهي ٿي. پٽ! اهو ڪٿي جو انصاف آهي جو هوءَ شادي شده هوندي به رن زال جي زندگي گذاري رهي آهي؟“

ماءُ جي انهن ڳالهين جو منهنجي دل تي ڪجهه اثر ٿيو ۽ ان کان پوءِ مون پنهنجي زال سان گڏ گهارڻ شروع ڪيو پر هن جي باري ۾ منهنجي احساسن ۾ ڪو به فرق نه آيو هن هميشه پنهنجو ڪنڌ جهڪائي آهستي ڳالهايو ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه تي مون بحث ڪيو ٿي ته جواب ۾ هن مرڪيو ٿي. آئون سوچيندو رهيس ته هيءَ ته ٻُهه جي هڪ ڳوڻ ٿي. هن جي پنهنجي نه ته ڪا مرضي آهي ۽ نه وري ڪا راءِ.

ان کان پوءِ ٽيهن سالن جي گڏ گهاريل زندگيءَ ۾ آئون شايد ئي ڪو پنهنجي زال کي ڏسي خوش ٿيو هجان يا هن کي پاڻ سان ٻاهر وٺي ويو هجان. منهنجي دل ۾ هر وقت اها خواهش هوندي هئي ته هوءَ مري وڃي ته سٺو پر ان نفرت جي باوجود آئون ان ڳالهه کان پلي پت واقف هوس ته هن ۾ پيار ۽ صبر جو غير معمولي جذبو هو. جڏهن شروع شروع ۾ اسان تائيوان آياسين ته منهنجو پگهار تمام ٿورو هو. ان مان مشڪل سان گهر جو ڪاڌو خوراڪ ۽ مسواڙ ٿيندي هئي. اسان جي ڏيءَ گهڻو ڪري بيمار رهندي هئي ۽ گهر جي خرچ کي منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. پر منهنجي زال محنت سان پورهيو ڪري ان کوٽ کي پورو ڪيو ٿي. هوءَ گهر جي ڪم ڪار کان واندي ٿي ڪکن مان ويهي ٽوپيون ۽ ٽونئريون ٺاهيندي هئي. اهڙيءَ طرح ڪجهه نه ڪجهه وڌيڪ ڏوڪڙ ملي ويندا هئا.

جڏهن اسان اُپرندي ڪناري ڏي بدلي ٿي وياسين ته هوءَ مهاڻن جون ڄاريون مرمت ڪندي هئي- وري اتر ڏي بدلي ٿي ته هن ٿانون تي چِٽ گل ٺاهڻ سکي ورتا.

اسان ڪڏهن به فوجي ڪوارٽرن ۾ نه رهياسين. آئون ان ڳالهه کان پيو ڏجندو هوس ته ڪو ڄاڻ سڃاڻ وارو ماڻهو منهنجي زال کي ڏسي نه وٺي.

مون کي گهڻو ڪري گهر کان ٻاهر وڃڻ ٿيندو هو پر ڪڏهن به ٻنهي ٻارن يا گهر جي باري ۾ اون نه ٿي. سدائين اهو سڪون هوندو هو ته هوءَ سڄي گهر کي چڱيءَ طرح منهن ڏئي رهي هوندي.

آپريشن کانپوءِ منهنجي ڏيءَ يانگ مون لاءِ ٽرانسسٽر ريڊيو کڻي آئي ۽ اهڙيءَ ريت مون لاءِ ذهني وندر ٿي پيئي، پر ان هوندي به منهنجي سوچ جو وهڪرو پنهنجي زال ڏي هليو ويندو هو. مون کي ڪنهن حد تائين شرمساري به هئي جو مون ڪيس هيڏانهن اچڻ کان جهل ڪئي هئي.

مون کي ٻڌايو ويو ته ٻن هفتن کانپوءِ منهنجي پٽي کولي ويندي خوشيءَ کان آئون ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيس مون يانگ کي چيو:

“جڏهن آئون چاق ٿي ويندس ته ان نيڪ انسان جي قبر تي ضرور هلندس، جنهن مون کي پنهنجي اک جو پردو ڏنو.”

ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهو ڊپ ٿيندو هو ته شايد پردي جو پيوند صحيح نه لڳو هجي! جڏهن ڊاڪٽر چائو منهنجي اکين تان پٽي کولي ته مون کي اکيون کولڻ جي همت نه پئي ٿي. آئون ان ٻڏتر جي عالم ۾ سوچي رهيو هوس ته ڊاڪٽر جو آواز آيو:

“ڇا تون ڪجهه ڏسي سگهين ٿو؟”

مون پنهنجون اکيون ڇنڀيون ۽ آهستي وراڻيو: “ها، ڪجهه ڪجهه.”

ڊاڪٽر منهنجي پٺي ٺپري چيو: “صحيح آهي. هڪ هفتي کانپوءِ توکي گهر جي موڪل به ڏني ويندي.”

روز مون کي وڌيڪ چٽو ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. جنهن ڏينهن مون کي گهر وڃڻو هو ان ڏينهن آئون دري، ڪٻٽ، هنڌ ويندي ڪوپ ساسر به ڏسي سگهيس ٿي.

جڏهن منهنجي ڌيءَ يانگ مونکي وٺڻ آئي ته هن ٻڌايو “گهر اچڻ جي خوشيءَ ۾ امان توهان لاءِ خاص کاڌا تيار ڪري رهي آهي.”

“هوءَ هڪ نيڪ زال ۽ سٺي ماءُ آهي”. مون چيو مانس. ان حقيقت جي موجوتي مون هن کان اڳ ڪڏهن به نه ڪئي هئي.

سڄي واٽ يانگ چپ رهي، جنهن وقت آئون گهر پهتس ته منهنجي زال رڌڻي مان کاڌي جي ٿالهي کڻي پئي نڪتي. مون تي نظر پوڻ سان هن پنهنجو ڪنڌ کڻي هيٺ جهڪايو:

“توهان اچي ويا!” هن چپن ۾ چيو.

“آئون تنهنجو شڪر گذار آهيان جو منهنجي اکين جو نور واپس ڏيارڻ ۾ تو منهنجي مدد ڪئي.” مون چيو مانس.

هن جلدي ٿالهي کڻي ٽيبل تي رکي، منهن پٽ ۾ ڪري سڏڪن ۾ چوڻ لڳي: “منهنجي لاءِ توهان جا اهي لفظ تمام وڏي نعمت آهن. مون کي ائين لڳي ٿو جڻ منهنجي زندگي سڦل گذري.”

ان ئي وقت يانگ روئندي ڪمري ۾ آئي ۽ ماءُ ڏي نهاري چوڻ لڳي: “امان توهين بابا کي ٻڌايو. بابا کي ضرور ٻڌايو ته ڪين اک جو پردو توهان ئي ڏنو آهي.”

“مون فقط اهو ڪيو آهي، جيڪو منهنجو فرض هو.” هن جواب ڏنو.

آئون ٽپ ڏئي هن جي ڀرسان بينس ۽ ڪيس ڇڪي منهن پاڻ ڏي ڪري ان جو غور سان جائزو وٺڻ لڳس. هن جي ساڄي اک ائين بي نور هئي جيئن منهنجي کاٻي اک ٿي چڪي هئي.

“سونهري گل!” زندگيءَ ۾ مون پهريون دفعو ڪيس سندس نالي سان سڏيو “تو ائين ڇو ڪيو؟” مون هن کي لوڏي پڇيو.

” ان لاءِ جو توهان منهنجا مڙس آهيو.“ هن پنهنجو منهن منهنجي سيني منجهه لڪائيندي چيو.

مون هن کي پنهنجين ٻانهن ۾ سوگهو ڪڙي جهليو. مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سڄي ڪائنات جو حسن منهنجي قدمن ۾ وڇائجي ويو هجي.

(ليکڪ: وانگ يانگ، تائيوان).

# بدلو

تکي بلو رنگ جي ڪار علائقي جي سوڙهي بازار مان آهستي آهستي هلندي اچي هڪ دڪان اڳيان بيني. ڳري متاري همراهہ ڪار ۾ ويٺي ويٺي دڪان ٻاهران ٽنگيل بورڊ پڙهيو.

(ارون هاڪرز اسٽيٽ ايجنٽ.)

۽ پوءِ آهستي آهستي پنهنجي ڪار رستي جي هڪ پاسي پارڪ ڪري پگهر اُگهي دڪان ڏي وڌيو. هو انهيءَ پاڙي ۾ ڏاريون ٿي لڳو. چمار ۾چاليهن جي لڳ ڀڳ ٿيندو ۽ ڪپڙي گندي مان پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجھيو پيئي لڳو. هن جا ڳتا اُپريل پر اکيون اندر ويٺل هيون. جن مان مڪاري ظاهر ٿي ٿي.

"ڇا توهان ئي مسٽر هاڪرز آهيو؟" هن دڪان ۾ داخل ٿيندي پڇيو.

"هائو حڪم ڪريو. آئون ئي ارون هاڪرز آهيان." اهو چوندي دڪان ۾ موجود پوڙهي همراهہ ارون ڏي ڪيڪار لاءِ هٿ وڌايو. پر اجنبيءَ هن جي وڌايل هٿ ڏي ڪو ڌيان نہ ڏنو ۽ دڪان کي غور سان ڏسندي چيو:

"مون کي واٽربري چون ٿا." اجا بہ ڪڙڪيدار آواز ڪندي چيو: "مون کي انهن رسمي ڪيڪار ڪڙين ۽ ڳالهين ٻولهين کان چڙ لڳندي آهي. هونءَ بہ آئون ڪو واندو ماڻهو ناهيان. بس ڪم جي ڳالهہ سان ئي واسطو وجهہ رکان ٿو."

"تہ مسٽر واٽربري توهان ڇا بابتڳالهہ ڪرڻ چاهيو ٿا؟" ارون پنهنجي عينڪ مان گهوريندي پڇيو.

آئون توهان جي پاڙي ۾ گهر وٺڻ چاهيان ٿو۔ هڪ وڏو گهر."

"تمام سنو مسٽر واٽربري. ڇا ڪو گهر توهان جي نظر ۾ آهي. جنهن کي وٺڻ جو توهان کي شوق هجي؟"

"ها شهر کان ٿورو پرڀرو اتر طرف جيڪو گهر آهي."

"اهو...ڪمانين ۽ ٿنين وارو؟" ارون پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

"ها بلڪل اهوئي! جتي 'گهر ويڪو آهي' جي تختي لڳل آهي ۽ گڏوگڏ تنهنجي ڪمپنيءَ جو ڏس بہ."

ارون جي منهن تي هڪ ڦڪي مرڪ نروار ٿي.

"ها ان جو فائل مون وٽ ئي پيل آهي."

اهو چئي هو بيزاريءَ مان اٿيو ۽ ڪٻٽ مان فائيل ڪڍي ان مان هڪ ٽائيپ ٿيل پنو واٽر بريءَ ڏي وڌايو. هن ۾ گهر بابت سڄو احوال ڏنل هو. ڏيڍ سئو سال پراڻو گهر. اٺ ڪمرا. تمام وڏو ورانڊو.

پنيان باغيچو جنهن جي وچ ۾ گھاٽا گھاٽا وڻ. وهنجڻ لاءِ وڏي نادي. ٻاهرين پاسي ڪيترائي دڪان ۽ قيمت پنجھتر هزار ڊالر.

واٽر بري گھر جون خاصيتون ۽ قيمت پڙهي رهيو هو ۽ ارون جون نگاهون اهو سڄو وقت هن جي منهن ۾ کتل هيون. واٽر بريءَ منهن مٿي ڪري هڪ دفعو ارون کي وري ڏٺو ته پوڙهي کان ڇرڪ نڪري ويو.

”ڇئو سائين. ڇا توهان کي اجا به هن گھر ۾ دلچسپي آهي؟“ هن گراهڪ کي توريندي چيو.

”ڇو نه؟“

ارون کي هن همراهه جي جواب تي تعجب سو ضرور لڳو ڇو جو هن کي ان جواب جي اميد نه هئي.

”صحيح آهي. جيڪا توهان جي مرضي. هونءَ اها جاءِ ايتري قيمتي آهي ڪانه جيترو ان جي مالڪياڻي سمجھي ٿي. پر تڏهن به جيڪڏهن توهان چئو ٿا ته آئون مسز گرائمس کي ٻڌائي ٿو وٺان.“

”توهان به عجيب دلال آهيو. گھر آيل گراهڪ کي ڀڄائڻ ٿا چاهيو.“ واٽر بريءَ کلهن کي لوڏولوڏيندي چيو.

” ڏس سائين! مون کي ڪميشن ته ٻنهي طرفن کان ملي ٿي. پوءِ ڪنهن کي نقصان ڇو رسايان. هونءَ توهان پاڻ غور ڪريو اهو گھر ڪو قلعو ته نه آهي جو ايتري قيمت رکي وڃي. جڏهن کان گھر ٺهيو آهي تڏهن کان نه ان جي ڪا مرمت ڪرائي اٿس نه ڪو رنگ پوچي! ٻاهران گھر جي پيڙهه ٻوڏ ڪري کوکلي ٿي وئي آهي. ڪجھه سالن ۾ ان جون ڪامون به اچي پٽ تي ڪرنديون. ۽ هيٺئين باغيچي وارو حصو ته صفا ڪلر ٿي ويو آهي.“

” ته پوءِ هن ايتري قيمت ڇو ڪٽي لڳائي آهي“. واٽربريءَ ڳڪ ٽيندي پڇيو.

” ان کي چريائپ ئي چئبو- ڏهه ٻارهن هزار ڊالرن جي عمارت جا پنجھتر هزار- هون!“

”عجيب ڳالهه آهي.“ واٽربري ڇپن ۾ پٽڪيو ۽ ڪرسيءَ تي اڌ گابرو ويهندي ارون کي مخاطب ٿيو: ”خبر ناهي ڇو مون کي اهو گھر وٽي ويو آهي. پر تنهنجي ڳالهه به صحيح آهي ته ان جي قيمت گھٽي رکي اٿس.“

”منهنجي خيال ۾ ته هوءَ گھٽي قيمت شايد پنهنجين يادين جي گھري رهي آهي. جيڪي ان گھر سان وابسته اٿس. هوءَ چڱي پوڙهي آهي. ٻيو ڪو ڪمائيءَ جو ذريعو نه اٿس. هڪ پٽ هوس جيڪو جواني ۾ ئي قتل ٿي ويو. اهو ئي هن جو سڀ ڪجھه هو.“ تفصيل ٻڌائيندي پوڙهو غمگين ٿي ويو.

”اڇا.“ واٽربري پولارن ۾ گھوريندي اٿي بيٺو.

”جيڪڏهن آئون پاڻ مالڪياڻيءَ سان ملي گھر جي قيمت گھٽ ڪرڻ لاءِ چوانس ته؟“

ارون ماٺ ۾ رهيو- شايد هن کي واٽر بريءَ جي اها صلاح پسند هئي.

واٽر بريءَ جي ڪار ان سوڙهي بازار مان نڪري ٻاهر ويندڙ ويڪري رستي ڏي رواني ٿي، ڪجهه دير ڪانپوءِ گرائمس مئنشن جي سامهون وڃي ترسي. هيءَ ڏيڍسئو سال کن پراڻي عمارت ڪڏهن تمام سهڻي رهي هوندي، پر هاڻ جهڙي پڙپانگ، گهر جو باغيچو جهنگ ٿي ويو هو. واٽر بري ان ڊٺل ڦٽل جاءِ کي گهوريندو اڏوهي لڳل ڪاٺ جي در مان اندر گهڙيو. اجا چند قدم به اڳتي مس وڌيو هوندو جو ڪا ڪاري شيءِ اڏامندي سندس ڪوٽ سان لڳي اڳتي هلي وئي. هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پر پوءِ ٻي گهڙيءَ پنهنجي ڊڄڻ تي پاڻ شڪي ٿي ويو. اها ڪاري شيءِ ٻيو ڪجهه نه پر هڪ ٻلي هئي جا ڪنهن وڻ تان ڪرندي ئي ڪٻڙن ۾ لڪي وئي.

هو هڪ گهڙيءَ لاءِ اتي ئي بيهي رهيو ۽ اوڏانهن ڏسڻ لڳو جتان ٻليءَ هن جي مٿان ٽپ ڏنو هو. اهو هڪ پراڻو وڻ هو جنهن جون ڪئين شاخون هيڏانهن هوڏانهن پکڙيون پيون هيون. هن جون نگاهون وڻ جو جائزو وٺندي مٿي ماڙيءَ ڏي کڄي ويون. هو ڪجهه گهڙيون ائين ئي خالي نگاهن سان گهوريندو رهيو. پوءِ هن جي اکين ۾ هڪ عجيب قسم جو خوف ترڻ لڳو ۽ ان سان گڏ سندس پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ هڪ ٿڌو سور محسوس ٿيو ۽ سجو ڏڪي ويو. واٽر بري تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري هئي. هو ڪا دير پنڊ پهڻ ٿي بيٺو رهيو. پوءِ هڪدم جهڙوڪر هوش ۾ اچي ويو ۽ هڪ سيڪنڊ به وڃائڻ بنا تکو تکو در کان ٻاهر نڪري آيو.

مين روڊ تي پهچي، هڪ دفعو وري هن جا قدم ڄمي ويا. هن مڙي گرائمس مئنشن تي نگاهه وڌي ۽ کيسي مان رومال ڪڍي نرڙ تان پگهر اگهيو. ڪجهه لمحن بعد هن پنهنجو هوش سنڀاليو ۽ پنهنجي ڪار ڏي وڌڻ لڳو - پر ڪجهه قدم هلي وري بيهي رهيو ۽ پوءِ خبر ناهي ڇا سوچي هو وري ان گهر ڏي آيو. پر سندس هلڻ جو انداز ڪجهه اهڙو هو ڄڻ هو پنهنجي مرضيءَ سان نه وڃي رهيو هجي پر ڪا غيباڻي طاقت هن کي ان جاءِ ڏي ڇڪي رهي هجي. اندرين عمارت جي دروازي تائين پهچي واٽر بريءَ در کڙڪايو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هڪ ننڍي قد جي اڌڙوٽ عورت دروازو کوليو. هن جا وار نوي سيڪڙو اڇا ٿي چڪا هئا ۽ منهن سجو گهنجن سان ڀريل هوس.

”توهان شايد واٽربري آهيو؟“ هن گهوريندي پڇيو.

”هائو مئڊم! شايد ارون توهان کي منهنجي اچڻ جو نياپو ڪيو هجي.“

”ها، توهان صحيح سمجهيو. اچو اندر اچو.“ اهو چئي هن واٽر بريءَ کي اندر اچڻ جو اشارو ڪيو. اندر چڱي خاصي اونده هئي ۽ گرمي نالي ماتر به نه هئي. چڱي پرسڪون ۽ ٿڌي جاءِ هئي. پوڙهيءَ کيس هڪ وڏي ڪمري ۾ اچي ويهاريو. جتي پراڻي زماني جو فرنيچر سجيو رکيو هو ۽ درين تي رنگين پردا ڏنل هئا. هوءَ واٽربريءَ کي هڪ ڪرسيءَ ڏي اشارو ڪري پاڻ آرام ڪرسيءَ تي ڍير ٿي ويئي.

”ها، ته ٻڌايو مسٽر واٽربري آئون توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿي.“ پوڙهيءَ ڳالهه شروع ڪئي.

“مسز گرائمس مون مسٽر ارون سان توهان جي گهر وٺڻ بابت ڳالهه ٻول ڪئي آهي.”

“مون کي اها خبر پئجي چڪي آهي.” هن جي آواز ۾ تمام گهڻو اعتماد هو.“ارون چريو آهي جو هن توکي منهنجي راءِ بدلڻ لاءِ موڪليو آهي”.

“منهنجو در اصل اهو ارادو نه هو. بس ان بهاني توهان سان ملڻ ٿي چاهيم.” واٽربريءَ عقيدتمنديءَ جوا ظهار ڪندي چيو.

اهو ٻڌي پوڙهيءَ ڪرسيءَ جي پٺ تي پنهنجو ڪنڌ جهڪائي اکيون بند ڪري ڪجهه لمحا ماٺ ۾ سوچڻ لڳي، پوءِ هن ائين ڪچيو ڇڻ ڪنهن کوهه مان ڳالهائي رهي هجي.

“ڳالهه صاف ڪليءَ طرح ڪرڻ ڪپي مسٽر واٽربري. اهو ٻڌايو توهان ڇاتا چوڻ چاهيو؟”

“مسز گرائمس اڄڪلهه نِت نئين ڊيزائنن وارن گهرن جي مقابلي ۾ هن پراڻي گهر جي قيمت هر صورت ۾ گهٽ هئڻ کپي.” هن عاجزيءَ مان چيو.

“ماٺ اٺانوَ يلي”. پوڙهيءَ ڪاوڙمان چيو. “آئون ان بابت ڪا به ڳالهه ٻڌڻ نٿي چاهيان. توهان کي جيڪڏهن ڪو ماڊرن قسم جو گهر کپي ته پوءِ اهو وڃي وٺو ۽ منهنجو مغز نه کائو.”

“محترما...”

“خدا حافظ مسٽر...”

هوءَ اٿي بيني ۽ مُڙي واٽربريءَ کي ڏنو جيڪو اٿڻ بدران اجا ڪرسيءَ تي ڄميو پيو هو.

“ڏسو مسز گرائمس توهان جو گهر پراڻو سهي پر پاڙي پنيءَ جي ڪري مون کي هي سودو منظور آهي.”

پوڙهي هن اڻ سوچيل جواب تي ششدر ٿي وئي. هن جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته هن جي ههڙي پنجوءَ جهڙي گهر کي ڪو پنجهتر هزار ڊالرن ۾ خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. هن هڪ دفعو واٽر بريءَ کي گهوري ڏٺو. هو تڪا تڪا سگريٽ جا ڪش هڻي رهيو هو.

“ڇا توهان هوش ۾ آهيو مسٽر واٽر بري.”

پوڙهيءَ کي پنهنجن ڪنن تي اعتبار نه پئي آيو.

“آئون هوش ۾ برابر آهيان. محترما. مون وٽ خاصي دولت آهي ۽ توهان جي ان اگهه ۾ وڪڻڻ ۾ راضي آهيو ته ائين ئي سهي.” واٽر بري پُرسڪون نظر اچي رهيو هو. پوڙهيءَ جا ڏڪندڙ چپ خوشيءَ کان ٽڙي پيا. هڪ لڪل روشني هن جي اکين ۾ ظاهر ٿي ۽ هن ائين وني ٿهڪ ڏنو جيئن ڪو فاتح شڪار جي سيني مٿان چڙهي ويندو آهي. ان ئي وقت اندرين دروازي تي ڪڙو لڳو ۽ پوڙهي موڪلائي اٿي ويئي.

ٿوري دير بعد پوڙهي پڻ پڻ ڪندي ڪمري ۾ داخل ٿي. “جنهن کي ڏس اهو ٻڳو بيٺو آهي، هتي ڪو رڏو پيو نري ڇا.” اهو چئي هوءَ واٽر بريءَ جي سامهون واري ڪرسيءَ تي اچي ويئي. واٽر بري

سگريٽ ڇڪڻ ۾ مشغول هو. هن اچڻ واري همراهه جو نه پڇيو. پوڙهي ڪجهه دير اِيا ساهه کڻندي رهي. پوءِ گهر بابت ٻڌائڻ لڳي.

"اسان جو هي گهر خانداني گهر آهي- اسان جا ابا ڏاڏا سئو سالن کان هن ۾ رهندا اچن پر قدرت کي شايد اهو منظور هو جو هن گهر جا رهواسي آهستي آهستي گهٽجي ويا ۽ هاڻ هڪ منهنجو اڪيلو سِرِ وڃي بچيو آهي. جڏهن کان هي گهر ٺهيو آهي نه ڪا سندس مرمت ٿي آهي ۽ نه وري ڪو رنگ روغن. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي ته منهنجي پٽ مائيڪل جي ڄمڻ کان پوءِ هن گهر جو گهڻو حصو ٻوڙ هيٺ اچي ويو هو. پر اسين ان جي به مرمت ڪرائي نه سگهياسين. ارون جو خيال آهي ته ڪجهه عرصي کانپوءِ هي ڪري پوندو. پر ان هوندي به مون کي هن گهر سان تمام گهڻو پيار آهي ڇو ته هن سان منهنجن سٺن ڏينهن جون يادون لاڳو آهن. سمجهو پيا نه منهنجي ڳالهه؟"

"ها، ها، توهين ٻڌائيندي وڃو."

واٽر بري غور سان ٻڌي رهيو هو.

"مائيڪل جڏهن نون سالن جو ٿيو ته هن جو پيءُ گذاري ويو. هن جي مرڻ کانپوءِ اسان جي ڪٽنب کي پئسي ڏوڪڙ جي سختي ٿي. بس جيئن تيئن ڪري مائيڪل جو نيپاج ٿيندو رهيو پر تڪليفون اسان کي چوڌاري ورائي ويون هيون ۽ اسان بلڪل بي وس ٿي پيا هئاسين."

واٽر بري هن ڏي همدرديءَ مان نهاريو پر پوڙهي ڳالهائيندي رهي.

"جيئن تيئن ڪري اسڪول پورو ٿيو ته هو ڪاليج لاءِ شهر ويو. هن جي تعليم جي پورائي هن خاندان جي نئين زندگي هئي. پر هن جون سوچون ڪجهه ٻيون هيون. هن شهر ۾ پڙهڻ سان گڏوگڏ ڪجهه ڪم پورهيو به شروع ڪري ڏنو. مون هن کي ڪيڏو سمجهايو پر هن هرگز نه مڃيو ۽ هن ڪمائڻ شروع ڪري ڏنو ۽ مون کي باقاعدي خرچ پکو موڪليندو رهيو."

پوڙهيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن هٿن سان اکين جون ڪنڌون اگهيون ۽ وري چوڻ شروع ڪيو:

"پهرين پهرين ته هو مهينو ڏيڍ ڳوٺ جو چڪر هڻي ويندو هو پر پوءِ ڳوٺ اچڻ ۾ دير ڪرڻ لڳو. ويندي هڪ وقت اهڙو به آيو جو يڪا پنج سال مون هن جو منهن نه ڏٺو. ان هوندي به هو گهر جو خرچ پابنديءَ سان موڪليندو رهيو ۽ اهڙيءَ طرح هن جي جيئري هجڻ جي امِيد دل ۾ هئي. پنجن ورهين جي ڊگهي انتظار بعد نيٺ هڪ رات هو اوچتو اچي نڪتو هو تمام گهڻو ڏبرو لڳي رهيو هو. ڏاڙهي وڌيل ۽ پريل، جسم سڪي ڪنڊا ٿي ويو هوس. هن جي هٿن ۾ هڪ پيتي هئي جنهن کي کڻائڻ لاءِ مون هٿ وڌايو ته مائيڪل منهنجي هٿ کي ٺيلهو ڏئي مون کي اچڻ کان منع ڪري پاڻ مٿي هليو ويو. آئون هن منجهه هي عجيب ڦيرو ڏسي اکيون ڦاڙي سوچيندي رهيس."

"هن جي ان سلوڪ تي منهنجو هانءُ تي ڦاٽو ۽ سڄي رات سمهي نہ سگهيس- ٻئي ڏينهن مون کي بازار مان سامان آڻڻ لاءِ اماڻيو. آئون ٻن ٽن ڪلاڪن کانپوءِ موٽيس تہ هن جي پيتي ڪٿي بہ نظر نہ آئي."

واٽر بري هن جي ڪهاڻي غور سان ٻڌي رهيو هو ۽ پڄاڻيءَ لاءِ بيچين هو. پوڙهيءَ ڳالهہ کي جاري رکندي چيو:

"ان ئي رات مون مائيڪل جي ڪمري مان ڪنهن کي ڏاڍيان ڳالهائيندي ٻڌو. ڄڻ ڪو مائيڪل سان وڙهي رهيو هجي. آءٌ حالتن جو جائزو وٺندي جلدي جلدي ڏاڪڻ چڙهيس تہ دروازو اندران بند هو. مون ڪنجيءَ واري سوراخ مان ليئو پائي اندر ڏٺو تہ هڪ ڳرو متارو مڙس مائيڪل سان وڙهي رهيو هو پر هن جو منهن ڏسي نہ سگهيس. هو مائيڪل کي دڙڪا ڏئي رهيو هو.

هوءِ اهو ٻڌائي ماٺ ٿي ويئي. هوءَ هڪ لمحي لاءِ واٽر بريءَ جي خراب ٿيندڙ حالت جو جائزو وٺڻ لڳي، جيڪو اکيون ڦاڙي هن کي گهوري رهيو هو.

"آئون اجا حالتن کي چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهيس." هن ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چيو "۽ اهو فيصلو بہ نہ ڪري سگهي هيس تہ ڪٿي دروازو ڪڙڪايان تہ ايتري ۾ بندوق ڇٽڻ جو آواز گونجيو ۽ مائيڪل کي هيٺ فرش تي ڪرندي ڏٺو ان سان گڏ ئي اجنبي ڀنيڻ درئيءَ مان ٽپو ڏئي ڀڄي ويو. ڏک ۽ ڪاوڙ مان منهنجو هينئون ٻڏڻ لڳو ۽ آئون اتي ئي ڍير ٿي ڪِري پيس.

"ان ڏک ڀري واقعي کي پنج سال ٿي چڪا آهن. ڪجهہ عرصو اڳ پوليس مون کي اطلاع ڪيو تہ مائيڪل ۽ ان جو قاتل ڪنهن وڏي ڏوهہ ۾ قاتل آهن ۽ انهن ٻنهي هزارين ڊالرن جي چوري ڪئي هئي. پوءِ مائيڪل چوريءَ جو مال ڪٿي ڀڄي ويو هو ۽ رات جي اونداهيءَ ۾ هتي اچي لڪيو هو ۽ چوريءَ جي پئسن کي ڪنهن اهڙي هنڌ لڪائي ڇڏيو جنهن جي خبر اڄ تائين مون کي بہ نہ پئي. ٻيو ماڻهو هن جي ڳولا ۾ جڏهن هتي آيو ۽ پنهنجي پتيءَ جي رقم گهريائين تہ هن کي خبر پيئي تہ پئسا ڪٿي لڪايا ويا آهن تہ ان تي هن ڪنور دل انسان منهنجي ٻچڙي جو خون ڪري ڇڏيو."

اهو چئي پوڙهيءَ اکيون بند ڪري ڇڏيون. هڪ ڳوڙهو سندس اکين مان نڪري ڳلن جي گهنجن تان سادا ڪائي هيٺ ڪريو ۽ سندس ڪپڙن ان کي چهي ورتو. پوڙهي ۽ واٽربري ٻئي خاموش رهيا. ڪجهہ گهڙيون هنن اڳيان ائين ئي رڙهي ويون. ان کانپوءِ وري پوڙهيءَ پنهنجا چپ کوليا:

"ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا مسٽر واٽر بري تہ مون ههڙي پڳل گهر جي ايڏي ڳري قيمت ڇو رکي آهي؟"

"مون کي خبر ناهي." هن رڪائيءَ مان جواب ڏنو.

"هائو توهان کي ان جي خبر ڪيئن پوندي. در اصل ان جو هڪ خاص سبب آهي... تمام گهڻي سوچ ويچار کانپوءِ جڏهن آئون پوليس جي طرف کان صفا نراس ٿي ويس تہ هو منهنجي پٽ جي قاتل کي جهلي نہ سگهندا تہ مون هڪ منصوبو سِٽيو تہ هن گهر کي وڪڻڻ جو اعلان ڪريان ۽

هن جي قيمت ايتري تہ ڳري رکان جو هر ڪو ماڻهو وٺي نہ سگهي ۽ جيڪو بہ هن جي قيمت ٻڌي اهو مون کي چريو ئي سمجهي. رڳو منهنجي پٽ جو خوني ئي گهر وٺڻ چاهيندو ڇو تہ هن کي خبر آهي تہ منهنجي پٽ اها ملڪيت هن ڪشادي گهر جي ڪنڌ پاسي ۾ لڪائي رکي آهي.”

اهو چئي هوءَ ٿهڪ ڏيڻ لڳي ۽ ڪلندي چيو:

“۽ پوءِ تو هان اچي ويا منهنجي ڪوڙڪي ۾. ڪيئن واٽر بري! منهنجي پٽ جا خوني... ڪيئن لڳي اٽڪل.”

“پوڙهي رن بڪ بند ڪر. ڪميٽي آئون توکي هينئر جو هينئر مزو ٿو چکايان. تون سمجهين ٿي تہ اهڙي ريت تون مون کي ڦاسائي سگهندينءَ ۽ پاڻ بچي ويندينءَ. آئون توکي بہ تنهنجي پٽ وٽ پهچائي سگهان ٿو.”

اهو چئي هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ پوڙهيءَ کي ڪٽي ڳتر ۾ هٿ وڌو. ان ئي وقت ڪمري ۾ ڪنهن جو آواز ٻُريو.

“واٽر بري پنهنجا هٿ مٿي ڪر. تنهنجو کيل ختم ٿي ويو.”

ڪمري جي دروازي وٽ هڪ انسپيڪٽر ۽ بہ پوليس وارا بيٺا هئا.

واٽر بري پوليس کي ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ هن پوڙهيءَ جي ڳچيءَ مان هٿ ڪڍي ڇڏيا.

پوڙهي پنهنجي ڳچي مهٽيندي پري ٿي ويئي.

(ليکڪ: هينري سلاسر. آمريڪا)

# ثبوت

هوائي جهاز جا دروازا بند ٿي چڪا هئا. ڪئپٽن طرفان مسافرن کي بيلٽ ٻڌڻ ۽ سگريٽ نہ ڇڪڻ لاءِ چيو ويو. پيٽر کي هڪ هڪ گهڙي جبل جيڏي لڳي رهي هئي. دل چيس تہ جيڪر سندس جهاز چنڊ تي ويندڙ راڪيٽ جيان جهٽ پٽ نيوجرسي پهچي وڃي، جيئن هو پنهنجي پيءُ هيولاڪ کي "پنهنجي پسند" ڏيکاري سگهي. جيڪا هن جي پر ۾ اکيون بند ڪري ڪجهہ سوچي رهي هئي.

هن جو پيءُ نارمن هيولاڪ، نيوجرسي اسٽيل ڪمپنيءَ جو چيئرمئن هو. پيٽر اڪيلو پٽ هوس، جيڪو ٻاروتڻ ۾ ئي پنهنجي ماءُ جي پيار کان سڪي ويو هو. اهڙيءَ طرح هيولاڪ جي سڄي ملڪيت جو اڪيلو وارث پڻ هو. پيٽر جي معلومات مطابق سندس پيءُ هيولاڪ، سڄي عمر ٻي شاديءَ لاءِ ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي، ڇو جو گهريلو مونجهارن کان ڇٽل رهي هن نيوجرسي اسٽيل ڪمپنيءَ کي مٿاهين درجي تي پهچائڻ چاهيو ٿي. هيولاڪ جيتوڻيڪ ٿوري کهري طبيعت جو ماڻهو هو پر هڪ آزاد آمريڪي معاشري ۾ جتي اولاد گهڻو ڪري ماءُ پيءُ کان باغي رهي ٿو اتي پيٽر حيرت انگيز حد تائين هيولاڪ جو باادب ۽ چئيوان پٽ هو. هو ڪجهہ ڪجهہ جذباتي ضرور هو پر زندگي جي سيني معاملن ۾ پنهنجي پيءُ جي مرضي ۽ صلاح ضرور وٺندو هو جنهن تي پاڻ سندس دوست يار هن تان چرچا يوڳ ڪندا هئا ۽ هو هنن جي چرچن کي کلي ٽاري ڇڏيندو هو. هو ان ڳالهہ تي بہ دل ۾ نہ ڪندو هو تہ دوست ڪيس "عظيم بزدل" جي لقب سان سڏين ٿا.

پيٽر کي ڪڏهن ڪڏهن تعجب بہ لڳندو هو تہ هن جي پيءُ هن تي اهو شرط ڇو وڌو آهي تہ هو اهڙي ڇوڪريءَ جي چونڊ ڪري جنهن جا وار ڪارا، اکيون آسماني رنگ جون ۽ قد وچولو ۽ ڪتابي چهرو هجي. هو پنهنجي پيءُ جي ان شرط کي شاديءَ جي معاملي ۾ نظرانداز بہ نٿي ڪري سگهيو. هن ڄاتو ٿي تہ سندس پيءُ هيولاڪ هن کي دڙڪو ڏنو هو تہ جيڪڏهن هن ائين نہ ڪيو تہ هو پنهنجي سڄي ملڪيت سندس حوالي ڪرڻ بدران ڪنهن يتيم خاني يا فلاحي اداري کي ڏئي ڇڏيندو.

نيوجرسي ايئرپورٽ تي جڏهن هوائي جهاز لٿو تہ پيٽر پنهنجي پر ۾ ويٺل ڇوڪريءَ کي آهستي ڇهنڊڙي هٽي جاڳايو. هن ڀُٽڪندي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڇڳيءَ طرح سجاڳ ٿيندي ئي هن پيٽر جي ان حرڪت تي مرڪيو. هن کي ائين محسوس ٿيو جڻ هن جي جسم جو ساز وڄي رهيو هجي. ايئرپورٽ تي هن جي پيءُ پيٽر ۽ لوسي لاءِ گاڏي موڪلي ڏني هئي. هو ٻئي اڌڪلاڪ جي ڊرائيونگ بعد وڏن وڏن بنگلن جي انهن قطارن اڳيان لنگهڻ لڳا، جن جي ٻنهي ڪنارن تي پام جا وڻ تمام گهٽي سليقي سان لڳل هئا. آسمان تي ڪڪر ڪيڏندڙ ٻارن وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا هئا ۽ هوا ۾ سوڪڙ ۽ ٿڏڪار هو.

گهر پهچي هن لوسيءَ کي مٽي ماڙيءَ تي موڪليو ڪجهه دير ڪانپوءِ سندس پيءُ به آفيس کان گهر پهتو. ٻئي ڄڻا ڪيڪار سان مليا. هيولاڪ چيو: ”ڇا ڳالهه آهي، تمام گهڻو خوش نظر اچي رهيو آهين.“

پيٽر جهٽ جواب ڏنس: ”مون اريزونا رياست ۾ هڪ ڇوڪري شاديءَ لاءِ ڳولي آهي، ڪارن وارن، آسماني اکين، وچولي قد ۽ ڪتابي چهري واري.“

هيولاڪ هن جي ڳالهه کي نظرانداز ڪري پڇڻ لڳو: ”پنهنجي ايجنسي ته صحيح طرح ڪم ڪري رهي آهي نه؟“

”بابا، لوسي تمام سٺي طبيعت جي ڇوڪري آهي.“

”ايجنسيءَ وارن حساب ڪتاب ۾ ڪو ڦڏو ته نه ڪيو- منهنجو مطلب آهي ته اتي ماڻهن کي ڏاڍيون شڪايتون هيون.“

”ڊئڊ! ايجنسي بيجنسي بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهي. لوسيءَ سان ملندائو؟“

هيولاڪ بيزاريءَ مان پڇيو: ”خاص اريزونا جي آهي؟“

”جي ها.“

”ريڊ انڊين چوندا آهن ته فلرٽ اريزونا جي ڇوڪريءَ سان ڪجي ۽ شاديءَ لاءِ واشنگٽن هليو وڃجي.“ هيولاڪ کلندي چيو.

”ريڊ انڊين بيوقوف ٿيندا آهن.“ پيٽر چڙندي چيو.

”هونءَ اريزونا جون ڇوڪريون واقعي بي وفا ٿينديون آهن.“ هن جي پيءُ اهو ٻيو وار ڪيو.

”توهان کي ڪهڙي خبر؟“

ايتري ۾ نوڪر اچي ٻڌايو ته پيٽر جو فون آيو آهي. پيٽر پر واري ڪمري ۾ فون لاءِ ويو ۽ پنهنجي دوست سان ڳالهائيندو رهيو- جيڪو هن جي خيريت پڇي رهيو هو. پوءِ هن جي دوست اوچتو هن کي اهڙي ڳالهه ٻڌائي جو هو تپرس ۾ پئجي ويو. هن فون ڪٽي رکيو ۽ هيولاڪ وٽ آيو.

”ڊئڊ- آئون ٿوري دير ۾ اچان ٿو.“

”ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“

”فورڊ وٽ، هن جي زال کي هڪ قتل جي ڪيس ۾ جهليو اٿن، هو تمام گهڻو پريشان آهي. آئون پڇاڳاڇا واري آفيسر کي سڃاڻان ٿو. هن کي سفارش ڪري اجهو ٿو موٽان.“

اهو چئي پيٽر مٽي ماڙيءَ تي ويو ۽ لوسيءَ کي ٻڌايائين ته هوءَ اتي ئي رهي ۽ هن جي پيءُ سان اچا نه ملي.

جنهن وقت هو موٽيو ته شام جا پاڇا وڏا ٿي چڪا هئا، هيولاڪ ڏهاڙيءَ وانگر پنهنجا فائل ڏسي رهيو هو. هيولاڪ هٿ جي اشاري سان هن کي پاڻ وٽ سڏائي هڪ خط ڏنو. هن جلدي جلدي خط کولي پڙهڻ شروع ڪيو. خط ۾ فقط چند سٽون لکيل هيون:

“ڊيئر پيٽر! اتفاق سان تنهنجي پيءُ سان منهنجي ملاقات ٿي وئي. تي سگهي ٿو ته مون کي معاف ڪجانءِ.

“لوسي پئٽريشيا”

“لوسي هلي وئي آهي.” هيولاڪ ماٺ کي ختم ڪندي چيو.

“هي سڀ ڇا آهي؟” پيٽر رڙ ڪئي.

هيولاڪ سگار چپن ۾ جهلي چيو :“ چيم نه ته اريزونا جون ڇوڪريون فلرٽ ڪرڻ لاءِ رڳو صحيح آهن.”

“ڪهڙي ثابتي آهي توهان وٽ؟” پيٽر ٿورو بي ادب ٿي پڇيو.

“آئون پاڻ.” هيولاڪ مرڪيو.

“ توهان پاڻ!” پيٽر جون اکيون ڦاٽي ويون.

“جي هائو. اڻ تجربيڪار ڇوڪرا آئون پاڻ.”

هيولاڪ پنهنجيون اکيون پوريندي چيو. “لوسي پئٽريشيا منهنجي زال جي حيثيت ۾ مون سان گڏ رهي چڪي آهي. جڏهن آئون اريزونا ۾ اسٽيل ڪمپنيءَ جي شاخ قائم ڪرڻ لاءِ ويو هوس ته هن مون کي پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي ورتو هو. جڏهن مون کي خبر پيئي ته هوءَ اڏڙوٽ قسم جي مردن سان شادي ڪري هنن جو مال دولت ڦرڻ جو ڌنڌو ٿي ڪري ته مون ڪيس ڇڏي ڏنو. مون توکان هي واقعو لڪايو هو.”

“سچ ٿا چئو؟”

“هائو. لوسي مون کي زهر ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي، جنهن جي مون کي اڳوات خبر پئجي وئي هئي”.

پيٽر مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيو. هيولاڪ پڇيو:

“ڪيئن ريڊ انڊين ماڻهو اريزونا جي ڇوڪرين جي باري ۾ سچ ٿا چون يا نه؟”

“اهي ماڻهو حد درجي جا چٽ، بيوقوف ۽ جهنگلي آهن.” اهو چئي پيٽر پنهنجو پير زور سان زمين تي هڻي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. هيولاڪ سگار ميز تي رکي زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

(ليکڪ: سئڪليئر ڊرائيڊن. آمريڪا)

# چرچو

“شايو آن فينگ” جي زماني ۾ چين جي ڪنهن شهر ۾ هڪ ارڙهن سالن جو نوجوان “وئي پنگ چو” رهندو هو. هن ننڍي عمر ۾ ئي اعليٰ تعليم حاصل ڪري ورتي هئي ۽ هاڻ بادشاهه وٽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ اميدوار هو. انهن ڏينهن ۾ گاديءَ واري شهر ۾ حاڪم وٽ نوڪري ماڻڻ لاءِ امتحان ورتو ويو ٿي جيڪو چڱو ڏکيو هوندو هو. پوءِ جيڪو اميدوار ان ۾ ڪامياب ٿيندو هو ان کي وڏي عهدي تي رکيو ويندو هو. وئي پنگ چوءَ به ان امتحان ۾ حصو وٺڻ جو سوچيو. جڏهن هو سفر تي روانو ٿيڻ لڳو ته سندس زال، جنهن سان مهينو کن اڳ شادي ٿي هيس، تنهن چيو: “تون امتحان ۾ پاس ٿين يا نه، واپس ضرور ورجانءِ يا مون کي پاڻ وٽ گهرائي وٺجانءِ. دنيا جي سڄي دولت کان پنهنجو پيار وڌيڪ قيمتي آهي.”

وئيءَ کلي چيس: “منهنجي ناپاس ٿيڻ جو ته سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. باقي تون الڪو نه ڪر، پاڻ سدائين گڏ رهنداسين ۽ پاڻ وٽ دولت جي به کوٽ نه هوندي.”

گاديءَ واري شهر ۾ پهچي وئي پنگ چوءَ امتحان ڏنو ۽ تمام مٿاهين نمبر ۾ پاس ٿيو ۽ هن کي هڪ وڏو عهدو به ملي ويو. هن زال کي ڳوٺان گهرائڻ لاءِ نوڪر کي روانو ڪيو. پنهنجي سوچ تي هو ايڏو ته خوش هو جو زال کي خط لکڻ مهل چرچي ڪارڻ لکي ڇڏيو:

“هتي آئون تمام گهڻي اڪيلائي محسوس ڪري رهيو آهيان، سو دل کي وندرائڻ لاءِ مون هڪ ڇوڪريءَ کي گهر ۾ ٽڪايو آهي. بس ائين سمجهه ته هوءَ منهنجي محبوبا آهي. جڏهن تون هتي پهچندينءَ ته اسان ٻئي گڏجي تنهنجو آڌرياءُ ڪنداسين ۽ سڀ گڏجي مزي سان رهنداسين.”

وئيءَ جي زال خط پڙهي تپرس ۾ پئجي وئي. هن نوڪر کان انت ورتو ته هن ٻڌايس ته اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. گهر ۾ ته ڪا به عورت ڪانه ٿي رهي. نوجوان زال مڙس جي چرچي کي سمجهي وئي. هن جواب ۾ نياپو موڪليو:

“نهيل نڪيل گهر هڪدم ڇڏڻ ڏکيو ڪم آهي، ان ڪري مون کي هفتو کن لڳي ويندو. توهان کي پنهنجي محبوبا جو پيار مبارڪ هجي ۽ توهان اهو ڄاڻي خوش ٿيندا ته منهنجي دل به تنهنجي جدائيءَ ۾ ويراڳي پئي هئي ان ڪري مون به هڪ خوبصورت نوجوان مرد سان ڪٺي ياري رکي ۽ هو مون سان گڏ ئي رهي ٿو. اسان ٻئي گڏ توهان وٽ پهچنداسين.”

وئي پنگ چُو خط پڙهي ڏاڍو لطف ورتو ۽ سمجهي ويو ته هن جي زال سندس چرچي جو بدلو ورتو آهي. پوءِ ڪليل خط ئي ميز تي ڇڏي پاڻ ڪم ۾ لڳي ويو. ايتري ۾ سندس هڪ دوست اچي نڪتو ۽ ٻئي ڪجهه دير ڳالهيون ڪندا رهيا. پوءِ وُئي چانهه آڻڻ لاءِ اندر ويو ته سندس دوست جون نظرون

وجي خط تي پيون. هو اهو خط پڙهي وائڙو ٿي ويو ۽ وٽي جي موٽڻ تي هن پڇيس: ”يار، زال جو هي خط پڙهي تون تہ جيترو بہ پريشان نظر نٿو اچين؟“

وٽيءَ ٿهڪ ڏيندي ٻڌايس، ”در اصل منهنجي زال چرچائڻ آهي، هن اهو پوڳ طور لکيو آهي.“

پر هن نہ ٻڌايس تہ پهرين پاڻ بہ ان قسم جو چرچو ساڻس ڪيو هو. دوست ڪي ڏاڍو عجب لڳو ۽ چوڻ لڳو: ”ڪمال آهي يار! ڀلا اشراف زالون بہ ڪڏهن اهڙو چرچو ڪنديون آهن؟“

وُٽيءَ گهڻو ئي هن ڪي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر دوست مطمئن نہ ٿيو ۽ هن ٻين دوستن تائين بہ اها خبر پڄائي ڇڏي. ڳالهہ ئي ڪجهہ اهڙي هئي جنهن ۾ ماڻهن هرو ڀرو ڪٽي دلچسپي ورتي ۽ ان ۾ لوڻ مرچ وجهي هڪ ٻئي سان ڪندا رهيا. نتيجو اهو ٿيو جو وٽي جي زال جو چرچو افواهہ جي شڪل ۾ سڄي شهر ۾ پکڙجي ويو. جنهن بہ ٻڌو تہ ان کي سچ سمجهيو. ڳالهہ وڏندي حڪومت جي وڏن آفيسرن جي ڪنن تائين پهچي وئي. هنن وٽيءَ کي سڏايو ۽ چيو تہ ڪنهن سرڪاري نوڪر يا هن جي زال کي اهڙي ڳالهہ نٿي سونهين. وٽي هنن کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر آفيسرن هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ وٽيءَ کي سرڪاري نوڪريءَ مان نڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هڪ خصيص پوڳ ڪارڻ ويچاري وٽيءَ کي نوڪري تان ئي هٿ ڌوئڻا پيا ۽ هن جو شاندار آئيندو اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويو.

(چيني ڪهاڻي. ليکڪ: نامعلوم)

# هوءَ لائونج بار ۾ گهڙي

ڪجهہ گهڙيون اها ڇوڪري اتي ئي بيٺي بخاريءَ ۾ ٻرندڙ باهہ جا الا ساراهہ جوڳين نگاهن سان ڏسندي رهي. پوءِ اندر بار ۾ لنگهي ويئي. هن جِن شراب ۽ ٽانڪ جو آرڊر ڏنو ۽ برف جي ڳوڙهين کي گلاس ۾ وجهي گهمائڻ لڳي. هوءَ وچولي قد جي هڪ پرڪشش ڇوڪري هئي، جنهن کي محبوبا ٺاهڻ جو خيال هر نوجوان جي دل ۾ پيدا ٿي سگهيو ٿي.

جارج ۽ آئون ماٺ ڪيو ويٺا هئاسين. اجا تائين اسان پنهي مان ڪنهن بہ هن ڇوڪريءَ جي باري ۾ ڪو تبصرو نہ ڪيو هو. اسان جون نگاهون هن ڇوڪريءَ تي ڄميل هيون. مون تيڏيءَ اک سان جارج ڏي ڏٺو. هن کي اکين مان ڇوڪريءَ لاءِ موهہ ظاهر ٿي رهيو هو. اسان ڇڱي دير کان ان ريسٽورنٽ ۾ ويٺل هئاسين. ڇوڪرين جي معاملي ۾ منهنجي بزدلي هاڻي مثالي سمجهي وڃڻ لڳي هئي. در اصل منهنجو نظريو بہ سيني کان مختلف هو. منهنجي دل چوندي هئي تہ ڇوڪري پاڻ مون لاءِ هڪ ڇڪ محسوس ڪري مون ڏي هلي اچي ۽ مون کي محبوب جي حيثيت سان چوندي. مون ۾ ايڏي همت بہ نہ هئي جو ڪنهن ڇوڪريءَ سان مخاطب ٿي کيس پاڻ ڏي مائل ڪري سگهان.

ان وقت بہ ريسٽورنٽ ۾ ويٺو آئون اهو ئي سوچي رهيو هوس تہ ڪاش ڪا حور پري اچي ۽ مون ڪانمتاثر ٿي منهنجو هٿ جهلي منهنجي ٿي وڃي.

ان موضوع تي بار ۾ ايندي ئي جارج سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪري ڏني هيم. جارج مونکي پنهنجين بهترين اٽڪلن سان نوازيندي منهنجي ئي خرچ تي هڪ ٻئي پويان ٽي جام پي چڪو هو ۽ چوٿون هن جي سامهون رکيو هو. هن چيو تہ جيڪڏهن ڪا ڇوڪري مون کي پسند اچي وڃي تہ کيس ٻڌايان. هو منهنجي ملاقات جي ڪا نہ ڪا صورت ضرور ڳولي وٺندو. منهنجيون نظرون دروازي ۾ ئي کتل هيون، جيئن ئي هڪ ڇوڪري اندر گهڙي تہ آئون هن کي گهورڻ لڳس.

پوءِ جارج ڏي جهڪي چيومانس: "جارج! هيءَ ڇوڪري بلڪل اڪيلي آهي."

جارج ڪو بہ جواب نہ ڏيندي شراب جو گلاس کنيو ۽ هڪ ڍُڪ پِري چَپَ اگهڻ لڳو. هن جون نگاهون گهڙي کن لاءِ بہ ڇوڪريءَ تان نہ پئي ڪڇيون. منهنجو آواز ٻڌي هن ڇرڪ ڀريو ۽ ڪجهہ گهڙين لاءِ هو مون کي ڦهريلي نگاهن سان گهوريندو رهيو پوءِ اڻ وڻندڙ لهجي ۾ چيو: "مون کي پڪ آهي تہ ان ڳالهہ جو تو وٽ ڪو ثبوت نہ هوندو."

" پر جيئن تہ هن سان ڪير ناهي." مون بي وسيءَ مان چيو " ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هوءَ اڪيلي آهي."

"بيوقوف" جارج تجربيڪار انداز مان ڇوڪريءَ کي گهوريندي چيو "ان اڪيلائيءَ جو ثبوت اهو آهي تہ جيڪڏهن هيءَ ڪنهن سان گڏ هجي ها تہ پنهنجي لاءِ آرڊر هرگز نہ ڏئي ها، سمجهئي".

مون هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ظاهر آهي ڇوڪرين جي معاملي ۾ تہ آءٌ صفا ڇسو هوس. جارج انهن ڳالهين ۾ تمام گهڻو قابل هو. هو سوچڻ ۾ پرکڻ ۾ ئي ماهر هو ۽ ان جو خيال شايد ئي ڪو غلط ثابت ٿيو هجي- گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪرين جي باري ۾ سندس خيال ڪڏهن بہ غلط ثابت ٿيندي نہ ڏٺو هو.

" ان کان علاوه هڪ ڳالهہ سوچڻ جوڳي آهي." جارج رعبدار لهجي ۾ چيو " هن ڇوڪريءَ جو اڃا مڱڻو نہ ٿيو آهي ۽ نہ ئي هيءَ شادي شده آهي."

"توکي ڪيئن خبر پيئي؟" مون حيرت مان پڇيو.

"هن جي آڱر ۾ ڪا بہ منڊي ناهي." جارج ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو.

مون غور سان ڇوڪريءَ ڏي ڏٺو. مون کي تعجب لڳو تہ ههڙي سهڻي ڇوڪريءَ کي ڇو اڃا تائين ڪنهن بہ پنهنجو نہ ڪيو آهي- جنهن جو حسن ڏسي دل جو ڌڙڪو بي ترتيب ٿي رهيو هو. منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال پيدا ٿيو. ٿي سگهي ٿو تہ هن ڇوڪريءَ طلاق ورتي هجي ۽ هن جي گهر ۾ بہ چار ٻار بہ هجن ۽ انهن ٻارن جي ڪري هن سان ڪو شادي ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي.

مون جڏهن پنهنجي دل جي اڻ تڻ جارج کي ٻڌائي تہ هن جي اکين مان ڪاوڙ صاف نظر اچڻ لڳي. " منهنجو خيال آهي تہ تون ان معاملي ۾ پنهنجي زبان بند رکين تہ جيڪر چڱو." هن چيو "آئون شرط لڳائي سگهان ٿو تہ هيءَ ڇوڪري ڪنواري آهي ۽ سندس شادي نہ ٿي آهي. هن جي عمر ٽيويهن سالنڪان مٿي ناهي پر جيڪڏهن تون ان کي گهٽ سمجهين تہ وڌ ۾ وڌ پنجويهہ ڪٿي ٿينديس پر مٿي نہ ۽ هيءَ ڇوڪري پاڻ ئي ڪمائي پنهنجو خرچ پکو هلائي ٿي."

آئون ڪنڌ هيٺ ڪري سندس ڳالهيون ماٺ منوڙي ۾ ٻڌندو رهيس ۽ ٽيڏيءَ اک سان ڇوڪريءَ کي بہ ڏسندو رهيس. جنهن سان قرب جي تمنا هاڻي طوفان وانگر منهنجي دل ۾ اٿل پٿل مچائي رهي هئي.

"هيءَ ڇوڪري مردن جي دوستيءَ کي پسند ڪري ٿي."جارج چئي رهيو هو. " هن کي شاديءَ ۽ دوستيءَ لاءِ ڪيدرائي دفعا پيشڪش ڪئي وئي آهي ۽ هاڻ بہ اهڙن نوجوانن جي کوٽ ناهي، جيڪي هن جي هڪ اشاري تي پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ تي آماده نہ هجن."

ڇوڪريءَ ان ئي مهل ڪنڌ موڙيو ۽ ان ميز ڏي ڏٺو جنهن تي اسان ويٺا هئاسين. ڇوڪريءَ جي چپن تي ڪا بہ مرڪ ظاهر نہ ٿي، شايد هوءَ ان معاملي ۾ ضرورت کان وڌيڪ ئي ذهين هئي. مون هڪ ڳالهہ جيتوڻيڪ هن جي اکين مان محسوس ڪري ورتي تہ هن جي، ڏسڻ جو نمونو اهڙو هو ڄڻ هوءَ جائزو وٺي رهي هجي تہ جيڪي ڪجهہ اسان ڏٺو اهو اسان کي وڻيو آهي يا نہ؟

"مون کي يقين آهي تہ هيءَ ڇوڪري تنهنجي مرداني شڪل صورت کان متاثر ٿي آهي." جارج چيو ۽ هڪ ئي ڍُڪ ۾ گلاس خالي ڪري چيو. "چڱو پنهنجو گلاس ڪڻ ۽ خالي ڪري بہ ٻيا جام وٺي اچ."

”پر جارج!“ مون ضد ڪيو. ”آئون هيستائين ڏاڍو خرچ ڪري چڪو آهيان.“

”تنهنجي خيال ۾ منهنجو مٿو ڦريو آهي ڇا؟“ جارج اکيون ڪڍيون. ”آئون تنهنجي مونجهاري جون ڳنڍيون کولي رهيو آهيان ۽ توکي ته خبر آهي ته شراب بنا آئون بنهه سوچي نٿو سگهان.“ هن مونکي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو ”ٻڌ. هي تنهنجي لاءِ هڪ سونهري موقعو آهي. جلدي بار ڏي وڃ ۽ هن سان وڃي ڳالهه ٻولهه ڪر. تون ضرور سوڀارو ٿيندين.“

مون چيو ”ائين چوڻ ته سولو آهي پر ان تي عمل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. جارج! تو اڳيان اها ڪا وڏي ڳالهه ناهي ڇو جو تون ڪيترين ئي عورتن سان ملي چڪو آهين. مون لاءِ هي پهريون خوشگوار حادثو ٿيندو. آئون نٿو چاهيان ته هي ڪم هڪ ناخوشگوار نتيجي جي روپ ۾ منهنجي سامهون اچي. مون کي هونءَ تنهنجي راءِ سان اختلاف ناهي ڇو ته تون تجربيڪار آهين ۽ توکي ته هن وقت به ڏهن کان مٿي دوست ڇوڪريون آهن.“

”صحيح آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو هن ڇوڪريءَ کي تنهنجي لاءِ ڇڏي رهيو آهيان.“ جارج وڏي دل سان چيو ”منهنجو گلاس کڻ ۽ بار ڏي هليو وڃ. جيڪڏهن تون ڳالهين ۾ ائين ئي وقت وڃائيندو رهندين ته هيءَ ڇوڪري پنهنجو گلاس خالي ڪري هتان رواني ٿي ويندي ۽ تون افسوس کان هٿ مهٽيندو رهندين.“

”پر جارج هي ته هڪ ڏکيو ڪم آهي.“ مون گهٻرائيندي چيو.

”ٻڌ. توکي فقط ايترو ڪرڻو آهي ته ڪنهن طرح هن تي ٿورو شراب هار. ان کانپوءِ هڪدم عاجزيءَ مان هن کان معافي وٺي ڪپڙن ڌئارڻ جي خرچ جي پيشڪش ڪر. ٿي سگهي ٿو ته ڇوڪري ان ڳالهه تي آماده ٿي وڃي ۽ تون پنهنجي گاڏيءَ ۾ هن کي گهر تائين ڇڏي اچين. بس پوءِ ٻيو توکي ڇا کپي! رستي تي هوءَ پاڻهي توسان پنهنجو حال اوريندي.“

مون هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. اها ترڪيب ڪجهه دل سان لڳي.

جارج زور ڀريندي چيو ”رستي ۾ هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي هن کي ڪلائڻ جي ڪوشش ڪجانءِ ۽ آئيندي جي ملاقات جو وقت وٺڻ نه وسارجانءِ. چڱو هاڻ اٿ ۽ جلدي وڃي پنهنجي ڪم کي لڳ نه ته سڄي ڄمار افسوس ڪندو رهندين.“

”پر منهنجي وڃڻ کانپوءِ تون اڪيلو ڇا ڪندين؟“

”منهنجي اون نه ڪر. آئون هليو ويندس. منهنجي ڪار به ٻاهر بيٺي آهي. تون پوءِ آفيس موٽڻ تي مون کي سربستو احوال ڏجانءِ. پر آئون وڃڻ کان اڳ هڪ جام اڃا پيئڻ چاهيان ٿو.“

”چڱو ڀلا. آئون تو لاءِ به هڪ جام وٺي ٿو اچان.“ موناها ڳالهه به قبول ڪئي مانس.

آئون ڏڪندڙ ٽنگن سان بار ڏي وڌيس. منهنجو هڪ هڪ پير مڻ تور جو لڳي رهيو هو. وڪ وڪ تي ٿڙي رهيو هوس. پاڻ سنڀالڻ جا وڏا وس ڪيم پر سوڀارو نه ٿي سگهيس. نگاهون ٻري ڪرڻ جي باوجود ڇوڪريءَ ۾ کتيون رهيون. آئون هن جي سهڻي نڪ ۽ چلڪندڙ ڳاڙهن چپن جي دل ئي

دل ۾ واڪاڻ ڪري رهيو هوس ۽ ڪائونٽر ڏي ائين وڏي رهيو هوس، جيئن ڪا چقمقي طاقت مون کي پاڻ ڏي ڇڪي رهي هجي.

جڏهن مون کي احساس ٿيو ته ڪنهن ڇوڪريءَ کي اهڙيءَ طرح گهورڻ غير اخلاقي ڳالهه آهي ته مون نظرون ڪٽي هيٺ جهڪايون ۽ ٻئي طريقي سان ڪيس ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. هوءَ مون کي ڪائونٽر جي پوياں لڳل آرسيءَ ۾ پڻ نظر اچي رهي هئي، آرسيءَ ۾ اسان جون اکيون چار ٿيون. هن جي چپن تي حواس خطا ڪندڙ مرڪ هئي. منهنجو بدن پگهر ۾ شل ٿي ويو هو جنهن مان صاف ظاهر هو ته هوءَ منهنجي ارادي کان واقف ٿي چڪي هئي.

مون ٻن گلاسن جو آرڊر ڏنو ۽ بارٽينڊر ان ئي وقت انهن کي ڀري مون ڏي ريڙهيو. هاڻ فيصلي ڪرڻ جو وقت مٿي تي اچي پهتو هو. مون گلاس کنيا ۽ اچل سان ڇوڪريءَ ڏي مڙيس. جڻ هن جي اڳيان لنگهي ٻئي پاسي وڃڻ ٿو چاهيان. ان کان اڳ جو آئون ڄاڻي واڻي هن جي مٿان شراب هاريان، منهنجو پير ترڪي ويو ۽ ڇوڪريءَ جي اسٽول سان وڃي لڳس. ٻنهي گلاسن ۾ جيڪو شراب هو اهو ماڳهين منهنجي مٿان هارجي ويو.

هوءَ ته پسڻ کان بچي وئي پر آئون ان ليمي وانگر ٿي ويس، جنهن کي نپوڙڻ سان رس جا وڏا وڏا ڦڙا ٽمندا آهن، ڪوٽ جي پوئين حصي کان وٺي گوڏن تائين منهنجو سوٽ پُسي ويو.

ڇوڪريءَ هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ اسٽول تانتپ ڏيئي هيٺ لٿي. ”مون کي افسوس آهي،“ هن چيو ”ڇا هي منهنجي ڪري ٿيو؟“

منهنجا ڪن جارج جي ڊگهن ساهن جو آواز ٻڌي رهيا هئا. مون هن جي موجودگيءَ جي احساس مان همت حاصل ڪندي هڪدم چيو: ”نه بلڪل نه. ان ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهه. ڪڏهن ڪڏهن مون کان اهڙيون بيوقوفيون ٿي وينديون آهن.“

”توهان کي شراب هيڏانهن هوڏانهن هار وير ڪرٽبدران استعمال ڪرڻ کپي، سائين.“بارٽينڊر مرڪندي چيو ۽ رومال مون ڏي وڌائي ڪائونٽر جو تختو مٿي کنيو: ” هتان لنگهي پنيان وڃ ۽ آرام سان پنهنجن ڪپڙن کي نپوڙي سڪائي وٺ.“

مون ڇوڪريءَ ڏي ڏٺو. هن ائين ڪرڻ لاءِ ڪنڌ ڌوڻيو. مون هڪ ڇئيوان ٻار وانگر پنئين پاسي جورخ ڪيو ۽ ڪپڙا سڪائڻ ۾ لڳي ويس. ڏهن منٽن کانپوءِ آئون بار ۾ واپس آيس ته ڇوڪري اسٽول تي ويٺل نه هئي، مون سوالي نگاهن سان بارٽينڊر ڏي ڏٺو.

”توهان جي وڃڻ کانپوءِ هو توهان جو دوست ڇوڪريءَ وٽ آيو هو. هن ڪيس سندس گهر تائين ڇڏي اچڻ لاءِ پيشڪش ڪئي، جيڪا ڇوڪريءَ خوشيءَ سان قبول ڪئي. منهنجي خيال ۾ هن وقت ٻئي ڄڻا ڪار ۾ ڇوڪريءَ جي گهر ڏي وڃي رهيا هوندا.“

(ليکڪ: گراهم پين، آسٽريليا).

# ڪوڙ ۽ حقيقت

جارج ۽ آئون جڏهن درياءَ جي ڪناري تي ٻڌل هڪ ڳوٺ ۾ رهيل هئاسين ته شام جا پاچا ڍڳها ٿي رهيا هئا ۽ سج جا نرم ڪرڻا ڌرتيءَ جي پيشانيءَ تي الوداعي چميون ڏئي رهيا هئا. مسافر خانو بلڪل خالي هو فقط هڪ پوڙهي ماڻهوءَ حقو ويٺي ڇڪيو. جارج ۽ آئون ان پوڙهي جي پر ۾ وڃي ويناسين. درياءَ جو سير ڪندي جيڪڏهن شام جيوقت توهان ڪنهن اهڙي سراءِ ۾ وڃي نڪرو ته اتي توهان کي ڪيترائي ماڻهو نظر ايندا، جن سان ڪچهري ڪري توهان کي مزو اچي ويندو. جهٽ پٽ توهان سان رلي ملي اهڙيون آکاڻيون ۽ قصا ٻڌائڻ شروع ڪندا جو توهان خوش ٿي ويندا.

هن پوڙهي همراهه کي جڏهن اها خبر پيئي ته اسان هن ڳوٺ ۾ بلڪل نوان آهيون ته هو اهو ٻڌي مرڪيو ۽ اسان کي هن ڳوٺ بابت ٻڌائڻ لڳو. پوڙهي ڳالهائڻ بس ڪيو ته مون مسافرخاني جي ڪمري جو جائزو ورتو ۽ پوءِ اوچتو منهنجي نظر هڪ متي لڳل شيشي جي صندوق تي پيئي، جيڪا چلهه واري بخاريءَ جي مٿان رکي هئي، ۽ جنهن جي اندر هڪ سهڻي مڇي تري رهي هئي.

مڇيءَ کي ڏسي مون کي هڪ عجيبخوشيءَ جواحساس ٿيو. هيءَ هڪ تمام وڏي ٽرائوٽ مڇي هئي. پوڙهي منهنجين نگاهن ڏي ڏنو ۽ مرڪندي چيو:

"ٽرائوٽ مڇي ڪيڏي نه سٺي شيءِ آهي."

مون ٽرائوٽ مڇيءَ ڏي نهاريندي ئي وراڻيو: "ها سچ پچ ڪيتري نه سهڻي آهي هيءَ."

جارج وچ مان ڳالهه کي ڪٽيندي پوڙهي همراهه کان پڇيو: "هن جو وزن ڇاٽو سمجهين ته ڪيترو هوندو.؟"

پوڙهو ٿوري دير سوچي چوڻ لڳو: "ذري گهٽ ارڙهن پائونڊ ڇهه اونس تور ٿيندس." هن وڌيڪ ٻڌايو: "هن مڇيءَ کي مون سورهن سال اڳ ڦاسايو هو. ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن مون کي ان بابت ٻڌايو هو ته درياءَ ۾ هڪ ٽرائوٽ موجود آهي. مون هنن کي چيو هو ته آئون ان کي ضرور ڦاسائيندس، ۽ پوءِ مون هن کي هڪ ٻي ننڍڙي مڇيءَ سان گڏ پل وٽ ويجهو جهليو هو. ماڻهن کي منهنجي هن ڪارنامي تي تمام گهڻي حيرت ٿي هئي ۽ هھڙي وڏي ۽ سهڻي مڇي ڏسي حيران ٿي ويا هئا. اج به توهان کي هيڏي مڇي گهٽ ئي نظر ايندي" اهو چئي پوڙهو ماٺ ٿي ويو ۽ پوءِ اٿندي چيو: "چڱو هاڻ موڪلايان ٿو." ۽ هو سراءِ مان ٻاهر نڪري ويو.

هاڻ سراءِ ۾ جارج ۽ آئون وري اڪيلا هئاسين،هڪ دفعو وري اسان جون نگاهون هن مڇيءَ تي ڄمي ويون. هوءَ واقعي هڪ سهڻي ٽرائوٽ مڇي هئي. اسان اڃا ان کي ڏسي رهيا هئاسين ته سامان ڍوئڻوارو هڪ مزور ان سراءِ ۾ گهڙيو ۽ ايندي ئي ٽرائوٽ مڇيءَ جي دٻي وٽ وڃي بيٺو. جارج هن ڏي مخاطب ٿيندي چيو: "هيءَ ٽرائوٽ چڱي وڏي ٿي لڳي."

هو ماڻهو جارج ڏي مُڙيو ۽ چيائين: ”ها! توهان ائين چئي سگهو ٿا. پر سائين جڏهن هيءَ مڇي مون جهلي هئي ته شايد توهان ان وقت هتي نه هئائو؟“

جارج چيو: ”اسان اڄ ئي هن ڳوٺ ۾ آيا آهيون.“

هن همراهه مرڪندي چيو: ”پوءِ ته واقعي توهان کي ڪهڙي ڄاڻ. اٽڪل پنج سال اڳ مون ان ٽرائوٽ کي ڦاسايو هو. ان وقت هيءَ ايڏي وڏي نه هئي.“

مون ۽ جارج اچرج مان هن ماڻهوءَ ڏي ڏٺو. جارج پوءِ حيرت مان پڇيس: ”هن کي توهان ڦاسايو هو؟“

هن همراهه وراڻيو: ”ها دوستو! مون هن کي بيڙين جي گهاٽ وٽ جهليو هو. مزي جي ڳالهه اها آهي ته مون هن کي ڪينئين (bait) ذريعي ڪنڍيءَ ۾ ڦاسايو هو. اهو شايد آچر جو ڏينهن هوءِ آئون در اصل پاٽڪ مڇي ڦاسائڻ لاءِ درياءَ تي ويو هوس. ان وقت منهنجي دل ۾ ٽرائوٽ مڇيءَ جو خواب خيال به نه هو. جڏهن مون ڇڪ محسوس ڪري، ڏوريءَ کي پاڻ ڏي ڇڪيو ته ان ۾ ٽرائوٽ کي ڦٽڪندو ڏسي وائڙو ٿي ويو هوس. هن جو وزن اٽڪل پنجويهه پائونڊ هو. اوچتو هيڏي وڏي مڇي ڦاسڻ تي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي.“ اهو چئي هو ماٺ ٿي ويو ۽ پوءِ دروازي وٽ وڃي چوڻ لڳو: ”چڱو يارو هاڻ خدا حافظ آئون هلان ٿو.“

جارج ۽ مون شڪي نگاهن سان هڪ ٻئي ڏي ڏسي مرڪيو ۽ وري ٽرائوٽ مڇيءَ ڏي ڌيان ڏنو.

ٿوري دير گذري ته هڪ ٻيو همراهه سراءِ ۾ داخل ٿيو. ڪجهه دير بعد هن اسان کي ٻڌايو ته ڪيئن هن هڪ صبح جو هيءَ مڇي ڦاسائي هئي. هُن هن مڇيءَ کي قابو ڪرڻ لاءِ ڪنڍيءَ ۾ هڪ اڇي رنگ جي مڇي وڌي هئي. ان ڪانپوءِ هو به پنهنجين ڳالهين سان اسان کي حيرت ۾ وجهي هليو ويو.

هن جي وڃڻ ڪانپوءِ هڪ ڳنڀير طبيعت جو اڌڙوٽ عمر جو همراهه مسافر خاني ۾ داخل ٿيو ۽ دريءَ واري ڪنڊ ۾ رکيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. آءٌ ۽ جارج پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ گم ان عجيب ٽرائوٽ جي باري ۾ سوچي رهيا هئاسين، جنهن جا اڄ تائين ٽي دعويدار پيدا ٿي چڪا هئا. اوچتو جارج ان اڌڙوٽ قسم جي همراهه ڏي نهاري هن کي چيو: ”معاف ڪجو اسان کي اميد آهي ته توهان اسان پرديسين جي ڳالهه دل ۾ نه ڪندا. در اصل اسان اهو پڇڻ ٿا چاهيون ته توهان هن ٽرائوٽ مڇيءَ کي درياءَ مان ڪيئن ڦاسايو.“

ان ماڻهوءَ حيرت مان چيو: ”ڇو؟ توهان کي ڪنهن به نه ٻڌايو آهي ته مون هيءَ ٽرائوٽ مڇي ڪيئن ڦاسائي هئي.“

ٿوري جهٽ لاءِ اسان گهبرائجي وياسين پر پوءِ مون آهستي چيو: ”نه نه. اسان کي ڪنهن ڪجهه نه ٻڌايو آهي پر اسان کي اميد آهي ته هيءَ مڇي توهان ئي ڦاسائي هوندي.“

هن همراهہ ڪلندي وراڻيو: ”توهان بلڪل صحيح ٿا چئو توهان جو خيال بلڪل صحيح آهي تہ هيءَ مڇي مون ڦاسائي آهي. ذري گهٽ اڌ ڪلاڪ جي هڻ هڻان ڪانپوءِ هن مڇيءَ کي مون جهلي ورتو هو. هن کي ڦاسائيندي منهنجو لڪڻ بہ ڀڄي پيو هو. وڏي مصيبت سان هن مڇيءَ کي مون گهر تائين آندو هو. جڏهن مون هن جو وزن ڪيو تہ اٽڪل چوٽيهہ پائونڊ ٿيو هو.“

ڪجهہ دير بعد هي پوڙهو مڙس بہ پنهنجي جاءِ تان اٿي ٻاهر هليو ويو. هن جي ٻاهر ويندي ئي اسان کل ۾ ٻڏي وياسين. ڪهڙا تہ هي عجيب ماڻهو هئا.

ٿوري دير بعد مسافر خاني جو مالڪ اندر داخل ٿيو. اسان جڏهن کيس ان ٽرائوٽ مڇيءَ بابت ڳالهيون ٻڌايون تہ اهي ٻڌي هو ڏاڍو محظوظ ٿيو. ”چئبو تہ اهي ماڻهو توهان کي ٻڌائي ويا آهن تہ اها مڇي هنن جهلي آهي. واهہ سائين واهہ!“ مالڪ هڪ وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو. ”مزي جي ڳالهہ اها تہ هنن اها مڇي ڦاسائي پاڻ وٽ رکڻ بدران مون کي ڏئي ويا. ائين نہ؟ واهہ سائين واهہ!“ هو وري ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳو.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ هن اسان کي ٽرائوٽ مڇيءَ جي حقيقت ٻڌائي. خبر پئي تہ هن پاڻ اها مڇي ڦاسائي هئي. ڪيترا سال اڳ جڏهن هو اجا ننڍو هو تڏهن جي ڳالهہ آهي. ان مڇيءَ کي ڦاسائڻ ۾ هن کي ڪنهن خاص ڪاريگري يا اٽڪل جو مظاهرو ڪرڻو نہ پيو هو. پر هوءَ پاڻهي اچي سندس ڄار ۾ ڦاٿي هئي. ان ڏينهن هو ائين ئي اس ۾ رلي پني اچي درياءَ جي ڪناري تي هڪ وڻ هيٺان وينو هو جنهن سان هن ڄاريءَ کي ٻڌو هو. هن ٻڌايو تہ هن مڇي ڦاسائڻ تي سڄي ڳوٺ جي ماڻهن هن جي واکاڻ ڪئي هئي ۽ مبارڪ ڏني هئي.

جارج ۽ آئون ان مڇيءَ کي وري غور سان ڏسڻ لڳاسين تہ عجيب ٽرائوٽ هئي. اسان جيترو هن کي گهوري ٿي ڏٺو ايترو ئي اسان کي تعجب ٿي لڳو. جارج تہ محو ٿي ويو جو اسٽول ريڙهي ان کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ لڳو.

پوءِ اوچتو جارج جو پير اسٽول تان ترڪي ويو ۽ هيٺ وڃي ڦهڪو ڪيائين. جارج پاڻ کي بچائڻ لاءِ جهڙو مڇيءَ وارو دٻو جهليو تہ اهو بہ اچي هيٺ ڪريو. آءٌ لُوهہ پائي ان دٻي ڏي وڌيس تہ متان ڀڄي سهٽي مڇيءَ کي ڪجهہ ٿي پوي.

پر ان مڇيءَ کي نقصان رسڻو هو سو رسيو. ٽرائوٽ مڇي فرش تي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پکڙجي وئي. حيرت ۽ اچرج جي ڳالهہ ٿي! هڪ جيئري مڇي ائين پور پور ٿي وڃي! پر ڳالهہ تڏهن حيرت ۽ اچرج جي لڳي ها جيڪڏهن هيءَ ٽرائوٽ مڇي واقعي جيئري هجي ها. پر هيءَ تہ جيئري مڇي نہ هئي. هيءَ ٽرائوٽ مڇي تہ پلاسٽڪ آف پئرس واري چُن جي ٺهيل هئي!!

(ليکڪ: جيروم ڪي جيروم، آمريڪا)

# جنت جي حقيقت

پيني آهستي آهستي ڏاڪڻيون چڙهي پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾ بيڊ جي غير آرامده ڪرسيءَ تي ويهي رهي. "آئون تنگ ٿي پئي آهيان، بيزار ٿي پئي آهيان." هن ڏکوساهه کڻي وڏي آواز ۾ چيو.

ميجڻ ڪپي ته جنهن اداس حالت ۾ هوءَ رهي ٿي ان ۾ هن جو بيزار ٿيڻ ڪا نرالي ڳالهه نه هئي. هن جو پيءُ سفولڪ هڪ ڏورانهين علائقي "ميگنا" جو پادري هو. هي ننڍڙو ڳوٺڙو هڪ گرجا گهر، پادريءَ جي گهر، ٽپال گهر ۽ شراب خاني کان علاوه ڏهن ٻارهن جهوپڙين جو جهڳٽو هو. اتي هڪ پراڻي زماني جي ٿهيل حويلي به هئي. ان زماني ۾ ٻاهر جي دنيا سان هن ڳوٺ جو واحد رابطو هڪ ڪنارو بس هئي، جيڪا هفتي ۾ ٽي دفعا "پاروا" ڳوٺ تائين ويندي هئي، جيڪو پينيءَ جي ڳوٺ "ميگنا" جي مقابلي ۾ وڏو هو. ڇو جو هن ۾ هڪ ريلوي اسٽيشن پڻ هئي. چيو ويندو هو ته خدا جي فضل سان ڏکي عمر ماڻڻ وارا ڳوناٽا هڪ ڏينهن هن اسٽيشن تان گاڏي جهلي لورپول اسٽريٽ پهچڻ جي اميد رکي سگهيا ٿي.

پينيءَ جو پيءُ پنج سال کن اڳ رنڊ ٿي چڪو هو. هن قسم جي جنس اڄڪلهه گهٽ ئي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هڪ ننڍي گرجا گهر جو ڪٽر قسم جو پادري جنهن کي هر قسم جي تفريح سان گڏ خدا واسطي جو وير هو جو خيال هو ته هن جي زال هڪ مثالي عورت هئي_ اطاعت گذار صابر ۽ ڳوٺ جي مالهن جي اڻٿڪ مدد ڪرڻ واري، پنهنجي ڌيءُ پيني کان هن به اها ئي اميد رکي ٿي ته هوءَ به اکيون بند ڪري پنهنجي جنتي ماءُ جي نقش قدم تي هلندي رهي. جان ڇٽڻ جي ڪا صورت نه ڏسي هوءَ ويچاري هر وقت ڪوشش ۾ لڳي رهي ٿي. هر تهوار تي هن گرجا گهر کي سجايو ٿي. مائرن جي عبادت جو اهتمام ڪيو ٿي. پوڙهين عورتن جي ڏک سک ۾ اگهائي سگهائي جو حال احوال وٺڻ لاءِ هنن وٽ پهچي وئي ٿي. گرجا گهر جي نگهباني ڪرڻ واري کي پنهنجو ڪم نه ڪندو ڏسي دڙڪو دامان ڪيو ٿي. باقي خوشين جي هڪ ڇيت به سندس ڪڪاٽين گهر ۾ داخل نه ٿي هئي. پادري صاحب عورتن جي هار سينگار کي سخت ناپسند ڪيو ٿي. ان ڪري هيءَ غريب هميشه اوني جورابن ۽ سادي ڪوٽ ۾ ڏکجيو پئي هلي. سندس ڪوٽ ڪنهن زماني ۾ ضرور نئون هوندو پر هاڻ هن جي حالت ضعيف ٿي رهي هئي. هن وارن کي ڇڪي چوٽي ناهي ٿي. ڳهه ڳني جي ته ڳالهه ئي ڪرڻ اجائي آهي ڇو ته هن جي پيءُ جي راءِ مطابق اهي شيون سڌو دوزخ جي دروازي تائين پهچائين ٿيون. صبح جي وقت هڪ عورت به ڪلاڪ کن گهر جي ڪم ۾ هن جي مدد ڪئي ٿي پر ماني ناهڻ ۽ گهر جو ڪم ڪار هن کي پاڻ ڪرڻو پيو ٿي. ان کان علاوه پنهنجي تڪ ۾ اهي سڀ ڪم به هن کي ڪرڻا پيا ٿي جيڪي عام طور تي هڪ پادريءَ جي زال کي ڪرڻا پوندا آهن. پينيءَ ڪيترائي دفعا آزادي حاصل ڪرڻ جي

جهڙي تهڙي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه حاصل نه ٿي سگهيس. هن جي پيءُ ڪنهن نه ڪنهن مذهبي ڪتاب جو حوالو ڏيئي ثابت ڪيو ٿي ته هن جون خواهشون ناپاڪ آهن. هو خاص ڪري تذڪره الاولياء جو وڏو مداح هو. جيتوڻيڪ هڪ ساهه ۾ اهو به چوندو هو ته ان ڪتاب جو ايمان ۽ عقيدي سان ڪو واسطو ناهي. البت پنهنجي نفس کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ اهو هڪ مفيد ڪتاب آهي. ماءُ جي موت کان ڪجهه عرصو پوءِ سندن ڳوٺ ميگان ۾ هڪ سرڪس آئي. پيني؛ پنهنجي پيءُ کان سرڪس ڏسڻ جي موڪل گهري. هڪدم جواب مليو: "اهي جيڪي برائيءَ کان مستي حاصل ڪن ٿا، سخت عذاب جا مستحق قرار ڏنا ويندا ۽ برائيءَ کان پلاند بچائڻ وارن کي وڏو ثواب ملندو." هڪ دفعي ڳوٺ ۾ اها خبر هُلي وئي ته پينيءَ رستو پڇڻ واري هڪ سائيڪل سوار سان ڳالهايو. هن جي پيءُ کي اهو ٻڌي سخت صدمو ٿيو. "جيڪا ڇوڪري دلير ٿئي ٿي اها پنهنجي پيءُ ۽ مڙس جي لاءِ خواريءَ جو سبب بڻجي ٿي ۽ اهي ٻئي هن تي لعنت ڦٽڪار ڪندا." پينيءَ سخت احتجاج ڪيو ته سائيڪل سوار سان هن جي ڳالهه ٻول نهايت ئي ضرور هئي. جواب مليس ته جيڪڏهن هوءَ پنهنجا افعال نه سڌاريندي ته ڪيس ڳوٺ ۾ اڪيلي نڪرڻ تي پابندي لڳائي ويندي ۽ ان سان گڏ ڪيس تذڪره مان حوالو پڙهي ٻڌايو ويو : "جيڪڏهن ڇوڪري حيا جو دامن ڇڏي ڏي ته ان سان سختي ڪريو ڇو جو ائين نه ٿئي ته هوءَ پنهنجي عصمت وڃائي ڇڏي."

موسيقيءَ جي شوقين پينيءَ گهر ۾ هڪ پيانو رکڻ چاهيو ٿي پر پادري صاحب تذڪره اولياء جي حوالي سان هن کي جواب ۾ وڏي سزا جو حقدار قرار ڏنو. "موسيقي ۽ شراب دل کي ليائين ٿا پر علم جي محبت انهن سيني کان اتم ۽ اعليٰ آهي." هو هر وقت اهڙيون ڳالهيون ڪندو رهيو ٿي جنهن مان لڳو ٿي ته هن کي پنهنجي ڌيءُ جو فڪر ڳاري رهيو آهي. چوندو هو: "ڌيءَ جو فڪر پيءُ جون ننڊون حرام ڪريو ڇڏي پر ڪنهن کي خبر نٿي پوي.. عورت وٽ برائي ائين پهچي ٿي جيئن بند ڪپڙن ۾ ٽڪو ڪپڙي ۾ سوراخ ڪري سڄي وڳي جي ستياناس ڪريو ڇڏي."

ماءُ جي موت کانپوءِ پنجن سالن تائين هي اذيتون سهندي سهندي هن جي قوتِ برداشت جواب ڏئي رهي هئي. آخر جڏهن هوءَ ويهن سالن جي ٿي ته هن جي پڃري ۾ ڄڻ ڪا دري کلي وئي. ڳوٺ جي حويلي جيڪا سالن کان خالي پئي هئي ان ۾ هاڻ حويليءَ جي مالڪڻ "مسز مين ٽيٽ" اچي آباد ٿي. مسز مين ٽيٽ آمريڪا ۾ پيدا ٿي هئي. هن جو مڙس مشرقي انگلينڊ جي دلدل مان تنگ ٿي سلون هليو ويو هو. مسز مين ٽيٽ پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ حويلي کي مسواڙ تي ڏيڻ لاءِ سلون کان واپس آئي هئي. هيءَ زنده دل، ويس وڳن واري ۽ ماڻهن سان آزاد نموني ڳالهائڻ واري عورت پلا پادريءَ کي ڪيئن ٿي پسند اچي سگهي- پر حويليءَ وارن گرجا گهر لاءِ سڀ کان گهڻو چندو ڏنو ٿي. بهرحال هن تذڪره مان ان مفهوم جو هڪ جملو ڳولي ورتو ته مالدار ماڻهن کي ناراض نه ڪرڻ کپي. اهڙيءَ طرح پينيءَ کي هن شاندار عورت سان اٿڻ ويهڻ جي موڪل ملي وئي.

پيني ڪمري ۾ ويٺي پنهنجي بوريت تي ڳوڙها ڳاڙيا ته گهر جو ڪٽيل ڪڙو در تي لڳو. در تي مسز مين ٽيٽ بيٺي هئي. همدرديءَ جا ٻه لفظ ٻڌي پينيءَ حويليءَ جي مالڪڻ اڳيان پنهنجو اندر کولي رکيو. مسز مين ٽيٽ ڏاڍو متاثر ٿي. ڇوڪريءَ کي اونهين نظرن سان ڏسندي هن پينيءَ ۾ اهي نقش ڏسي ورتا، جيڪي سچي تڪ جي ماڻهن جي ذهن ۾ به نه آيا هوندا. "منهنجي پياري پيني، ڇا توکي احساس به آهي ته تون ٿوري ئي ڪوشش سان ڪيڏي آفت جي حسينا ٿي سگهين ٿي؟"

"ڇڏ مسز مين ٽيٽ توهان ته مون تان چرچا ڪري رهيون آهيو."

"سچ ته آئون چرچو نه پئي ڪريان. جيڪڏهن پاڻ ڪنهن طرح تنهنجي پيءُ کي مڃائي وٺون ته پوءِ آئون توکي ثابت ڪري ڏيکاريندس."

ٿوري خبر چار ڪرڻ سان منصوبو تيار ٿي ويو. ايتري ۾ پادري صاحب به اچي نڪتو جنهن کي ڏسندي مسز مين ٽيٽ چيو:

"سر! ڇا توهان هڪ ڏينهن لاءِ پنهنجي ڌيءَ کي مون سان گڏ هلڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهو؟ مون کي پير واري شهر ۾ ڪيترائي ڪم آهن. جيڪڏهن آئون اڪيلي ويندس ته وقت گذارڻ ڏکيو ٿي پوندو. توهان جي مهرباني ٿيندي، جيڪڏهن توهان پنهنجي ڌيءَ کي ڪار ۾ مون سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏيو."

پادري پهرين مُنجهي پيو پر ڪجهه منيون منيون ڳالهيون ڪري هن ڪان موڪل ورتي وئي. آخر اهو ڏينهن به اچي نڪتو. پينيءَ جي خوشي سنڀالڻ سان به نه پئي سنڀالي.

"تنهنجو پيءُ" مسز مين ٽيٽ چيو. "هڪ ڪڱ جي بلا آهي پر تون ڏسجانءِ ته آئون توکي ان مصيبت ڪان نجات ڏياري پوءِ ساهه پٽيندس. شهر پهچي توکي متي ڪان پيرن تائين بهترين لباس پارائيندس، ڍنگ سان تنهنجا وار نهرائيندس. تون خود پنهنجو پاڻ کي ڏسي حيران ٿي وينديئن."

شهر پهچي ائين ئي ٿيو. بيوٽي پارلر ۽ بوتيڪ شاپ بعد پيني جڏهن آرسيءَ جي سامهون ٿي بيٺي ته هن کي پنهنجين اکين تي يقين نه پئي آيو. "ڇا هيءَ واقعي آئون پاڻ آهيان؟" نئين سڪي جهڙي چمڪ هئي، سندس عڪس ۾. هن کي پنهنجو پاڻ سان چاهت ٿي رهي هئي. نت نون جذبن جو چڻ وهڪرو وهي رهيو هو. نون خوابن کي حاصل ڪري هن فيصلو ڪيو ته ماضيءَ جي بي روح ۽ هڻ هٽا واري زندگيءَ مان هر قيمت تي ڇوٽڪارو حاصل ڪيو وڃي، پر ڪيئن؟ اها هڪ وڏي سوال جي نشاني هئي.

اڃا هوءَ انهن خيالن ۾ ٻڏل هئي ته مسز مين ٽيٽ ڪيس ريسٽورنٽ ۾ ڪجهه کارائڻ لاءِ وٺي آئي. ٽيبل تي رکيل اخبار کي ڏسي هن کي ڪو خيال آيو ۽ مسز مين ٽيٽ کي چيو: "توهان مون لاءِ هيترو ڪجهه ڪري رهيون آهيو ان ڪري هاڻ وڌيڪ چوندي به مون کي شرم ٿو اچي. خوبصورتيءَ جو ڪهڙو فائدو جيڪڏهن مون کي ڪو ڏسڻ وارو ئي نه هجي. پنهنجي ڳوٺ ميگنا ۾ ته سجو سجو سال گذريو وڃي جو ڪو نئون ماڻهو نظر نٿو اچي. ڇا توهان مون کي اخبار ۾ اشتهار ڏيڻ لاءِ پنهنجي

حويليءَ جي ائڊريس استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏينديون. جيئن اتي مناسب اميدوارن سان ملاقات ڪري سگهان.” مسز مين ٽيٽ کي هاڻ هن راند ۾ مزو اچي رهيو هو. هوءَ يڪدم رضامند ٿي وئي ۽ ٻنهي گڏجي هي اشتهار تيار ڪيو.

“هڪ نوجوان نينگري، تمام گهڻي سهڻي، بي داغ عصمت، ڳوناٽي ماحول ۾ پليل شاديءَ لاءِ گهوٽ جي چونڊ ڪرڻ چاهي ٿي. خواهشمند نوجوان لهه وچڙه ۾ اچن. اميدوار پنهنجي هڪ خوبصورت تصوير ضرور موڪلين. موزون اميدوار کي ڇوڪريءَ جي تصوير به موڪلي ويندي. ائڊريس: مسز “پي” ، ميمنور هائوس، ميگنا. (نوٽ: پادري حضرات رابطي جي زحمت نه ڪن.”).

اشتهار روانو ڪري هن هڪ سهڻي پوز ۾ تصوير ڪڍرائي ۽ پوءِ حويليءَ ۾ اچي نوان ڪپڙا لاهي پراڻا پاتا. مسز مين ٽيٽ ان واعدي تي نوان ڪپڙا رکي ڇڏيا ته جيئن اميدوار سان ملڻ وقت پيني پائي سگهي. ان بعد هوءَ گهر ڏي رواني ٿي.

گهر پهچي پينيءَ پنهنجي منهن تي ساڳي پراڻي اداسي طاري ڪئي ۽ پيءَ کي ٻڌايو ته حويليءَ جي مالڪڻ سان سڄو ڏينهن وڪيلن ۽ گهر خريد ڪرڻ وارن دلالن جي آفيسن ۾ ڌڪا کائي هوءَ سخت بور ٿي آهي.

“پيني توکي اهو سوچڻ نه کپي.” پادريءَ کيس تنبيهه ڪندي چيو. “تون مسز مين ٽيٽ جي مدد ڪري رهي هئينءَ ته نيڪ ماڻهو ڪنهن جي مدد ڪندي بور نه ٿيندا آهن.” پيني مناسب مسڪين منهن ٺاهي پڻس جي نصيحت قبول ڪئي ۽ وڏي صبر سان اشتهار جي جواب ۾ ايندڙ خطن جو انتظار ڪرڻ لڳي.

پينيءَ جي اشتهار جي جواب ۾ ڪيترن ئي قسمن جا خط آيا. ڪجهه خلوص ڀريا، ڪجهه چرچي گهٻي وارا، ڪجهه خطن ۾ لکندڙ همراهن پاڻ کي تمام گهڻو شاهوڪار ٻڌايو هو يا هنن پاڻ کي ايڏو عقلمند ڏيکاريو جو هو جلد امير ٿي ويندا. ڪجهه خطن ۾ شادي شده زندگيءَ جي ڪترا اڳن ۾ پورڻ بنا موج مزا ڪرڻ جي آس ڏيکاريل هئي. ڪجهه اميدوارن پاڻ کي خوبصورت ۽ خوش طبع ٻڌايو هو ته ڪن فرمانبردار ٿي رهڻ جو واعدو ڪيو هو. پينيءَ کي جڏهن به موقعو ملندو هو ته حويليءَ ۾ وڃي پنهنجي ٽپال کڻي ايندي هئي. هڪ خط هن جو گهڻو ڌيان ڇڪايو.

**ڊيئر مس... پي!**

توهان جي اشتهار مون کي عجيب سوچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تمام گهٽ ڇوڪريون هونديون، جيڪي بيحد حسين هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ جو حوصلو رکنديون هونديون ۽ انهن ۾ اهڙيون ڇوڪريون ته تمام گهٽ هونديون جيڪي انهي ساهه ۾ پاڻ کي با عصمت سڏائڻ جي همٿ رکنديون هجن ۽ وري جڏهن ان پهلوءَ ڏي نظر ٿي وڃي ته توهان پادري حضرات کان پاسو ٿيون ڪريو ته خيال ٿو اچي ته توهان جو پاڪ ۽ پَوترپڻو ان کان وڌيڪ نه هوندو، جيترو عورت ذات کي زيب ڏئي ٿو. مون

ڪي تمام گھڻو تجسس ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن توهان ان تجسس کي ختم ڪرڻ جو موقعو عنايت ڪريو ته مون کي بيحد خوشي ٿيندي.
توهان جي ڏيانجو طالب فلپ آرلنگٽن.

تازه قلم: پنهنجي تصوير توهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

ان خط پيني ءَ کي به سوچن ۾ وجهي ڇڏيو. لکڻ وارو پنهنجي باري ۾ لکڻ کان بلڪل خاموش هو جنهن مان هن جو پنهنجي ذات تي اعتماد هجڻ جو ڏيک مليو ٿي. سندس فوٽوءَ مان خوشدلي ۽ ذهانت ظاهر ٿي ٿي. پينيءَ فقط ان خط جو جواب ڏنو. پنهنجي تصوير سان گڏ هن حويليءَ ۾ اچي ملڻ لاءِ مقرر ڪيل هڪ ڏينهن به لکي موڪليو. فلپ پنهنجي رضامنديءَ جو اطلاع ڏنو. آخر اهو ڏينهن اچي پهتو.

حويليءَ جي شان شوڪت ۽ مانيءَ جي ٽيبل تي مسز مين ٽيٽ جي موجودگيءَ پينيءَ جي سماجي حيثيت ۽ احترام جو هڪ خوشگوار تاثر ڇڏيو. مانيءَ بعد هڪ ٻئي سان ڏيٺ ويٺ ڪرڻ لاءِ کين اڪيلو ڇڏيو ويو. فلپ جو خيال هو ته جيستائين پينيءَ جي حسن جو تعلق هو اشتهار ۾ هرگز مبالغي کان ڪم نه ورتو ويو هو پر هن کي حيرت هئي ته پينيءَ کي گھوٽ ڳولڻ لاءِ اهڙو عجيب طريقو اختيار ڪرڻو ڇو پيو. اهڙي سهڻي ڇوڪريءَ لاءِ مڙس جي ڳولا ته ڪو مسئلو ئي نه هجڻ کپي. ان تي پينيءَ پنهنجي گھريلو حالتن جي وضاحت ڪئي. اهڙي طرح اها ڳالهه به صاف ظاهر ٿي وئي ته هن کي پادرين کان ڇو آر هو. جيئن جيئن ڳالهه اڳتي وڌي هن کي فلپ جو کل ڇرچي پر همدرديءَ وارو لهجو پسند اچڻ لڳو ۽ هوءَ راضي ٿي وئي ته فلپ سان گڏ گذارڻ واري زندگي موجوده عذاب کان بلڪل مختلف هوندي. ٻن ڪلاڪن جي ملاقات ۾ هوءَ هن جي محبت ۾ گرفتار ٿي چڪي هئي ۽ جيستائين هوءَ محسوس ڪري سگھي ٿي، فلپ جو حال به ڪجھه مختلف نه هو. هاڻ هن فلپ جي سامهون پنهنجو مشڪل بيان ڪيو. "منهنجي عمر ويهه سال آهي، پر آئون پنهنجي پيءُ جي رضامندي بنا شادي نٿي ڪري سگھان. منهنجو پيءُ ڪڏهن به اهڙي نانيءَ کي پسند نه ڪندو، جيڪو پادري نه هجي. ڇا ائين ٿي سگھي ٿو ته هن سان ملڻ لاءِ تون پادريءَ جو روپ ڌاري اچين؟"

ان سوال تي فلپ جي اکين ۾ هڪ عجيب چمڪات نمودار ٿيو جنهن جو هوءَ ڪو مطلب نه ڪڍي سگھي. بهرحال فلپ هن کي يقين ڏياريو ته هو هن جي پيءُ اڳيان پادري ٿي ايندو. پادريءَ کي بيوقوف ناهڻ جي منصوبي ۾ هن کي پاڻ سان شامل ٿيندو ڏسي پيني ڏاڍي خوش ٿي. هن کي ائين لڳو ڄڻ هوا اچا به هڪ ٻئي جي ويجھو ٿي ويا آهن. هن پنهنجي پيءُ سان فلپ جو ذڪر ان ريت ڪيو ڄڻ هو مسز مين ٽيٽ جي ڄاڻ سڃاڻ مان هو ۽ حويليءَ ۾ هن سان پينيءَ جي ملاقات اوچتو ٿي وئي. قدرتي ڳالهه آهي ته پينيءَ جو پيءُ بنا پگھار جي بيئل نوڪرياڻيءَ جو هٿن مان ويندو ڏسي پريشان ته ضرور ٿيو پر مسز مين ٽيٽ دل و جان سان پينيءَ جو پاسو ڪنيو. هن فلپ جي مثالي پارسائي جون ڏاڍيون تعريفون ڪيون ۽ مستقبل ۾ پادريءَ طور هن جي پروموشن جي سٺن امڪانن تي روشني وڌي. آخر

پوڙهو پادري نہ چاهيندي بہ نيڪيءَ جي هن پتلي سان ملڻ لاءِ راضي ٿيو ۽ هن پنهنجي تسلي ڪري هنن جو مڱڻو ڪرائڻ لاءِ راضپو ظاهر ڪيو. ويچاري پينيءَ جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. هن کي خدشو هو تہ فلپ کا غلطي ڪري ويهندو جنهن مان سڄو پول کلي پوندو. جڏهن هر ڪم منصوبي مطابق پورو ٿيو تہ هن جي خوشي ۽ حيرانيءَ جي ڪا حد نہ رهي. نوجوان نہ فقط ان تڪ جو نالو ٻڌايو جنهن جو پاڻ نائب پادري ظاهر ڪيو هو پر پنهنجي علائقي جي پادريءَ جو نالو پڻ ٻڌايو. ۽ وڌيڪ پڪو ڪرڻ لاءِ هن اهو پڻ چيو تہ هن خانداني روايتون قائم رکڻ لاءِ هن شعبي جي چونڊ ڪئي. چو تہ خاندان ۾ موجود پادري جي عمر نوي سال کان بہ مٿي هئي. هن ان مقدس پيشي جي اهميت ۽ ان جي لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪرڻ جو بہ اظهار ڪيو. پينيءَ کي چڙ اچي رهي هئي پر هوءَ اهو ڏسي خوش هئي جڏهن فلپ تذڪره اولياء مان حوالا ڏنا تہپوڙهو پادري بي وس ٿي ويو. ان ملاقات جي ڪاميابيءَ جو ئي نتيجو هو جو چند هفتن ۾ هنن جي شادي ٿي وئي. هني مون لاءِ پئرس جي چونڊ ڪئي وئي ڇو تہ پيني ڳوناٽي ماحول کان سخت تنگ ٿي چڪي هئي، هن جي راءِ ۾ قدرتي نظارن کان وڌيڪ شهر جو گوڙ گهمسان وڌيڪ مزيدار هو. هني مون هڪ طويل ۽ خوشگوار خواب وانگر گذريو. هن جو مڙس نهايت زنده دل شخص هو. بي رنگ، پرهيز گاري وارن سالن پينيءَ ۾ ٻاراڻين ڳالهين لاءِ حرص پيدا ڪري وڌو هو پر فلپ ڪنهن بہ شيءِ تي اعتراض نہ ڪيو. فقط هڪ شيءِ پينيءَ کي ڪڏهن ڪڏهن پريشان ڪري وجهندي هئي. فلپ پاڻ بابت تمام گهٽ ڳالهہ ڪئي ٿي. فقط ايترو ٻڌايو هئائين تہ روزگار ڪري هو سمرسٽ جي ڳوٺ پوپلٽن ۾ رهڻ لاءِ مجبور هو. جنهن طرح هن ان ڳوٺ جي حويلي ۽ ان جي رهاڪن جو ذڪر ڪيو ان مان پينيءَ اهو نتيجو ڪڍيو تہ فلپ انهن ماڻهن جو ايجنٽ هوندو. بهرحال هني مون جو هڪ هڪ لمحو ايترو خوشگوار هو جو پينيءَ کي فلپ جي گهٽ ڳالهائڻ تي غور ڪرڻ جو تمام گهٽ موقعو مليو.

ٻئي ڏينهن صبح جو هن جي اک کلي تہ گرجا گهر جا گهنڊ وڄي رهيا هئا ۽ فلپ پلنگ وٽ بيهي پادرين وارو جبو پائي رهيو هو.

”تون هي ڪپڙا ڇو پائي رهيون آهين؟“ پينيءَ رڙ ڪري پڇيو.

”منهنجي خيال ۾ تہ هڪ ننڍڙي ڳالهہ ٻڌائڻ جو وقت اچي ويو آهي، منهنجي جان! جڏهن مون تنهنجو اشتهار ڏٺو تہ مون کي فقط تجسس ٿيو هو ۽ مون فقط چرچي ۾ ان ملاقات جي خواهش ڏيکاري هئي. پر جيئن ئي مون توکي ڏٺو تہ مون کي پهرين نظر ۾ توسان محبت ٿي وئي. ميگنا جي حويليءَ ۾ گذرڻ واري هر لمحي ان محبت کي مضبوط بڻائي ڇڏيو ۽ مون توکي حاصل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. جڏهن ايمانداريءَ سان هي ڪم نهندي نظر آيو تہ مون هيڏانهن هوڏانهن جي ٿيرس گيرس کان ڪم ورتو. هاڻ توکان هن ڳالهہ لڪائڻ جي ڪا ضرورت ناهي تہ آئون هن علائقي جو واقعي نائب پادري آهيان. اهو صحيح آهي تہ توکي دوکو ڏيڻ ۾ مون ڪميڻائيءَ کان ڪم ورتو آهي پر اهو منهنجو

تولاءِ سچو پيار هو جنهن ڪان آئون مجبور هوس. مون لاءِ ان ڪان علاوه ٻيو ڪو رستو نہ هو تہ آئون ڪوڙ ڪان ڪم وٺان."

اهو ٻڌندي ئي هوءَ ٽپ ڏيئي بستري تان هيٺ لٿي ۽ رڙيون ڪري چوڻ لڳي: "آئون توکي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديس. ڪڏهن بہ معاف نہ ڪنديس. توکي ان تي پڇتائڻو پوندو تہ تو هڪ مجبور ڇوڪريءَ سان اهڙو نيچ سلوڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. آئون تنهنجو ۽ ٻين پادرين جو اهڙو ئي تماشو ڪنديس, جهڙو تو منهنجو ڪيو آهي."

هو پادرين وارو وڳو پائي چڪو هو. پيٽيءَ هن کي در ڪان ٻاهر ڪڍي ڪڙو ڏئي ڇڏيو ۽ سڄو ڏينهن ڪمري ۾ بند رهي. فلپ شام جي مانيءَ تائين پنهنجي موٽڻ جو ڪو اشارو نہ ڪيو. آخر هو ماني کٽي دروازي تائين آيو ۽ اهو چئي ڪڙو کڙڪايو: "مون کي سزا ڏيڻ لاءِ توکي جيئرو رهڻ کپي ۽ جيئرو رهڻ لاءِ کاڌو ضروري آهي. توکي مون سان ڳالهہ ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي, آئون رڳو ماني ڇڏيو پيو وڃان."

پهرين تہ هن پنهنجي لئہ رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر هوءَ صبح ڪان بک تي هئي. هن نہ نيرن ڪئي هئي ۽ نہ منجهند جي ماني کاڌي هئي. آخر هن کي بک ايڏو ستايو جو هن سڀ ڪجهہ کائي پليٽون صاف ڪري ڇڏيون. پر ان هوندي بہ سندس ڪاوڙ تي ڪو چنڊو نہ لڳو. کائڻ ڪان واندي ٿي باقي شام هن فلپ نالي هڪ خط لکڻ ۾ گذاري, جنهن ۾ مستقبل جو خاڪو ڏنو هئائين. هن ڪيترائي دفعا لکيو ۽ رد ڪيو. آخرڪار هوءَ خط جي مواد سان مطمئن ٿي وئي:

**جناب!**

هيستائين توهان کي احساس ٿي چڪو هوندو تہ توهان جي شرمناڪ سلوڪ جي ڪري آئون بيحد سخت ضرورت ڪان سواءِ توهان سان ڳالهہ ڪرڻ پسند نہ ڪنديس. آئون ڪنهن کي هن ظلم بابت نہ ٻڌائينديس, جيڪو مون سان ٿيو آهي. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان ماڻهو مون تي ئي ٺٺوليون ڪندا. پر آئون دنيا وارن کي اهو ضرور ٻڌائينديس تہ مون کي توسان ڪا محبت ناهي ۽ اهو تہ تون ئي مون تي فدا ٿيو هئين ۽ تنهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو مرد هجي ها تہ اهو بہ ائين ئي ڪري ها. منهنجي افعالن تي ماڻهو آڱريون کڻندا پر دنيا کي اها بہ تہ ڄاڻ ٿي ويندي تہ توهان پنهنجي زندگيءَ جي ساٿيءَ جي ڳولا ۾ ڪهڙو عقلمنديءَ جو ثبوت ڏنو ۽ ائين ڪندي عزت ماب پادرين جي جبن تي ئي ڪجهہ ڇنڊا پئجي وڃن تہ منهنجي خوشي ٻيڻي ٿي پوندي. زندگيءَ ۾ منهنجو هڪ ئي مقصد آهي تہ آئون توکي ايترو ذليل ڪريان, جيترو مون کي ڪيو ويو آهي. اڄ ڪانپوءِ تنهنجي فقط نالي جي زال ... پيٽي

هن اهو خط مانيءَ وارن ٿانون سان گڏ رکي ڇڏيو ۽ ٿانون جو خومچو دروازي ٻاهران ريڙهي رکيو. ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن آئي تہ ان ۾ چٺي ڊڪيل هئي. پهرين تہ هن سوچيو تہ بنا پڙهڻ جي ان

ڪي ٽڪرا ٽڪرا ڪري دريءَ مان اڇلي ڇڏي پر پوءِ هوءَ ان اميد کي خارج ڪري نه سگهي ته ٿي سگهي ٿو ته سنڌس مڙس کي افسوس ٿيو هجي ۽ هن ٻاڏائي ٻاڏائي هن کان معافيون گهريون هجن. هن لفافو ڦاڙي پڙهڻ شروع ڪيو.

شاباس! جانِ من! تنهنجو خط پڻڪار جو خوبصورت نمونو آهي. جيڪڏهن تو منهنجي راءِ پڇي هجي ها ته شايد آئون به ان کي وڌيڪ بهتر ٺاهي نه سگهان ها. باقي رهي بدلي واري ڳالهه ته منهنجي جان! ڏنو ئي ويندو. ٿي سگهي ٿو ته هي سڀ ڪجهه تنهنجي خواهش مطابق نه ٿئي. هينئر به تنهنجو مداح پادري، فلپ

تازه قلم: گارڊن پارٽي جو نه وسارجانءِ.

ان گارڊن پارٽيءَ جو ذڪر فلپ هتي مون وارن ڏينهن ۾ ڪيو هو. فلپ جي هن ڳوٺ جو وڏو ماڻهو ڪين پنهنجي شاندار گهر ۾ دعوت ڏئي رهيو هو. ان دعوت جو مقصد هو ته ڪنوار کي ڳوٺ جي ماڻهن سان چاڻ سڃاڻ ڪرائي وڃي. خط پڙهي ڪجهه دير ته هوءَ مونجهاري ۾ اچي وئي ته دعوت ۾ وڃجي يا نه. فلپ جي ياد ڏيارڻ تي هن جي دل ته اهو ئي چاهيو ٿي ته دعوت ۾ وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏجي. پر ڪجهه سوچي هن فيصلو ڪيو ته هيءَ پارٽيءَ هن جي بدلي وٺڻ واري رٿ لاءِ نئين شروعات ٿي سگهي ٿي. هن سوچي سمجهي دعوت ۾ پائڻ لاءِ وڳي جي چونڊ ڪئي. بدلي وٺڻ جي جوش هن جي حسن ۾ اهي چٽنگون پري ڇڏيون جنهن جو تاب جهلڻ مشڪل ٿي پيو. هن سوچيو ته ٿهيل رٿ کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته علائقي جي ماڻهن کان ان جهيڙي کي ڳجهو رکيو وڃي، جيڪو هن ۽ فلپ جي وچ ۾ پيدا ٿي پيو آهي. سو پئي هڪ ئي وقت دعوت ۾ پهتا. هن کي ڏسي دعوت ۾ ويٺل مرد پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺا. پر هن دل ڏتاريندڙ ادائن سان ويجهو ايندڙ خواهشمند اميرن کي نظرانداز ڪري هڪ اڌڙوٽ عمر جي پادريءَ سان دوستاڻي انداز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ٿوري دير ۾ پيني سمجهي وئي ته پادريءَ کي مڪاني آثار قديمه سان عشق آهي. هن وڏي جوش مان پينيءَ کي ٻڌايو ته پنهنجي علائقي ۾ هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي پراڻي زماني جون ڪيترين ئي شيون نظر اچن ٿيون. پر ڪنهن کي به انهن ۾ دلچسپي نه آهي جو هن سان گڏ ملي انهن جي کوٽائيءَ جو ڪمڪري سگهي. پيني پنهنجيون وڏيون وڏيون اکيون مٿي کڻي هن ڏي ڏٺو ۽ چيو: "اف جناب! ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي." پادري ايڏو ته متاثر ٿيو جو هن نائب پادريءَ کي ايڏي مهذب ڪنوار ڳولڻ تي مبارڪون ڏنيون. هن پينيءَ کي ان ڳالهه تي آماده ڪيو ته ٻئي ڏينهن هوءَ پادريءَ جي گاڏي ۾ پوپلتن کان ڏهه ميل پري اهي دلچسپ آثار قديمه هلي ڏسي. پيني ڪجهه بناوتي ٻڌ تر بعد هن جي ڳالهه مڃي ورتي. اهڙيءَ طرح سڄي علائقي جي ماڻهن هنن کي گاڏيءَ ۾ گهمندي ڦرندي ڏٺو. پادري صاحب وڏي جوش ۽ خروش سان ڳالهه ٻولهه ڪندو هليو ۽ پيني اهو ظاهر ڪندي رهي ته هوءَ هن شخص جي جادوءَ ۾ گم ٿي وئي آهي. هونءَ ته هن کي ٻين مڙني ڏسي ورتو پر هڪ وڏي امان، مسز ڪوبگلي جي هنن کي ڏسڻ غضب ڪري وڌو. مسز ڪوبگلي جو "فل ٽائيم جاب" هتي جي هُتي ۽

هُتي جي هِتي ڪرڻ هو يعني ڳالا جو وڏو ڳهر هئي. ڳالا ڪرڻ ۾ بين جا ڪم ڍاهڻ هن جي دلپسند "هابي" هئي. مسز ڪوبگلي کي هڪ ڏيءُ هئي. جنهن لاءِ هن عرصي کان فلپ تي نظرون ڄمائي رکيون هيون. هاڻ هن کي سڪون ٿي ويو ته هن جي هيري جهڙي ڏيءُ کي نڪرائي فلپ ڪريو ته گند جي ڍير تي. پادريءَ پيني کي ائين گڏ گهمندو ڏسي مسز ڪوبگلي نڪ شيڪي "اونهه!" ڪئي. مسز ڪوبگلي جا ڄاڻ سڃاڻ وارا هن جي ان "يڪ لفظي" آواز جو مطلب چڱيءَ طرح سمجهيا ٿي.

ٻئي ڏينهن صبح جو جنهن وقت فلپ پنهنجي ڊيوٽي جي ادائگيءَ لاءِ گهر کان ٻاهر هو ته پادريءَ کي سمرسٽ جي آثار قديمه جو هڪ ڳرو ڪتاب ڪٽي پينيءَ جي گهر ڏي ويندو ڏٺو ويو. نوس نوس ڪرڻ وارن کان معلوم ٿيو ته معاملو ڪتاب پهچائڻ جو نه بلڪه هو ڪافي دير اتي رهيو. هِتان هُتان مسز ڪوبگلي کي اها به خبر پئجي وئي ته نئون شادي شده جوڙو هڪ ئي بستر تي سمهڻ بدران الڳ الڳ ڪمرن ۾ سمهي ٿو.

ويچاري پادريءَ کي اجا تائين مسز ڪوبگلي جي ڪرتوتن جي ڪا خبر نه پئي. هو هرهنڌ نائب پادريءَ جي زال جي خوبصورتي، ذهانت ۽ پارسائيءَ جا ڳڻ ڳائيندو رهيو. هن جي وات مان نڪرندڙ هر لفظ پيني ۾ خود هن تي لڳندڙ الزامن تي ڄڻ تصديق جو ٺپو لڳائي رهيو هو. آخرڪار مسز ڪوبگلي جي صبر جو پيالو اٿلڻ لڳو ۽ هن علائقي جي ڊين کي پادريءَ جي خلاف هڪ ڊگهو خط لکيو. ڊين مسز ڪوبگلي جي ڏنڌن کان واقف هو سو هن پادريءَ سان ملڻ مناسب سمجهيو. پادريءَ پنهنجي صفائيءَ ۾ پينيءَ جي معصوميت جي واکاڻ ايڏي گرم جوشيءَ سان ڪئي جو ڊين کي اها ڳالهه نامناسب لڳي. هن ارادو ڪيو ته مسز فلپ (پينيءَ) سان روبرو ملاقات ڪئي وڃي.

جڏهن هو پينيءَ جي گهر پهتو ته ان وقت چانهه جو وقت هو. پيني جيڪا هاڻ پادري ۾ ان جي آثارِ قديمه وارين ڳالهين مان بيزار ٿي چڪي هئي، تنهن هن جو گرم جوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو. بهرحال ڊين جڏهن وڏي احتياط سان انهن افواهن جي ڳالهه ڪئي جيڪي مسز ڪوبگلي ذريعي هن تائين پهتا هئا ته پينيءَ ڪجهه اهڙي نموني سان انهن جي ترديد ڪئي جو ڊين کي شڪ ٿي پيو ته پادري دل پشوري ڪري رهيو آهي. ڊين پادريءَ جي جان ڇڏائڻ لاءِ پينيءَ کي چيو ته هن لاءِ آثارِ قديمه جهڙين پراڻين مردار شين ۾ دلچسپي وٺڻ بدران ڌڙڪندڙ زندگيءَ جي نبض تي هٿ رکڻ وڌيڪ بهتر آهي. "واهه سائين واهه! توهان ڪيڏي صحيح ڳالهه ڪئي آهي. آئون توهان سان سئو سيڪڙو سهمت آهيان. مهرباني ڪري توهان ٻڌائيندا ته زندگيءَ جي ڪهڙين ڳالهين سان توهان کي دلچسپي آهي؟"

"مون کي ته جنگلن ۾ اڏامندڙ ناياب پکين سان دلچسپي آهي. شهر جي گوڙ گهمسان ۾ نظر ئي نٿا اچن."

پيني ۽ خوشيءَ مان منيون ڀڪوڙيندي چيو: ”منهنجي سڄي عمر نورفوڪ جي جنگلن ۾ گذري پر مون کي ڪڏهن مور به نظر نه آيو. بس قسمت ۾ نه هوندو. جيتوڻيڪ آئون ڪيترائي دفعا جنگلن ۾ سير لاءِ به ويندي رهي آهيان.“

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڳوناٺو ڊين پنهنجي اچڻ جو مقصد ئي وساري وينو. پنهنجي مقصد پيشي جا فرض وساري هن پينيءَ کي جنگل ۾ پنهنجي پسند وارو علائقو گهمائڻ جي ڪٺي دعوت ڏني.

”پر ڊين صاحب! آئون توهان سان گڏ هلنديس ته مسز ڪوبگلي ڇا چوندي؟“

ڊين ڪنهن دنيادار شخص جو روپ ڌارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

”ان پوڙهيءَ کي ڪير ٿو پڇي؟“ ڇاڪاڻ جي ڀي ڪوپ ختم ٿيڻ کان اڳ پيني هن جي منٿن اڳيان آڻ مڃي چڪي هئي. اهو فيصلو ٿيو ته جنهن ڏينهن موسم سٺي ٿي ته هو جنگل ڏي نڪري پوندا.

جيتوڻيڪ سير جي لاءِ ڊين جنگل جي هڪ ويران حصي جي چونڊ ڪئي پر مسز ڪوبگلي جي جاسوسن هن کي اتي به ڏسي ورتو. سڄي ڪليسا جي باعزت ماڻهن کي پينيءَ جي جادوءَ اڳيان بي وس ڏسي مسز ڪوبگلي پنهنجي هڪ هوشيار ساهيڙي مسز ڪينون کان مدد گهري. هن ليڊي ڪينون کي يقين ڏياريو ته هن جي معلومات مطابق جنگل ۾ ڊين صاحب جو شوق فقط پرن وارن پکين تائين محدود نه رهيو آهي. ”آئون وڌيڪ ڪجهه نه چونديس. تون پاڻ سمجهدار آهين. محترمه ليڊي ڇا تون هن چالاڪ ۽ مڪار کان اسان جي جان نٿي ڇڏايو سگهين. جيڪا اسان جي مقدس پيش وائن جي عاقبت خراب ڪري رهي آهي.“

ليڊي ڪينون هن کي يقين ڏياريو ته هوءَ ان معاملي تي غور ڪندي ۽ هڪدم ڪجهه نه ڪجهه مناسب قدم کڻندي. هوءَ مسز ڪوبگلي کان چڱيءَ طرح واقف هئي سو هن بهتر سمجيو ته پيني سان ملي هن قصي بابت حقيقت معلوم ڪجي.

ٿوري ئي محنت سان هن پينيءَ کان هر ڳالهه پڇي ورتي. ڪاوڙ ڪرڻ بدران هن خوشدليءَ سان کلندي چيو: ”منهنجي ٻچڙي تون جيڪي ڪري رهي آهين اهو نهايت آسان ڪم آهي. هي سڙيل پوڙها تنهنجي حسن جي سامهون ڏوڙ مقابلو ڪندا. توسان ملڻ کان اڳ سڄي زندگي ويچارن ڪڏهن ڪنهن سهڻي عورت جي شڪل نه ڏٺي هئي.“

”سواءِ توهان جي شڪل جي.“ پينيءَ وچ ۾ ڳالهايو پر ليڊي ڪينون پنهنجي تعريف ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکي.

”نه منهنجي پياري. بدلو وٺڻو آهي ته ڪنهن اهڙي شخص سان بازي ڪجي جيڪو تنهنجي مقابلي جو هجي. ”گلاسٽن بري“ جو بشپ. جنهن جي پادرين کي تون برغلائيندي رهين ٿي، صحيح معنيٰ ۾ تنهنجو جوڙ آهي. آئون تنهن جي هن سان ملاقات ڪرائينديس. آئون پاڻ بلڪل غير

جانبدار رهنديس. آئون جيتوڻيڪ پادرين جي وڏي سردار (بشپ) جو احترام ڪريان ٿي پر تنهنجي مهم جوئي به دلچسپيءَ کان خالي ناهي.”

گلاستن بري جو بشپ چڱو خاصو عالم فاضل شخص هو ۽ ان علم ۽ ڄاڻ جي ڪري پروموشن وٺندي وٺندي ايڏي وڏي مذهبي رتبي تي پهتو هو. جيتوڻيڪ طبيعت ۾ حسن پرست ضرور هو. ڪا خاص ڳالهه ته شايد ڪڏهن سامهون نه آئي پر ماڻهو چون ٿا ته بشپ عورتن جي موجودگيءَ ۾ خوش رهي ٿو ۽ اهڙن موقعن تي هن جي ڳالهائڻ جو انداز بيحد نرم ۽ مناس وارو ٿيو پوي. ليڊي ڪينون. بشپ سان چڱي واقفيت رکي ٿي. هن بشپ کي سڄي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ چيو: “ڇوڪري دل جي ڪا خراب ناهي، فقط ڪاوڙ ۾ آهي ۽ هن جي ڪاوڙ ڪا اجائي به نه آهي. آئون ته هن کي سمجهائڻ ۾ ناڪام رهي آهيان. شايد ان ڪري به جو آئون هن جو داستان ٻڌي ايڏي ته محظوظ ٿي آهيان جو هن کي دڙڪو دامان ڪرڻ تي دل ئي نٿي چوي. پر، محترم بشپ. مون کي پڪ آهي ته جتي آئون ناڪام رهي آهيان، اتي توهان ضرور ڪامياب ويندائو. جيڪڏهن توهان کي اعتراض نه هجي ته توهان منهنجي ئي گهر ۾ هن سان ملو ۽ پوءِ جيئن بهتر سمجهو ائين ڪيس هدايت ڪريو.”

پينيءَ کي بشپ سان ملڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. حال جي تجربن مان هن جو اعتماد وڌي ويو هو ۽ هن کي يقين هو ته هو بشپ کي به آڱرين تي نچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي. پر هن کي اهو ڏسي سخت بيزاري ٿي ته ڪهاڻيءَ جي غمگين حصن کي ٻڌڻ مهل به هو لڳاتار مرڪي رهيو هو. جڏهن هن بشپ ڏي ان خاص ادا سان نگاهون مٿي ڪٽي نهاريو جن جو ڪو پادري يا ڏين به تاب جهلي نٿي سگهيو. ته بشپ جواب ۾ ڪٽي اک پٽي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو پيني پنهنجي مطلب کي ڇڏي سڌي سادي انداز ۾ خبر چار ڪرڻ لڳي. هن ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته سخت ڪاوڙ جي باوجود هن کي فلپ سان محبت آهي. “منهنجي پياري” بشپ نرمي پر ڪجهه کل پوڳ واري نموني سان چيو. “آئون نٿو سمجهان ته جنهن رستي تان تون هلي رهي آهين اهو ڪو توکي سڪون مهيا ڪري سگهندو. دنيا اهڙن احمقن سان پري پئي آهي، جيڪي توتي دل ۽ جان سان فدا ٿي وڃن پر تون اهڙن احمقن سان محبت نٿي ڪري سگهين ۽ ڪو به ماڻهو جيڪو عقلمند هجي اهو هي سمجهڻ ۾ غلطي نه ڪندو ته تون اڃا تائين فلپ سان محبت ڪرين ٿي. بيشڪ هن توسان ناقابل معافي دوکو ڪيو آهي ۽ آئون اهو به نه چوندس ته تون ان ڏاڍائيءَ کي درگذر ڪري ڇڏ. آئون اهو فيصلو توتي ڇڏيان ٿو ته توکي ڇا ڪرڻ کپي. پر تون جيڪي ڪجهه ڪرين اهو فقط بدلي وٺڻ بدران پُرسڪون ۽ فائديمند هجي. اهو چوندي هن پينيءَ جو هٿ ٿپريو ۽ چيو “منهنجي پياري، ان تي غور ڪر ۽ پوءِ مناسب وقت تي مون کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪجانءِ”.

گهر واپس ويندي وقت هن جي وڏائي ڪافور ٿي چڪي هئي، هن کي پهريون دفعو احساس ٿيو ته انتقام ڪيترو به ڪٽي مضبوط ڇو نه هجي، مڪمل طرح مطمئن نٿو ڪري سگهي. هن کي جيڪڏهن پنهنجي زندگيءَ جو رُخ بدلائڻو آهي ته ان لاءِ مشڪل ۽ عملي فيصلو ڪرڻ کپي. هوءَ

ڪنهن قيمت تي هڪ ڳوناٽي نائب پادري جي اطاعت گذار زال ٿي رهڻ تي راضي نہ هئي، ساڳي وقت پيءُ وٽ موٽي وڃڻ بہ ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ برابر هو. هن سوچيو تہ هن کي ڪنهن نہ ڪنهن ريت پنهنجن پيرن تي بيهڻ کپي. آخر هن پيين ڪنئي ۾ مسز مين ٽيٽ کي هڪ ڏکهي خط ۾ شاديءَ ڪانپوءِ جي واقعن جو تفصيلي احوال لکيو:

توهان مون تي ايڏا احسان ڪيا آهن جو هاڻ ڪنهن وڏيڪ احسان لاءِ ڪجھ چوندي بہ شرم ٿو اچي. پر مون کي لڳي ٿو تہ شايد پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ توهان منهنجي مدد ڪري سگھو. ڇا توهان ان سلسلي ۾ مون سان لنڊن اچي ملي سگھو ٿيون؟

توهان جي پيني.

ان ملاقات جو نتيجو اهو نڪتو جو مسز مين ٽيٽ پنهنجي درزيءَ سان ڳالھ ڪري پينيءَ کي هن جي شوروم ۾ ماڊل گرل جي نوڪري وٺرائي ڏني. لنڊن پهچي هن فلپ سان هر قسم جو رابطو ختم ڪري ڇڏيو. پوپلٽن جي رهڻ وارن بہ هن کي وساري ڇڏيو. فقط مسز ڪوبگلي کي ڪڏهن ڪڏهن هن جو خيال آيو ٿي يا وري فلپ کي. جيتوڻيڪ هن ڪڏهن ان جو اظهار نہ ڪيو. پينيءَ جو حسن هن جي مالڪ لاءِ ڪاروباري متاع ثابت ٿيو. جلدي ئي اها ڳالھ کلي وئي تہ پينيءَ ۾ لباس سازيءَ جون قدرتي صلاحيتون موجود آهن. هن تکو تکو پنهنجو نالو پيدا ڪيو ۽ ٽن سالن اندر چڱي ڪمائي ڪرڻ لڳي ۽ هاڻ سگھو ٿي هن جو مالڪ پنهنجي ڪاروبار ۾ هن کي ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ وارو هو تہ هڪ ڏينهن اوچتو هن کي پنهنجي پيءُ جو ڏکويل خط مليو. هو سخت بيمار هو ۽ شايد مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هو:

”تو مون کي ۽ پنهنجي معزز مڙس کي بيحد ڏک پهچايو آهي. پر آئون مرڻ کان اڳ ان تلخيءَ کي ختم ڪرڻ چاهيان ٿو. سو مون کي بيحد خوشي ٿيندي جيڪڏهن تون ٿوري دير لاءِ ئي سهي، پر پنهنجي پراڻي گھر هلي اچ.“

عيسائي محبت سان گڏ،

تنهنجو والد

ٻڏل دل سان هوءَ لورپول اسٽريٽ ويئي. گاڏيءَ ۾ خالي جاءِ ڳوليندي ڳوليندي هن جي نظر هڪ ماڻهوءَ تي پيئي. هن کي پنهنجين اکين تي يقين ئي نہ پئي آيو. هن جو مڙس فلپ پادرين واري جبي بدران اوچي لباس ۾ فرسٽ ڪلاس جي دٻي ۾ سوار ٿي رهيو هو. ڪجھ لمحن لاءِ هو ٻئي ڇٽا اکيون ڦاڙي هڪ ٻئي کي گھوري ڏسندا رهيا، پوءِ پينيءَ رڙ ڪئي: ”فلپ!“

ان ئي وقت فلپ بہ زوردار رڙ ڪئي: ”پيني! منهنجيجان، تون تہ اڃا بہ وڌيڪ خوبصورت ٿي وئي آهين.“

“پر تنهنجن انهن ڪپڙن جو ڇا ٿيو جيڪي اسان جي وچ ۾ ڀت بڻجي پيا هئا؟”

“مون انهن کي اڏوهيءَ حوالي ڪري ڇڏيو. جڏهن مون کي معلوم ٿيو ته آئون هڪ سٺو سائنسدان ٿي سگهان ٿو ته مون گرجا گهر کي باءِ باءِ ڪرڻ ۾ دير نه ڪئي. هاڻ منهنجي آمدني چڱي وڏي وئي آهي، پر تون ڇا پئي ڪرين؟ تون به ته چڱي سکي ۽ آسودي لڳي رهي آهين.”

“هائو. آئون به هاڻ غريب نه رهي آهيان.” ۽ هن پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي.

“آئون ته هميشه چوندو هوس ته تون بيوقوف هرگز نه آهين.”

“۽ آئون چوندي هيس ته تون وڏو شيطان آهين. خير هاڻ آئون تنهنجي ڪا به ڳالهه دل ۾ نه ڪنديس.” اهو چوندي هو پليٽ فارم تي ئي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳا.

“جناب، پنهنجي زال کي وٺي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو. گاڏي ڇٽڻ واري آهي.” گارڊ رڙ ڪري کين ٻڌايو. ٻئي هڪ ٻئي جو هٿ جهلي گاڏيءَ ۾ چڙهي پيا.

*(مٿين ڪهاڻيءَ جو ليکڪ انگلينڊ جي مشهور علمي شخصيت برٽرينڊ رسل آهي. رسل 1872ع ۾ جائو. ڪيمبرج مان اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ اتي ئي ڪجهه عرصو پڙهايو.*

*رسل جا فلسفي ۽ ادب جا ڪتاب تمام گهڻا آهن. هن عالمي سياست ۾ هڪ ترقي پسند ۽ امن پسند دانشور جي حيثيت ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ دنيا جي نوجوانن جو محبوب اڳواڻ قرار ڏنو ويو. هڪ دلير انسان جي حيثيت سان هن هميشه صداقت جو جهنڊو بلند رکيو.*

*پنهنجي ڊگهي عمر جي آخري سالن ۾ هن افسانا نگاري به ڪئي. بقول هن جي: “مون پنهنجي زندگيءَ جا شروع وارا اسي سال فلسفي کي ڏنا. هاڻ باقي عمر فڪشن لاءِ رکي اٿم.”)*

# ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي...

ڊورٿيءَ کي ريسٽورنٽ ۾ گهڙندي ئي اندازو ٿي ويو ته هن کي جنهن ماڻهوءَ جي ضرورت آهي اهو ڪهڙو شخص ٿي سگهي ٿو. اهو ڄاڻڻ لاءِ ڪنهن گهڻي هوشياري يا قابليت جي ضرورت نه هئي. ريسٽورنٽ ۾ ان وقت فقط ٻه ئي مرد ويٺل هئا. انهن مان هڪ وڏي عمر جو هو ۽ ماني کائي رهيو هو. جنهن مان ظاهر هو ته هو ڪنهن جو انتظار نه پيو ڪري. ڊورٿي هتي جنهن شخص سان ملڻ آئي هئي، اهو هن جو پهرين جو ڏٺل نه هو پر هن کي گهٽ ۾ گهٽ چڱيءَ طرح معلوم هو ته هو وڏي عمر جو ناهي.

ٻئي همراهه جي عمر پنجٽيهن کان چاليهن ورهين جي وچ ۾ هئي. اهو مضبوط ڪاٺيءَ جو ٺاهوڪو ماڻهو هو. هو اداڪار به ٿي سگهيو ٿي. هڪ اهڙو اداڪار جنهن کي ڪنهن وڏي درجي جي غنڊي يا بدمعاش طور ڪاسٽ ڪرڻ تمام موزون ٿئي ها. عجيب ڳالهه اها هئي جو هن ريسٽورنٽ ۾ ويٺي ڪتاب پڙهيو. ڊورٿيءَ کي گهٽ ۾ گهٽ ان جي اميد نه هئي. هونءَ به ڪتاب هن جي شخصيت سان ميل نٿي کاڌي ۽ ڊورٿي هن جي باري ۾ غائباڻي طور جيڪو ڪجهه معلوم ڪري هن سان ملڻ لاءِ آئي هئي، ان جي روشنيءَ ۾ هن کي ايترو باذوق ماڻهو نه هجڻ کپندو هو. هن کي ٿورو شڪ ٿيو ته متان هي اهو ماڻهو نه هجي جنهن جي هن کي ضرورت آهي، ان ڪري هن لاءِ پڪ ڪرڻ ضروري هو.

هوءَ هن جي ميز جي ويجهو پهتي ته هن يڪدم پنهنجو مٿو مٿي ڪري ڪتاب بند ڪيو ۽ ڊورٿيءَ جي پڇڻ کان اڳ هن پاڻ ئي ٻڌايو: "مون کي ڪٽلر چون ٿا ۽ توهان پڪ ڊورٿي هونديون. ويهو ويهو. توهان ڇا پيئڻ پسند ڪنديون؟"

"توهان ڇا پيا پيئو؟" ڊورٿيءَ ويهندي پڇيو.

"مارٽني." ڪٽلر نهايت فضيلت سان مرڪندي جواب ڏنو.

"آئون به اهو ئي پيئنديس."

جيسين ڊرنڪ اچي هو موسم ۽ ٽرئفڪ جي مسئلن بابت ڳالهيون ڪندا رهيا. هن چيو: "توهان پنهنجي ڪار ۾ ته نه آيون آهيو؟"

"نه. مون ڪجهه سفر ٽرين ذريعي باقي ٽئڪسيءَ ۾ ڪيو." ڊروٿيءَ ٻڌايو.

"چڱو ڪيئي، اڄ جي دور ۾ خاص ڪري اهڙي موسم ۾ ڊگهي ڊرائيونگ ڪرڻ عذاب آهي." هن چيو.

"آئون هن علائقي ۾ پهرين به ايندي رهي آهيان. بلڪ مون ۽ منهنجي مڙس البرٽ ڪنهن زماني ۾ ته هتي ڪو گهر وٺڻ جي باري ۾ به سوچيو هو. اٽڪل ڏيڍ سال کن اڳ اسان هتي ڪجهه گهر ڏٺا به هئا."

"جيڪڏهن خريد ڪري وٺو ها ته فائدي ۾ رهو ها. هاڻ ته هتي زمين جون قيمتون آسمان تي پهچي چڪيون آهن." ڪٽلر چيو.

"اسان نيويارڪ جي خاص علائقي "مئن هٽن" ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو..." ڊوروٿيءَ چيو ۽ دل ئي دل ۾ سوچيو:

"۽ اهو سٺو ئي ٿيو جو ان ئي وقت اسان جا رستا الڳ الڳ ٿيڻ لڳا هئا. مون کي ان تي به خدا جو شڪر ادا ڪرڻ کپي ته اسان هتي ڪو گهر نه ورتو نه ته ٿئي هيئن ها جو اُن کي خريد ڪرڻ ۾ اڌ يا اڌ کان به وڌيڪ رقم منهنجي شامل ٿئي ها ۽ طلاق ٿيڻ تي ڪانه ڪا اٽڪل ڪري البرٽ مون کان سڄو گهر کسي وٺي ها."

هو وڌيڪ چند منٽ مهذب ماڻهن وانگر ڪاڏي پيتي ۽ ٻين هلڪن ڦلڪن عنوانن تي ڳالهائيندا رهيا. پوءِ ويٽر کي ايندو ڏسي ڪٽلر چيو: "ٻئرو اسان لاءِ ڊرنڪس ته ڪٽيو پيو اچي، پر منهنجو خيال آهي ته ان کان پوءِ مون کي مانيءَ لاءِ به آرڊر ڏئي ڇڏڻ کپي. هيءَ تمام سٺي ريسٽورنٽ آهي. توهان ڇا کائڻ چاهينديون؟"

"منهنجي خيال ۾ کائڻ کي ڪٽي تا ڇڏيون. آئون هتي گهڻي دير ويهڻ لاءِ نه آئي آهيان." هن منجهندي چيو. "مون سوچيو هو ته ڊرنڪس جي دوران هاڻ اها ڳالهه ڪري وٺنداسين..." هن جملي کي اڌ ڳابرو ڇڏي ڏنو.

"جنهن لاءِ اصل ۾ هيءَ ملاقات طئي ٿي آهي." ڪٽلر جملو پورو ڪيو ۽ پوءِ چيو. "صحيح آهي... بلڪل صحيح آهي."

ڊورٿيءَ کي ان هوندي به اصل موضوع تي ڳالهه ڪندي ڏکيائي ٿي رهي هئي. هن ائين ئي ڪجهه ڳالهائڻ خاطر چيو: "آئون هتي ڪار ۾ ان ڪري نه آيس جو مون وٽ ڪار آهي ئي ڪانه."

"پر ٿاميءَ ته چيو پئي ته توهان وٽ ڪار به آهي ۽ شهر کان ٻاهر هڪ خوبصورت هَٽ به آهي، جتي توهان موڪلون ملهائڻ لاءِ هر ويڪ اينڊ تي وينديون رهو ٿيون." هن چيو. ٿامي رابطي جي ماڻهو جو نالو هو جنهن هنن ٻنهي کي پر پٽ هڪ ٻئي جي ڄاڻ سڃاڻ ڪرائي هئي.

"اهي سڀ شيون منهنجي مڙس البرٽ جون هيون." ڊورٿيءَ ٻڌايو.

ڪٽلر اونهي سوچ مان سجاڳ ٿيندي ڪنڌ ڌوڻيو. "هاڻ ته توهان هن سان گڏ نه پيون رهو؟"

"نه." ڊورٿيءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو "اسان کي ڌار ٿئي ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن. منهنجو ڪو سامان هن جي گهر ناهي. مون هن جي ڪار جون چاٻيون به واپس ڪري ڇڏيون آهن. چڱو ٿيو جو مون پنهنجو ويسٽ اسٽريٽ وارو اپارٽمينٽ ڇڏيو نه هو. مون کي هر وقت اهو وسوسو رهندو هو ته ڪڏهن اوچتو مون کي ان جي ضرورت نه پئجي وڃي... منهنجي سوچ صحيح نڪتي."

"تنهنجو البرٽ سان گڏ رهڻ جي سلسلي ۾ معاهدو ڇا هو؟"

”معاهدو ته ڪجهه به نه هو. مون ان جي ضرورت محسوس نه ڪئي هئي. هن سان منهنجي دوستي ياريءَ جي شروعات مال دولت جي آڌار تي نه ٿي هئي. منهنجي خيال ۾ ته منهنجي هن سان سچي محبت ڪٽي نه هئي پر ايترو ضرور هو ته هن کي مون پسند ڪيو ٿي. آئون هن سان گڏ ٽي سال رهيس. پهريان به سال منهنجا ڏاڍا سٺا گذريا. آئون اهو ته نٿي چئي سگهان ته اسان جي چاهت روميو جوليٽ واري هئي پر تنهن هوندي به سٺو وقت گذري رهيو هو. ٽئي سال اسان جا تعلقات خراب ٿيڻ لڳا ۽ مون محسوس ڪيو ته هاڻ جدائي اختيار ڪرڻ ئي بهتر آهي.“

هن پنهنجو گلاس ڪنيوءِ اهو ڏسي حيران ٿي وئي ته هوءَ پهرين ئي ان کي خالي ڪري چڪي هئي، پر هن کي ان جو ڪو خاص احساس نه ٿيو. ڪٽلر نهايت تحمل ۽ سڪون سان هن ڏي ڏسي رهيو هو. هو جڻ ته وڌيڪ ٻڌڻ جو منتظر هو. لمحي کن جي ماٺ ڪانپوءِ ڊورٿيءَ چيو. ”۽ هاڻ هو چوي ٿو ته آئون هن جي ڏهه هزار ڊالرن جي قرضياٽي آهيان.“

”پر تون اها ڳالهه نٿي مڃين؟“ ڪٽلر سوال ڪيو.

ڊورٿيءَ انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ”پر هن وٽ هڪ ڪاغذ آهي جنهن تي منهنجي صحيح ٿيل آهي، جنهن مان ڪجهه ائين لڳي ٿو جڻ هن مون کي ڏهه هزار ڊالر اڌارا ڏنا آهن. منهنجي نالي تي ڪيڊيل هڪ چيڪ به مون ڪئش ڪرايو هو جيڪو بئنڪ رڪارڊ ۾ موجود آهي پر حقيقت اها آهي ته اها رقم هن مون کي اڌاري نه ڏني هئي. ٿيو ائين هو جو اسان جو هڪ تفريحي سفر تي وڃڻ جو پروگرام ٿيو هو جنهن جي صلاح به هن پاڻ ئي ڏني هئي. هن سفر جو بندوبست ڪرڻ لاءِ اهو چيڪ مون کي ڏنو هو ۽ اها رقم مون ان ڪم تي خرچ ڪئي هئي. اسان هوائي جهاز ذريعي سنگاپور ۽ پوءِ اتان بالي وغيره ويا هئاسين.“

”واهه واهه!“ ڪٽلر ريس ڪندي ڪنڌ لوڏيو. ”ڏاڍو مزو آيو هوندانوَ؟“

”ها... ان وقت اسان جا تعلقات سٺا هئا.“ هن ڪجهه چڙ مان ڳالهايو.

”هن ڪاغذ جي ڇا ڳالهه آهي؟ توکان هن صحيح ڪيئن ڪرائي ورتي.“

”هن ٽئڪس جي بچت جو ڪو بهانو ڪري مون کان صحيح ڪرائي هئي. مون کي ڳالهه ڪا گهڻي سمجهه ۾ نه آئي پر مون هن تي اعتماد ڪيو ٿي. آئون هميشه اکيون بند ڪري هن جي حڪم تي هر شيءِ تي صحيح ڪري ڇڏيندي هيس. هو چاهي ها ته مون کان ان کان وڌيڪ خطرناڪ شيءِ تي صحيح وٺي سگهيو ٿي. منهنجي سادگي ۽ خلوص ته ڏسو! آئون هن سان گڏ رهندي هيس ته هر شيءِ جو اڌ خرچ پاڻ ڀريندي هيس. آئون هن تي ڪو ٿورو به بار نه هيس. پنهنجي حصي جو سڄو خرچ پڪو آئون ادا ڪندي هيس. پر ان سفر جي ڳالهه ئي ڪجهه ٻي هئي. ان جي صلاح هن پاڻ ڏني هئي ۽ اهو هن پنهنجي طرفان مون کي تحفو پيش ڪيو هو. ان جا سڀ خرچ هن پنهنجي طرفان ڏيڻ جي اڳواٽ ڳالهه ڪئي هئي. ڪل خرچ ويهه هزار ڊالر کن ٿيو هو. جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته ان جو به اڌ مون کي ڏيڻو پوندو ته آئون سوچي سمجهي قدم کڻان ها. ايڏي وڏي رقم خرچ ڪرڻ جي

مون ۾ ڪا سگهه نه آهي... ۽ هاڻ هو تو چوي ته آئون هن جي ڏهه هزار ڊالرن جي قرضياڻي آهيان. توکي شايد يقين نه اچي ته هن پنهنجي هڪ وڪيل ذريعي نوٽيس موڪلي ڏنو آهي. ٿورو سوچ...! هن قانوني ڪارروائيءَ جي مون کي ڌمڪي ڏني آهي.”

“اها ته تمام گهٽي ڏاڍ مڙسي آهي.” ڪٽلر اونهي سوچ مان ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪئي، “عام طور جڏهن ڪا عورت ڪنهن مرد سان گڏ رهي ٿي ته هو هن جا سڀ خرچ پڪا پري ٿو ۽ جيڪڏهن هو صحيح مرد آهي ته هو هن لاءِ اجا به وڌيڪ ڪري ٿو. تنهنجي مڙس جو اهو ته واقعي ڪمينپڻو آهي.”

پوءِ هن ڪجهه سوچي چيو: “جيڪڏهن هو عدالت وڃي ٿو ته تون چئي سگهين ٿي ته هن ٽئڪس جي چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.”

“آئون پلا اهو ڪيئن ٿي چئي سگهان؟ آئون خود ان ۾ پاڳي پائيوار هيس. آئون به ان ڏوهه ۾ شريڪ ثابت ٿينديس.”

“ها... اهو به صحيح آهي.” هن ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي. ڪجهه گهڙين جي ماٺ بعد هن تڪائي مان چيو: “آئون هميشه کان پنهنجو بار پاڻ کڻندي اچان ۽ شايد مرڻ تائين کڻندي اچان. ٻاروتڻ کان وٺي مون کي ڪڏهن ڪنهن ڪجهه به نه ڏنو. ڪو هلڪو ڦلڪو... ڪو معمولي تحفو به نه... ويندي هن سوئر جي ڦر جنهن شيءَ کي تحفو سڏيو ان کان به ڦري ويو. آئون هن سان ملڻ کان اڳ به پنهنجو خرچ پکو پاڻ ئي هلائيندي رهيس ٿي... ۽ هاڻ جڏهن ته آئون هن کان ڌار ٿي چڪي آهيان تڏهن به آئون پنهنجو بار پاڻ کڻي رهي آهيان. آخري دفعو جيڪڏهن مون کي ڪنهن ڪجهه ڏنو هو ته اهو منهنجو انڪل رالف هو جنهن مون کي نيويارڪ اچڻ لاءِ بس جو ڀاڙو ڏنو هو. ان وقت منهنجي عمر سترهن سال هئي. جيتوڻيڪ انڪل رالف ان کي قرض نه سڏيو هو ۽ مون کان ڪنهن به ڪاغذ پور تي صحيح نه ورتي هئي پر مون پنهنجي پهرين ئي ڪمائيءَ مان هن جي رقم ڪيڏي هن ڏي مني آرڊر ذريعي واپس ڪئي هئي.”

“تون سورهن سالن جي عمر ۾ نيويارڪ آئي هئينءَ؟”

“هائو... اسڪول مان نڪرڻ سان... ۽ ان وقت کان آئون پاڻ ڪمائي کائي رهي آهيان. خود مختياريءَ جي زندگي گذاري رهي آهيان ۽ پنهنجا سڀ خرچ پاڻ برداشت ڪري رهي آهيان. جيڪڏهن البرٽ مون کي پهرين ٻڌايو هجي ها ته شايد هن تفريحي سفر ۾ به پنهنجو حصو پاڻ ئي ڀريان ها پر ان وقت هن ان کي تحفو چيو هو ۽ هاڻ هو ان جو اڌ حصو وياج سميت گهري ٿو. مون کي دراصل هن جي ان دوکيبازي ۽ ڪميڻپڻي تي چڙ اچي ٿي... پئسو ڪو وڏو مسئلو نه آهي.”

“هو توکان به وياج گهري رهيو آهي؟” ڪٽلر جي لهجي ۾ پنهنجاڻپ سان گڏ حيرت پڻ هئي.

“هائو... مون جنهن ڪاغذ تي صحيح ڪري ورتي آهي ان ۾ ڪجهه ان ڳالهه جو به ذڪر آهي. چڱو خاصو گهڻو وياج آهي. هن کي اصل ڪاوڙ ان ڳالهه تي آهي ته آئون هن کي ڇوڙي آئي آهيان.

شايد هن جي مرضي هئي ته هڪ ڏينهن اهڙو اچي ها جڏهن هو مون کي ڌڪا ڏئي گهر کان ڪڍي ها.”

“منهنجو به اهوئي خيال آهي.” ڪٽلر هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

“۽ منهنجو خيال هاڻ اهو آهي ته جيڪڏهن ڪي صحيح قسم جا ۽ چڱا ٿورو صحيح طريقي سان هن سان وڃي ڳالهه ڪن ته جيڪر هن جو دماغ ٺڪاڻي اچي وڃي.” هن ٿورو ترڪائيءَ مان چيو.

“۽ اهوئي ڪم آهي جنهن لاءِ تون هتي آئي آهين.” ڪٽلر چيوءِ هن لاءِ هڪ ٻي ڊرنڪ جو آرڊر ڏنو. ڊورٿيءَ ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي. ڊرنڪس اچڻ تائين هو خاموش رهيا. ان بعد ڪٽلر چيو:

“صحيح آهي... ۽ چڱا وڃي هن سان ڳالهه ڪندا.”

“ڪيترو خرچ ايندو ان ڪم تي؟” ڊورٿيءَ پڇيو.

“پنج سئو ڊالرن ۾ ڪم ٿي ويندو.” ڪٽلر چيو.

“صحيح آهي. مون لاءِ اها رقم ڪا ايڏي گهٽي نه آهي.” هن چيو.

“ڳالهه هي آهي ته جڏهن اسان “ڳالهه” ڪرڻ جي ڳالهه ڪريون ٿا ته درحقيقت معاملو “ڳالهه” کان ڪجهه اڳيان وڌيو وڃي.” هن چڱي حد تائين فلسفي واري لهجي ۾ چيو. “ان قسم جي معاملي ۾ ماڻهوءَ تي ٿورو ڪجهه اثر وجهڻو پوي ٿو. هن کي يقين ڏيارڻو پوي ٿو ته جيڪڏهن هو سڌو نه ٿيو ته هن کي ڪو جسماني نقصان به پهچي سگهي ٿو۽ اهو يقين ڏيارڻ لاءِ ضروري آهي ته شروع ۾ ئي هن سان ڪجهه ڪيو وڃي نه ته هو ان کي فقط دڙڪي جي حد تائين ئي سمجهي ٿو۽ ماڳهين ڪاوڙ ۾ اچيو وڃي. هڪدم ته هن کي ڪاوڙ نٿي اچي. جيڪڏهن ٻه ڏٺي متي قسم جا پهلوان ڪنهن ويران گهٽيءَ ۾ هن کي پٽ سان لڳائي حڪم ڏين ته هن کي ڇا ڪرڻو آهي... ته وقتي طور هو ڊڄي ويندو. پر پوءِ هو هن کي ڇڏي ڏيندا. هو گهر هليو ويندو ۽ پوءِ سوچڻ شروع ڪندو. ائين ڪرڻ سان هن کي ضرور ڪاوڙ ايندي.”

“ها تون بلڪل صحيح چوين ٿو.” ڊورٿيءَ ڪجهه سوچي هائوڪار ڪئي. “پر شروع ۾ ئي هن سان ڪجهه اهڙو ڪيو وڃي جنهن کي هو ڇئن پنجن ڏينهن تائين محسوس ڪندو رهي ته پوءِ هن تي ڊپ جو غلبو رهندو. هن ۾ ڪاوڙ اچڻ جي نوبت نه ايندي. تنهنجو مقصد اصل ۾ اهوئي آهي نه؟”

“ها... منهنجو خيال آهي ته تون صحيح پئي چوين.” هن ڪجهه گهٻرائيندي چيو. “ڇا هو جسماني طرح ٺيڪ ٺاڪ آهي؟” ڪٽلر گلاس مان ڍڪ ڀري چيو.

“ٿورو ٿولهه ڏي مايل آهي.هن جو وزن ويهه پائونڊ ڪنگهت تي وڃي ته هو چڱو خاصو سمارٽ لڳي سگهي ٿو.” ڊورٿيءَ ٻڌايو.

“هن کي ڪا دل جي تڪليف ته نه آهي؟”

“نہ”

“ورزش ڪري ٿو؟”

“هڪ ڪلب جو ميمبر تہ آهي. شروع جي ڏينهن ۾ تہ هفتي ۾ چار دفعا ويندو هو پر هاڻ مهيني ۾ فقط بہ ڏينهن وڃي ٿو.”

“سڀ اهو ئي ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح جمناسٽڪ ڪلب هلي رهيا آهن. جيڪڏهن سڀ ميمبر روز اچڻ شروع ڪن تہ دروازي مان گهڙڻ بہ ڏکيو ٿي پوي.”

“تون ورزش ڪندو آهين؟”

“ها. مون کي تہ عادت ٿي چڪي آهي. هاڻ اهو نہ ٻڌائيندس تہ مون کي اها عادت ڪٿان پئي.” هن معنيٰ خيز انداز ۾ مُرڪيو.

“آئون پڇنديسانءِ بہ نہ.” ڊورٿيءَ چيو. “پر آئون اندازو لڳائي سگهان ٿي.” هن کي اندازو هو تہ ڪئنلر جيل ۾ رهي چڪو آهي. هو جنهن ڌنڌي ۾ هو ان ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن جيل جي نوبت تہ اچي سگهي ٿي. جيل ۾ هر هڪ کان زبردستي ورزش ڪرائي وڃي ٿي.

ڪئنلر جي مرڪ وڌيڪ پڪڙجي وئي. لمحي ڪن لاءِ هو هڪ حرڪتي ٻار جيان نظر اچڻ لڳو پر پوءِ هڪدم سنجيدو ٿي وري ڪاروباري قسم جي ڳالهہ ٻولهہ ڏي ايندي چوڻ لڳو:

“ توسان ملڻ کان اڳ هو پهرين بہ شادي شده تہ نہ هو؟ اسان جنهن شخص لاءِ ڪجهہ ڪرڻ وارا هوندا آهيون، ان جي هر طرح جي معلومات وٺڻ ضروري سمجهندا آهيون.”

“هن ڪڏهن ذڪر تہ نہ ڪيو. هن جي هڪ پهرين جي بہ شادي ٿيل هجي ها تہ ان جو ذڪر ضرور نڪري ها.”

“هو پاڻ سان گڏ ڪو هٿيار... ڪو پستول، ريوالور وغيره تہ نٿو رکي؟”

“نہ ... نہ...” هن جلديءَ ۾ چيو.

“توکي پڪ آهي؟”

هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي ۽ لمحي ڪن جي خاموشيءَ بعد چيو:

“آئون ٽن سالن کان هن سان گڏ رهي آهيان پر مون ڪڏهن بہ هن وٽ پستول يا ريوالور نہ ڏٺو ۽ نہ وري مون کي ان بابت ڪڏهن پڇڻ جو خيال آيو.”

“ڪيترائي ماڻهو ڪونہ ڪو هٿيار پاڻ سان کڻي هلن ٿا پر انهن ۾ اڌ کان وڌيڪ بنا لائسنس جي هوندا آهن، ان ڪري هو ڪنهن سان انهن جي ڳالهہ نہ ڪندا آهن.”

“مون کي يقين آهي تہ هن جي ملڪيت ۾ ڪا بہ بندوق ناهي. پاڻ سان کڻي هلڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي.” ڊورٿيءَ خاطريءَ واري لهجي ۾ چيو:

“لڳي ٿو ته تنهنجو خيال صحيح هجي پر ان  معاملي ۾ ڪا به ڳالهه يقين سان نٿي چئي سگهجي. اسان جهڙن ماڻهن کي اهو ئي فرض ڪرڻو پوي ٿو ته اسان جنهن سان مقابلو ڪرڻ وڃون پيا ان وٽ پستول يا بندوق ضرور هوندي.. ۽ اسان کي ان لاءِ تيار رهڻو پوي ٿو.”

ڊورٿيءَ ڪجهه ٻڌليو ٿيندي تائيد ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ڪٽلر نهايت ترسي ترسي چيو : “هاڻ مون کي توکان هڪ تمام ضروري سوال پڇڻو آهي. اهو سوال توکي پنهنجو پاڻ سان به ڪرڻو آهي ۽ ان جو صحيح جواب ڏيڻو آهي. جو جو ڪجهه به چئي نٿو سگهجي ته هي معاملو اڳيان ڪيستائين پهچي. تون ڪيتري حد تائين تيار آهين؟”

“مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو”. ڊورٿيءَ چيو.

“ڏس نه. ان ڳالهه تي ته پاڻ هڪ ئي راءِ رکون ٿا ته هن معاملي ۾ ٿوري گهٽي مارڪٽ ته ضرور ٿيندي. هن کي ڪجهه موچڙا ته هڻڻا پوندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن هنڌن تي هن کي اهڙا ڌڪ هڻبا جنهن جو سور هو هفتو ڏهه ڏينهن ته ضرور محسوس ڪري. منهنجي خيال ۾ ان ڳالهه لاءِ پاسرائيون پيچڻ صحيح هوندو.”

“چڱو صحيح آهي.” ڊورٿيءَ ڪجهه اهڙي نموني سان هائوڪار ڪئي جڻ هن کان ان بابت اجازت ورتي پئي وڃي ۽ هوءَ اجازت ڏئي رهي هئي.

“جيڪڏهن ڳالهه ايستائين رهي تڏهن به ڪا وڏي ڳالهه نه آهي پر توکي اهو ميڻو پوندو ته ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه وڌيو به وڃي.”

“ڇا مطلب.”

هن ميز تي ٺونٺيون رکي پنهنجين آڱرين سان اهرام ٺاهيندي چيو:

“منهنجو مطلب آهي هڪ دفعو مارڪٽ شروع ٿي وئي ته پوءِ ڪڏهن به اهو فيصلو اسان جي اختيار ۾ نٿو رهي ته ان کي ڪٿي جهلجي. تشدد هڪ اهڙو پکي آهي جيڪو هڪ دفعو پڃري مان نڪري وڃي ته ان کي وري قابو ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. ڪجهه به چئي نٿو سگهجي ته اهو سلسلو ڪٿي وڃي بيهي.”

“اوهه!” ڊورٿيءَ جڻ ان پهلوءَ تي ڪڏهن سوچيو ئي نه هو.

“مثال طور... هو به جواب ۾ هٿ پير چوري ٿو ته پوءِ اهو سلسلو اسان جي مقرر ڪيل حدن کان اڳتي به وڃي سگهي ٿو. هو موت ۾ جيتري وڙهڻ جي ڪوشش ڪندو، اوتري ئي ڪيس مار پوندي. اسان لاءِ ان کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ناهي.”

“مون سمجهيو.” ڊورٿيءَ وراڻيو.

“ان کان علاوه انساني نفسيات جي پهلوءَ کي به نظر ۾ رکڻو پوي ٿو. جيڪي ماڻهو هن ڪم لاءِ ويندا انهن جو ته هن مسئلي سان ڪو به جذباتي تعلق نه هوندو. ان ڪري هو نهايت پرسڪون انداز ۾، ٿڌي دماغ سان، ڊيوٽيءَ جي انداز ۾ هي ڪم سرانجام ڏيندا. جذباتيت هنن ۾ هوڻ به نٿي ٿئي.”

“منهنجو اندازو به اهو ئي هو.” ڊورٿيءَ چيو.

ڪٽلر ڳالهه جاري رکندي چيو: “پر اها ڳالهه فقط هڪ حد تائين ئي صحيح آهي ڇو ته اهي ماڻهو به بهرحال انسان آهن. البرٽ جيڪڏهن ڏک جو بدلو ڏک سان ٿو ڏئي ۽ دوبدو مقابلو ٿو ڪري ته پوءِ منهنجا ماڻهو به ڪاوڙ ۾ اچي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح هنن جو ڪم اجا به سولو ٿي سگهي ٿو. انهن ماڻهن جو غصو خطرناڪ به ٿئي ٿو. شايد هو البرٽ کي وڏيڪ نقصان پهچائي وجهن جيترو هنن جو ارادو نه هجي.”

ڊورٿيءَ لمحي کن لاءِ سوچيو. پوءِ هائوڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: “ها. اهو آهي ته برابر ممڪن.”

“ان جي نتيجي ۾ هو اسپتال به پهچي سگهي ٿو.” ڪٽلر چيو.

“تنهنجو مطلب آهي... هن جون هڏيون وغيره به ڀڄي سگهن ٿيون؟.” ڊورٿيءَ ڊنل هرڻيءَ جهڙين نگاهن سان ڪٽلر ڏي گهوريو.

“ها... بلڪ ان کان به بدتر ڪا ڳالهه ٿي سگهي ٿي. مثال طور هن جو جيرو يا ڦڦڙ زخمي ٿي سگهي ٿو. ان قسم جا ڪيترائي معاملا منهنجي ذهن ۾ آهن... بلڪ مون کي ڪجهه اهڙن ماڻهن جي باري ۾ به ڄاڻ آهي، جيڪي فقط پيٽ تي ٺونشو لڳڻ سان موت جي جهوليءَ ۾ هليا ويا.”

“واقعي...! اهو ته مون هڪ فلم ۾ به ڏٺو هو.. ڊورٿيءَ تائيد ڪئي، “تو ته مون کي وري نئين سئين سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي.”

“ها... هي معاملا واقعي ان قابل آهن جو انهن جي باري ۾ ڪيترائي دفعا سوچڻ کپي...” ڪٽلر چيو “ڇو ته انهن ۾ تمام گهٽو اڳتي نڪرندڙ نتيجن لاءِ تيار رهڻو پوي ٿو... ۽ “تمام گهٽو اڳيان تائين” مان منهنجي مراد تمام گهٽو اڳيان تائين ئي آهي. هونءَ ته سئو مان پنجانوي ڪيسن ۾ ائين نٿو ٿئي.”

“پر ٿي به ته سگهي ٿو.” ڊورٿيءَ گهبرائيندي چيو.

“جي ها... ٿي به سگهي ٿو.” ڪٽلر وراڻيو.

“خدا پناهه ۾ رکي...” هن جي بدن ۾ ڄڻ سيوڪاري پئجي وئي ۽ چرڪ ڀريندي چيو “هو بيشڪ پڪو سوئر جو ڦر آهي... پر آئون هن کي مارائڻ به نٿي چاهيان. آئون هن کي فقط سبق ڏيڻ چاهيان ٿي پر اهو هرگز نٿي چاهيان ته هن جي باري ۾ ڪا نهايت خوشگوار ياد هميشه لاءِ منهنجي ضمير تي بار ٿي پوي.”

“منهنجو به اهو ئي خيال آهي ته تون ان ڳالهه کي پسند نه ڪندينءَ”.

“پر آئون هن کي ڏهه هزار ڊالر به ادا ڪرڻ نٿي چاهيان. هي معاملو ته ڪجهه منجهيل ئي ٿي پيو.”

“معاف ڪجانءِ... آئون هڪ منٽ ۾ ٿو اچان...” ڪٽلر اٿندي چيو. “تيستائين تون ان موضوع تي سوچي وٺ، پوءِ پاڻ ان بابت وڌيڪ ڳالهه ڪنداسين.”

هن جي غير موجودگي ۾ ڊورٿيءَ هن جي ڪتاب کي ابتو سبتو ڪري ڏٺو ۽ پوءِ جيئن جو تيئن رکي ڇڏيو. هوءَ آهستي آهستي پنهنجي ڊرنڪ مان سرڪيون ڀري سوچينديرهي. ڪٽلر واپس آيو ته ويهندي ئي چيو: "ها.. ته تو ڇا سوچيو؟"

"منهنجو خيال آهي ته تو پنهنجو پاڻ کي پنج سئو ڊالر ڪمائڻ کان محروم ڪري ورتو آهي." ڊورٿيءَ چيو.

"منهنجو به اهو ئي خيال آهي." هن کي جڻ ان نقصان جو ٿورو به افسوس نه هو.

"آئون هن کي مارائڻ نٿي چاهيان... بلڪ آئون ته هن کي اسپتال به موڪلڻ نٿي چاهيان. آئون ته فقط اهو چاهيان ٿي ته هو ڊڄي وڃي ۽ هن جي ٿوري مارڪٽ به ٿي وڃي ۽ اهو به شايد ان ڪري چاهيان ٿي جو هن وقت آئون سخت ڪاوڙ ۾ آهيان."

"اها ڪا عجيب ڳالهه ناهي. اهڙين ڳالهين تي ڪنهن کي به ڪاوڙ اچي سگهي ٿي." هن همدردي ڪندي چيو.

"جڏهن مون کي ڪاوڙ لهي ويندي ته آئون فقط ايترو چاهينديس ته هو پنهنجي ڏهه هزار ڊالرن واري بڪواس کي وساري ڇڏي. خدا پناهه ۾ رکي؟ ڏهه هزار ڊالر ته منهنجي سڄي زندگيءَ جي بچت ٿيندي. آئون هن مردود کي ڏيڻ نٿي چاهيان."

"ڇا مطلب؟"

"حقيقت ۾ هن هي چڪر پئسا هٿ ڪرڻ لاءِ نه پر توکي تنگ ڪرڻ لاءِ رچايو آهي. هي به جذباتي معاملو آهي. تو هن کي ڇڏيو آهي. هن جي انا زخمي ٿي آهي. هن توکي سبق سيکارڻ جو هي رستو ڳوليو آهي. مشڪل اها آهي ته تون هر شيءِ تي خرچ جو اڌ ڏيندي رهين ٿي ان ڪري شايد عدالت ذريعي هو توکان ان تفريحي سفر جو به اڌ خرچ وصول ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي."

"ته اها ڳالهه آهي...!" ڊورٿيءَ جي منهن تي پريشانيءَ جي لهر نمودار ٿي.

ان ئي وقت ڪٽلر هن کي دلداري ڏيڻ جي ڪئي: "پر هن لاءِ به اهو ڪو سولو ڪم ناهي. بهتر ٿيندو ته هن سان عدالت کان ٻاهر ناهه ڪيو وڃي. تون هن کي ٻه هزار ڊالر ڏيڻ جي پيشڪش ڪر. منهنجي دل چوي ٿي ته هو ان تي سرچي ويندو."

"منهنجي ته هن سان ڳالهه ٻولهه ئي بند آهي... ۽ آئون هن سان ڳالهائڻ به نٿي چاهيان. آئون ڀلا هن کي ٻن هزار ڊالرن جي پيشڪش ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟"

"هن کي اهو نياپو موڪلڻ لاءِ توکي ڪنهن ٻئي جي خدمت حاصل ڪرڻي پوندي"

"تنهنجو مطلب آهي ڪو وڪيل وغيره...؟" ڊورٿيءَ وضاحت گهري.

"وڪيل جون خدمتون حاصل ڪنديءَ ته ان خرچ ۾ هن جون فيون به شامل ٿي وينديون. آئون سوچي رهيو آهيان ته آئون ئي اها خدمت ڏيان. اها پيشڪش ڪٽي ويندس ته هو انڪار هرگز نه ڪري

سگهندو. مون کي زبان سان ڌمڪي ڏيڻ بنا ڪم ڪڍڻ جو طريقو اچي ٿو. هن کي ڪا به ڌمڪي يا دڙڪو نه ڏيندس تڏهن به هو سمجهندو ته مون هن کي چتاءُ ڏنو.”

“يعني ٻن هزار ڊالرن ۾ منهنجي جان ڇٽي ويندي-۽ پنج سئو ڊالر تنهنجي فيءَ جا...؟”

“ آئون ڪا في نه وٺندس. مون کي هن سان فقط ڳالهه ڪرڻي پوندي ۽ ڳالهه ڪرڻ جي آئون ڪا به في نه وٺندو آهيان. آئون ڪو وڪيل نه آهيان. آئون ته فقط هڪ شريف ماڻهو آهيان. جنهن جي گذر سفر جو ذريعو به “پارڪنگ لاٽس” آهن. البت ايترو ضرور آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ڪو ڏکيو ڪم ڪرايو وٺان.”

“۽ توکي ڪتابن پڙهڻ جو به شوق آهي؟”

“ها... اهو شوق مون کي ننڍپڻ کان آهي.” هن مرڪيو.

“مون سمجهيو ٿي ته اهو شوق به جيل کان شروع ٿيو هو.” ڊورٿيءَ ترسي ترسي جملو پورو ڪيو.

“اتي انسان پڙهيو نٿو سگهي. تمام گهڻو هل هنگامو ٿئي ٿو.”

“مون ته سمجهيو ٿي ته اتي انسان کي سڪون ملي ٿو. تڏهن ڪجهه ماڻهن جيل ۾ رهي دنيا جا مشهور ڪتاب لکيا آهن.”

“ڪجهه خوش نصيبن کي شايد ايترو سڪون ملي ويو هوندو.” هن مرڪندو جواب ڏنو.

لمحي کن جي ماٺ کانپوءِ هن چيو “مون کي هاڻ اهو سوچيندي شرم ٿو محسوس ٿئي ته آئون تو وٽ ڪهڙي ته ڪم لاءِ آئي هيس.”

“شرم جي ان ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي؟” هن همٿ افزائي واري انداز ۾ چيو “هي ته تنهنجي خوددار هجڻ جي نشاني آهي ته تو بليڪ ميل ٿيڻ پسند نه ڪيو. خوددار عورتون مون کي سٺيون لڳنديون آهن.”

ڊورٿيءَ پنهنجي ڳلن تي ڪجهه گرمائش محسوس ڪئي. هو پسنديدگيءَ جي نظرن سان هن ڏي ڏسي رهيو هو. پل ساعت جي خاموشيءَ بعد هن چيو: “تون ڊرنڪ پي وٺ ته آئون توکي تنهنجي گهر ڇڏي اچان.”

“توکي ايڏي تڪليف وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. آئون ريل ۾ هلي ويندس.” هن هيٺي آواز ۾ چيو.

“ڇا توکي مون سان گڏ هلڻ پسند ناهي؟” هن ڊروٿيءَ جي اکين ۾ ليئو پائيندي چيو.

“پسند ته آهي ... پر... ” هوءَ ڪجهه چوندي چوندي ترسي پيئي. هن مرڪي ڏنو ڄڻ سمجهي ويو هجي ته ڊورٿي ڇا ٿي چوڻ چاهي. غير ارادي طور هن به مرڪي ڏنو.

هن ميز ڏي جهڪندي چيو: “مون چيو هو نه ته ڪڏهن ڪڏهن معاملا ان کان به گهڻو اڳ پهچي سگهن ٿا. جتي اسان وٺي وڃڻ چاهيون ٿا. منهنجي خيال ۾ هاڻ پاڻ کي ماني به هتي کائي وٺڻ کپي. ڇا خيال آهي؟”

ڏورتيءَ جواب بدران فقط ڪلها لوڏي اقرار ڪيو.

مانيءَ بعد جڏهن هوءَ هن سان گڏ ڪار ۾ رواني ٿي ته ڪار جو رخ هن جي گهر جي بدران ڪٽلر جي گهر ڏي هو ۽ هو ٻئي مستقبل جي منصوبابندي ڪري رهيا هئا.

# محفوظ جاءِ

پيٽر وري به پڪ خاطر هيڏانهن هوڏانهن نهاريو ۽ اهو معلوم ڪري ڪيس دلجاءِ ٿي ته هن ڪان سواءِ ٻيو ڪو به اتي نه هو. سوشل سينٽر جي هن وڏي هال نما ڪمري ۾ هو اڪيلو پاڻ هو.

پيٽر پنهنجي ڪيسي جي ٻاهران هٿ هڻي سڪون محسوس ڪيو ته چاٻي موجود هئي ۽ پوءِ ڪيس ۾ هٿ وجهي چاٻي ٻاهر ڪڍي. هن کي يقين هو ته هن "خذمت خلق" جي رفاعي سينٽر جو انچارج مسٽر بومين ڪلاڪ کن ڪان اڳ هر گز نه موٽندو پر ان هوندي به گهبراهٽ هن تي حاوي هئي. هن جي دل جو ڌڙڪو وڌڻ لڳو ۽ هٿن جون تريون پگهر کان آليون ٿي ويس. هن کي اهو ڊپ هو ته چوري ڪندي جيڪڏهن بومين کيس ڏسي ورتو ته نه فقط ڪانئس چاٻيو ڦرجي ويندي پر ٿي سگهي ٿو ته کيس نوڪريءَ مان به ڪڍيو وڃي. هن کي اها به سُڌ هئي ته ڪيترائي بيروزگار سندس نوڪريءَ ۾ اک هڻيو ويٺا آهن. پيٽر جي خيال موجب هن ڏرتيءَ تي ان کان وڌيڪ آسان ۽ آرام واري نوڪري ٻي ڪا ورلي ٿي سگهي ٿي. اهو ئي سبب هو جو هن اهڙي نوڪريءَ کان جدائي اختيار ڪرڻ نٿي چاهي، پر پنهنجي عادت کان به مجبور هو. هو ڇا چوندا آهن ته چور چوريءَ کان وڃي پر هيرا ڦيريءَ کان نه وڃي يا هيريءَ سندس هير تنگ پڳي به نه لهي. جيتوڻيڪ بومين کيس پگهار کان علاوه روزانو ڪجھ ڊالر خرچي طور پڻ ڏيندو هو پر پيٽر تنهن هوندي به چندي جي پيٽيءَ مان ڪجھ نه ڪجھ پار ڪري ورتو ٿي.

پيٽر جي هن نوڪريءَ کي اڃا ڪجھ هفتا ڪي مس ٿيا هئا. بومين ترس کائي هن کي اها نوڪري ڏني هئي جو کيس ڪو گهر گهاٽ به نه هو. بومين هن کي رفاعي سينٽر ۾ ٽڪڻ جي موڪل ڏئي، هن جا چڻ سڀ مسئلا ختم ڪري ڇڏيا. نه ته ان کان اڳ پيٽر جون راتيون رستن تي گذريون ٿي ۽ ڏينهن بکون ڪاٽڻ کان بچڻ لاءِ ننڍا وڏا ڏوهه ڪندي. ڪڏهن ڪڏهن هن کي ڪنهن بنگلي يا بلڊنگ جي ٻهاري ۽ چنڊ ڦوڪ جو ڪم ملي ويو ٿي ته ڪجھ ڏينهن آرام سان گذري ويس ٿي. هن رفاعي سينٽر ۾ به شروع جا ڏينهن هن کي ٻهاريءَ جي ڪم لاءِ رکيو ويو هو. پوءِ مسٽر بومين هن کي ديانتدار ماڻهو سمجهي چندي جي پيٽيءَ مان رقم ڪڍڻ ۽ ڳڻڻ جي ذميواري به هن جي حوالي ڪري ڇڏي.

پيٽر آهستي آهستي ڪري چندي جي پيٽي کولي. هونءَ ته روزانو رات جو چندي جي پيٽي کولي منجهس گڏ ٿيل رقم بومين جي حوالي ڪندو هو پر هينئر هن وقت پيٽي کولڻ سان هن جو مقصد ڪجھ ٻيو ئي هو.

پيٽيءَ ۾ ڪيترائي سڪا ۽ نوٽ موجود هئا. پيٽر هڪ دفعو وري چئني طرفن جو جائزو ورتو ۽ نوٽن ڏي هٿ وڌايو. پوءِ هڪ نوٽ کي ڏسندي هن جي اکين ۾ روشني اچي وئي. هن جلديءَ ۾ اهو

نوٽ ڪنيو ۽ اکين اڳيان ويجهو جهلي ان جو جائزو ورتو. هن جيڪي سوچيو ان جي ڇڻ پوئيواري ٿي وئي. اهو پنجن يا ڏهن جو نه پر پوري هڪ هزار ڊالر جو نوٽ هو! هن ڦڙتيءَ سان ان نوٽ کي پنهنجي کيسي ۾ وڌو ۽ پيتيءَ کي تالو هڻي ٻاهر نڪري آيو.

هزار ڊالر جو نوٽ کيسي ۾ وجهي هو تکيون تکيون ٻرانگون ڀريندو اتر طرف نڪري ويو. هڪ عجيب خوشيءَ جو احساس هن تي ڇانيل هو. هن سڄي زندگي غربت ۽ مفلسيءَ ۾ گذاري هئي. هن کي جتي وجهه لڳو ٿي اتي چوري يا کيسي ڪٽڻ کان رهيو نٿي پر ڪڏهن به هيڏي وڏي رقم هن جي هٿ ۾ نه آئي هئي. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هڪ هزار ڊالرن جو نوٽ هن جي کسي ۾ موجود هو ۽ هن پاڻ کي ان وقت ڪنهن امير ماڻهوءَ کان گهٽ نه پئي سمجهيو. هزار ڊالر انهن ڏينهن ۾ واقعي وڏي دولت هئي.

پيٽر کي اوچتو پيٽ ۾ وَٽَ محسوس ٿيڻ لڳا. اچ جي ڪري سندس ڳلي ۾ جهڙيون سُيون چڀڻ لڳيون. ٿورو اڳتي هن کي هڪ ريسٽورنٽ نظر آئي. هو تکيون تکيون وکون کڻي ان ريسٽورنٽ ڏي وڌيو.

پيٽر ريسٽورنٽ ۾ اندر گهڙي هڪ ڪرسيءَ تي وڃي ويٺو. هن کي ويٽر جو انتظار هو پر جڏهن ڇڱي دير تي وئي ته هن کي ڪاوڙ اچڻ لڳي. "شايد منهنجا افعال ڏسي هو سمجهن ٿا ته آئون ڪو لچو لفنگو يا کيسي خالي آهيان ۽ سندن شيءِ ڪائي پڇي ويندس. چرين کي ڪهڙي خبر ته مون وٽ هڪ هزار ڊالرن جو نوٽ آهي. آئون هر شيءِ جي قيمت ادا ڪري سگهان ٿو." هو دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ سان مخاطب هو ته هڪ کهري آواز هن کي ديڄاري وڌو.

"ڇا کپي توکي؟" پيٽر غور سان ڏٺو ته اهو ويٽر نه هو. هن شخص کي هو ريسٽورنٽ ۾ گهڙندي وقت دخل تي ويٺل ڏسي چڪو هو جيڪو شايد مئنيجر هو. پيٽر وڏي لئه سان چيو: "هن ريسٽورنٽ جو سڀ کان سٺو ۽ مهانگو ڊش کڻي اچ ۽ گڏو گڏ ڪجهه پيئڻ لاءِ پڻ..."

مئنيجر جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن کي پنهنجي ڪنن تي اعتبار نه پئي آيو. هن غور سان پيٽر جو جائزو ورتو. هڪ دفعو وري گراهڪ کي نه ڪنگهڻ جا تاثر هن جي منهن تي ظاهر ٿيا.

"آئون تنهنجي ڳالهه تي يقين نٿو ڪري سگهان." هن حقارت سان چيو. "۽ نه وري آئون ڪو اهڙو گڏهه آهيان جو پهرين توکي کاڌو کارايان ۽ پوءِ بل جي وصوليءَ لاءِ ويهي گارگند ڪريان. ان ڪري توکي جيڪڏهن ڪجهه کپي ته پهرين پئسا ٻاهر ڪڍ نه ته هتان گم ٿي وڃ."

"مون وٽ هڪ هزار ڊالر موجود آهن. تون پنهنجو پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو. آئون... آئون توکي به خريد ڪري سگهان ٿو." پيٽر سخت ڪاوڙ جي عالم ۾ چيو. هن کي مئنيجر جي ان سلوڪ ڪاوڙائي وڌو ۽ جيڪو راز هن دنيا کان لڪائڻ چاهيو ٿي اهو پاڻ ئي کولي رکيائين.

مئنيجر خوفناڪ نظرن سان پيٽر ڪي گهوري ڏٺو. ”جيڪڏهن تو وٽ هڪ لک ڊالر به هجن ته به منهنجي آڱوٺي کي پرواهه آهي. آئون توسان بحث ڪري پنهنجو قيمتي وقت وڃائڻ نٿو چاهيان. ان ڪري تون اک ڇنڀ ۾ هتان غائب ٿي وڃ.“ صاف ظاهر هو ته مئنيجر کي پيٽر جي ان ڳالهه تي يقين نه آيو ته هن وٽ ڪو هڪ هزار ڊالر جو نوٽ آهي.

پيٽر جي به سهپ جون حدون ختم ٿي چڪيون هيون. هن ڪائڻ پيئڻ جي خواهش تي لعنت وڏي ۽ ڪرسيءَ تان اُٿي ڪڙو ٿيو. هن ميز کي هڪ ٺڏو هنيو ۽ مئنيجر کي ڦهريلي نگاهن سان ڏسي پنهنجي کيسي مان هزار ڊالر جو نوٽ ڪڍي، مئنيجر جي اکين اڳيان ڦڙڪايو ۽ پوءِ ڦڙتيءَ سان واپس پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ”تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو؟ ڇا دنيا ۾ تون ئي هڪ شاهوڪار ماڻهو آهين. نيچ انسان!“ پيٽر جلدي جلدي ريسٽورنٽ کان ٻاهر نڪري آيو. هن کي اطمينان هو ته هن پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺي ڇڏيو. ڪو بيو وقت هجي ها ته هو مئنيجر سان وڏيڪ اٽڪي پوي ها. گهٽ ۾ گهٽ هن جو مٿو ته ضرور ڦاڙي ها پر هڪ هزار ڊالرن جي موجودگيءَ ۾ ڪو به خطرو کڻڻ سراسر بيوقوفي هئي جو رقم جو هٿن مان وڃڻ جو انديشو هو.

پيٽر ٻاهر نڪري مئنيجر ۽ ان جي گندي سلوڪ کي پنهنجي ذهن مان ڪڍي هڪ دفعو وري هزار ڊالرن جي نوٽ جي موجودگيءَ جي خوشي پيدا ڪندڙ احساس ۾ مدهوش ٿي ويو.

هاڻ هن کي زوردار احساس ٿي رهيو هو ته ڪنهن به ريت ان نوٽ کي کلو ڪرائڻ کپي. جيڪڏهن هن وٽ ننڍا نوٽ نه آيا ته هو ڪائڻ پيئڻ کان رهجي ويندو. هن جا حال افعال ڏسي ڪنهن کي به يقين نه ايندو ته هو ورتل شيءِ جي ادائگي ڪري سگهندو. اهو سوچي هن بلاڪ ستين ۾ ٺهيل فرسٽ سٽي بئنڪ ڏي هلڻ شروع ڪيو.

پيٽر بئنڪ جي ويجهو پهتو. بئنڪ جي ٻاهر به ڏاڍي رش هئي. ماڻهو تڪا تڪا بئنڪ جي اندر ۽ ٻاهر اچي وڃي رهيا هئا. پيٽر ڏٺو ته اتي اچڻ وارو هرهڪ سکيو ستابو ۽ سٺي ويس وڳي ۾ هو. احساس ڪمتريءَ هن کي پنهنجي چنبي ۾ ڦاسائي رکيو. هن کي پنهنجو منهن مهانڊو عجيب شڪي نموني جو لڳو. بهرحال هن پنهنجي اندر ۾ همت پيدا ڪئي ۽ بئنڪ اندر داخل ٿي ويو. هو وات پٽي حيرت مان اندر جو منظر ڏسڻ لڳو. وڏي ۽ ويڪري هال ۾ مختلف ڪائونٽر هئا، جن جي اڳيان بيشمار ماڻهو قطارون ٺاهي نهايت سڪون سان بيٺا هئا. گهڻن ٽڻن ڪائونٽرن تي پئسي ڏوڪڙن جي ڏي وٺ هلي رهي هئي. ماڻهو هڪ ٻئي سان آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا پر گوڙ بنهه نه هو. پيٽر جي زندگيءَ ۾ هي پهريون موقعو هو جو ڪنهن بئنڪ ۾ آيو هو. هن کي اوچتو محسوس ٿيو ته بئنڪ ۾ موجود مڙيئي ماڻهو هن ڏي ڏسي رهيا آهن. هو ڌڙڪندڙ دل ۽ ڏڪندڙ قدمن سان هڪ قطار ۾ وڃي بيٺو. هي پئسا مٽي ڏيڻ جو ڪائونٽر هو. پئسا مٽائڻ وارن ماڻهن مان هرهڪ پنهنجا نوٽ اڳيان وڌائي ڪائونٽر تي ويٺل همراهه کي ڏنا ٿي، جنهن ڳڻي گهربل رقم کيس ڏني ٿي. پئسا وٺي اهو ماڻهو قطار

مان نڪري ويو ته ان جي پنيان واري اڳتي وڌي هن جي جاءِ والاري تي پنهنجا نوٽ مٽايا ته اهڙيءَ طرح قطار اڳيان اڳيان وڌي رهي هئي.

پيٽر به قطار سان گڏ گڏ اڳتي وڌندو رهيو. هاڻ پيٽر جي اڳيان فقط چار ماڻهو هئا. پيٽر جي خوف ۽ گهٻراهٽ کان حالت خراب هئي. هن جون ٽنگون ٿڙڪي رهيون هيون. هو اهو سوچي پريشان ٿي رهيو هو ته ڪائونٽر تي ويٺل همراهه کي جي هن جي حال افعالن مان هن تي شڪ ٿي پيو ۽ هن کان پڇي ونئي ته هيڏي وڏي انگ جو نوٽ ڪٿان آيو ته هو ڪهڙو جواب ڏئي سگهندو؟

پيٽر دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن اهڙي نوبت آئي ته هو هن کي ٻڌائيندو ته هن کي اهو نوٽ واٽ تي مليو. پر نه، اهو ڪو عقلمندي وارو جواب نه آهي. ته پوءِ؟ آئون چوندس ته .... ته هي نوٽ منهنجو پنهنجو آهي ۽ جيڪڏهن هن منهنجو ڏنڊو ڏاڙي پڇي ورتو ته پوءِ؟ پيٽر جي ذهن ۾ سوال اُڀريو ۽ جيڪڏهن مون پنهنجي رفاعي اداري جو نالو ورتو، جتي آئون نوڪري ڪريان ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته هو ان جي انچارج مسٽر بومين کي فون ڪري ۽ منهنجي صحيح جواب نه ڏيڻ تي ٿي سگهي ٿو هو ڪٿي پوليس کي فون ڪري ۽ هتي ته هونءَ به ڪيترائي پوليس وارا ۽ سيڪيورٽي گارڊ پيا هلن.

”نه. مون کي هتان نڪري وڃڻ کپي.“ آخرڪار پيٽر اهو ئي فيصلو ڪيو ۽ قطار مان نڪري آيو. ڪجهه پري پهچي هن پنهنجي ايساهيءَ کي قابوءَ ۾ آندو. اوچتو هڪ سيڪيورٽي گارڊ هن ڏي وڌيو ۽ نهايت تحمل سان پڇيو:

”ڇا آئون توهان جي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟“

”نه مهرباني! منهنجو ڪم ٿي ويو آهي.“ پيٽر مرڪندي هن کي جواب ڏنو ۽ ٻاهر کُلندڙ دروازي کان نڪري آيو. هو آهستي آهستي هلي رهيو هو. هن جو خيال هو ته جيڪڏهن هو ڊوڙي ڀڄندو ته پوليس وارن جو هن ڏي ڌيان ڇڪجي ويندو ۽ هن کي اجايو جهلي وٺندا. اهڙي طرح هو پنهنجو پاڻ کي عقلمنديءَ تي داد ڏيندو، بئنڪ کان گهڻو پري نڪري آيو.

پيٽر هاڻ ڪٿي ويهي سڪون سان هن وڏي نوٽ کي مٽائڻ ۽ ان کي خرچ ڪرڻ جي پلاننگ ڪرڻ چاهي ٿي. گذريل تلخ تجربي جي بنياد تي هاڻ هن ڪنهن هوٽل يا بار وغيره وڃڻ نٿي چاهيو. اتي هن کي هڪ راندين جي ڪلب جو خيال آيو. پيٽر ڪجهه عرصو اتي صفائيءَ جو ڪم ڪيو هو. ڪلب جي مالڪ هن تي رحم ڪائي هن کي ڪلب ۾ اچڻ ۽ اتي ويهڻ جي موڪل ڏني هئي.

ڪلب ۾ دستور موجب ڪيتريون ئي رانديون هلي رهيون هيون. پيٽر هڪ خالي ميز تي وڃي ويٺو. پيٽر جي پر واري ٽيبل تي چار نوجوان ڇوڪرا ويٺل هئا. پيٽر نوٽ ڪلو ڪرائڻ جي سوچ ۾ هو ته ڪنهن جي آواز هن کي ڇرڪائي وڌو. انهن چئن ڇوڪرن مان هڪ پڇي رهيو هو:

”هتي ڪهڙي چڪر ۾ اچي نڪتو آهين؟“

بي اختيار پيٽر جي وات مان جواب نڪتو: ”ڪجهه دير لاءِ فرحت وٺڻ آيو آهيان.“

جنهن ڇوڪري پيٽر کان سوال ڪيو هو اهو ڇهه فوٽ ڊگهو ۽ ڳري جسم جو مالڪ هو. هن کي جينز جي پتلون تي آسماني رنگ جو هڪ سوڙهو سئيٽر پاتل هو. مٿي تي خاڪي رنگ جو ٽوپلو هو. ڳالهائيندي هن جو وات ڇپو ٽي ٿيو.

”لڳي ٿو تہ تون پهريون دفعو ڪنهن ڪلب ۾ آيو آهين“ هن پيٽر کي غور سان ڏسندي چيو. ”ان ڪري شايد تون پنهنجو ڪوٽ هئنگر ۾ نہ ٽنگيو آهي.“ ڇوڪرا پيٽر کي شڪي نگاهن سان ڏسي رهيا هئا.

”مون چيو نہ تہ آئون هتي فقط ٿوري دير لاءِ آيو آهيان.“ نہ چاهڻ جي باوجود پيٽر کي جواب ڏيڻو پيو.

”تون ڪنهن ٻئي هنڌ بہ ويهي سگهئين ٿي.“ هن دفعي هڪ ٻئي ڇوڪري پيٽر کي گهوريندي چيو ” تو اسان کي ڊسٽرب ڪيو آهي.“

پيٽر جي بدن ۾ جڻ سيوڪاري پئجي وئي. هو سمجهي ويو تہ هي ڇوڪرا ساٽس وڙهڻ چاهين ٿا ۽ ان لاءِ هنن کي ڪنهن بهاني ڳولڻ جي ضرورت ناهي. هو تعداد ۾ چار هئا ۽ پيٽر اڪيلو هو پر هو اهڙي سولائيءَ سان آڻ مڃڻ وارو نہ هو.

ٽيون ڇوڪرو جيڪو قد ۾ پنهنجن ٻين ساٿين کان ننڍو هو. تنهن پنهنجي ڇيلهہ سان ٻڌل پٽو ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ پيٽر اڳيان لوڏڻ لڳو: ”ذليل انسان! تنهنجي ايڏي همت جو اسان جي پر سان اچي ويهين.“

ڪاوڙ ۽ ڇتو ڪرڻ سان پيٽر جا حواس خطا ٿي ويا. هو بہ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙو ٿيو. هٿ وڌائي هن پهرين ئي سٽ سان ڇوڪر کان پٽو کسي ڪٽي پري اڇلايو.

” تو مون کي ذليل انسان چيو.“ پيٽر ڪاوڙ کان ڏڪي رهيو هو. تون پاڻ ذليل هوندي... آئون تو جهڙن ٽڪي جي بدمعاشن کان چڱيءَ طرح واقف آهيان. آئون جيڪڏهن چاهيان تہ توکي ٽڌا هٽي هن ڪلب مان ڪڍي ڇڏيان“. هو چوندو ئي رهيو ”تون مون کي سمجهين ڇا ٿو. هي ڏس!“ هن پنهنجي کيسي مان هزار ڊالر جو نوٽ ڪڍي سيني کي ڏيکاريو. ” آئون توهان جهڙن کان گهڻو بهتر آهيان.“

چوٿون ڇوڪر جيڪو هيستائين ماٺ منوڙيءَ ۾ سڄي ڪاروائيءَ جو جائزو وٺي رهيو هو اٿي پيٽر وٽ آيو. هن جي چپن تي مرڪ هئي. هن دوستاڻي نموني سان پيٽر جي ڪلهن تي هٿ رکي چيو: ”هنن چرين جون ڳالهيون دل ۾ نہ ڪجانءِ. هي تہ ائين ئي توسان چرچا پيا ڪن. توکي چيڙائڻ ٿا چاهين... منهنجي پرسان ٿي ويهہ!“ هن پيٽر جي ڪلهن تي زور ڏئي پنهنجي پرسان ڪرسيءَ تي ويهاريو. ”جيستائين تنهنجي دل چوي هن ڪرسيءَ تي ويهہ. هاڻ ڪير بہ توکي تنگ نہ ڪندو.“

پيٽر هن کي غور سان ڏنو ۽ ڊگهو ساهہ ڪڍي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. اهو ڇوڪرو هاڻ پيٽر جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو ۽ نهايت ڌيرج سان چيو:

”هي نوٽ تو وٽ ڪٿان آيو؟“

هڪ دفعو وري پيٽر ڪاوڙ ۾ ٻرُ ٿي ويو. ”هي نوٽ منهنجو آهي. تون ڪير ٿيندو آهين مون کان پڇڻ وارو؟“

”آئون ته ائين ئي توکان پڇي رهيو آهيان. جيڪڏهن تون ناراض ٿو ٿين ته ٺهيو مون پڇڻ جي پچر ڇڏي.“

پيٽر هاڻ هن کي وڏيڪ غور سان جانچيو. ڇوڪر جي منهن تي پنهنجائپ جا تاثرات نظر اچي رهيا هئا. هو پيٽر کي سندس ٻنهي ساٿين کان نرالو لڳو. هن جو منهن معصوم هو. پيٽر سوچڻ لڳو هن کي ڪنهن تي ته اعتبار ڪرڻو ئي پوندو نه ته هن نوٽ جو مسئلو اتي ئي رهجي ويندو. هن جي دماغ ۾ هڪ رٿ آئي. هو ڇوڪر ڏي مخاطب ٿيو: ”ڇا تون منهنجو هڪ ڪم ڪندين؟ آئون توکي ان جو اجورو ڏيندس.“

”مثال طور ڪهڙو ڪم؟“ ڇوڪري جي منهن تي دلچسپيءَ جا تاثر اُڀري آيا. هن جا ٻيئي ساٿي خاموش هئا ۽ هنن جو ڌيان هنن ٻن ڏي هو. پيٽر ڳالهه ٻڌائي: ”تون ته ڏسي ئي چڪو آهين ته مون وٽ هڪ هزار ڊالر جي رقم موجود آهي. هيءَ رقم مون وٽ ڪٿان آئي. اهو تنهنجو مسئلو ناهي، جيڪڏهن تون واقعي ان ڪم لاءِ تيار آهين ته مون سان گڏ بئنڪ تي هل ته هلي نوٽ کلو ڪرايون. آئون توکي ان ساٺ ڏيڻ جا پنجاهه ڊالر ڏئي سگهان ٿو.“

هن ڇوڪر جي منهن تي حيرت جا تاثرات نمودار ٿيا. پيٽر جلدي پنهنجي وضاحت ڪندي چيو: ”در اصل منهنجو هال ڪجهه اهڙو غريباڻو آهي جو ٿي سگهي ٿو ته بئنڪ وارا شڪ ۾ پئجي وڃن.“ پيٽر اهو ٻڌائيندي شرمندو ٿي رهيو هو. “ ته پوءِ ڇا خيال آهي؟“ پيٽر ان ڇوڪر کي ماٺ ۾ ڏسي جواب طلب ڪرڻ چاهيو.

”آئون ٿورو پنهنجي ساٿين سان صلاح ڪرڻ چاهيان ٿو.“ هو پنهنجن ٻنهي دوستن ڏي اشارو ڪري اُٿيو.

چارئي ڄڻا ڪائونٽر وٽ وڃي پاڻ ۾ صلاح سُولي ڪرڻ لڳا. رکي رکي هو پيٽر ڏي منهن ڪري هن کي غور سان ڏسندا به رهيا. پيٽر هاڻ هنن جي ان طرح جي نهارڻ کان خوف محسوس ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ جيئن ئي هن جي ڇهين حواس خطري جي گهنٽي وڄائڻ شروع ڪئي ته هو خبردار ٿي ويو. هن کي يقين ٿي ويو ته هو چارئي ڇوڪرا هن کان پئسا ڦرڻ جو پروگرام ناهي رهيا آهن. ان کان اڳ جو هي ڇوڪرا مونکي هٿين خالي ڪري هٽان ڪڍن. مون کي هتان ٽري وڃڻ کپي. هڪ دفعو ٻاهر اچي ويس ته آئون پوءِ پنهنجو بچاءُ پاڻهي چڱيءَ طرح ڪري سگهندس.“ پنهنجي ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هو لُوه پائي دروازي ڏي وڌيو. پر ان کان اڳ جو هو ٻاهر نڪري وڃي، هڪ ڳرو هٿ پيٽر جي ڳچي ۾ سوگهو ٿي ويو. پيٽر جا قدم ڄمي ويا.“

“ڪيڏانهن پيو وڃو وڃين تون؟” هي اهو ڇوڪرو هو جنهن کي پيٽر پنهنجي ڪم لاءِ چيو هو.

“مون پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو آهي. في الحال آئون هن نوٽ کي مَٽائڻ نٿو چاهيان.” پيٽر هن کي ٻڌايو.

“پر اهو ته وعدو ڪري پڇڻ ٿيو. تو اسان کي رقم ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو جنهن کي پاڙڻ بنا تون ائين نٿو وڃي سگهين.” ننڍي قد واري ڇوڪر منهن ۾ گهُنڊ پائي سختيءَ سان چيو. هن جي داداگيرن واري لهجي پيٽر کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو.

“اسان توکان زبردستي به پئسا ڦري سگهون ٿا.” هن دفعي ڊگهي قد واري ڇوڪري دڙڪو ڏيندي چيو.

“چڱو ڀلا.” پيٽر سوچي ڪنهن فيصلي تي پهتو. “ پهرين مون کي واش روم وڃڻ ڏيو رستو ڪهڙي پاسي آهي.”

ڊگهي قد واري ڇوڪري غور سان پيٽر کي ڏٺو. پوءِ واش روم ڏي هٿ سان اشارو ڪيو “ساڄي هٿ تي هليو وڃ... پر!” هن ڌمڪيءَ واري انداز ۾ پيٽر کي ڏٺو. “اهو نه وسارجانءِ ته اسين تنهنجو انتظار ڪري رهيا آهيون ۽ ها دير به نه ڪجانءِ.”

پيٽر ساڄي پاسي هلندو ويو. ڪاريڊار جي آخر ۾ واش روم هو. جنهن جي دروازي تي وڏن اکرن ۾ واش روم لکيل هو. پيٽر اندر گهڙيو هي هڪ ننڍو واش روم هو. هتي ڪنهن به قسم جي لائيٽ جو انتظام نه هو. البت هڪ دري ضرور هئي جنهن مان سج جي ايندڙ روشني سڄي واش روم کي روشن ڪري رکيو هو. اهو ڏسي پيٽر کي مايوسي ٿي ته دريءَ ۾ لوهه جون شيخون لڳل هيون. پيٽر جو واش روم جي بهاني هتي اچڻ جو اهو ئي مقصد هو ته شايد هتان ڪو اهڙو رستو نڪري اچي، جنهن مان هو ٻاهر نڪري سگهي. پيٽر چئني طرف نظرون ڊوڙايون پر اتي هن کي ڪا به اهڙي شيءِ نظر نه آئي، جنهن کي هو هٿيار طور استعمال ڪري سگهي. هن کي ڇوڪرن کان هر صورت ۾ اهو نوٽ بچائڻو هو. پوءِ هن کي هڪ خيال آيو. هن کيسي مان هزار ڊالر جو نوٽ ڪڍيو. ان کي ڇئوٽو پنجوٽو ڪري ويڙهي پني جو ننڍڙو پور ٺاهيو جيڪو ڏاٺ جي هيٺان دٻائي رکيو. هاڻ پيٽر کي اها پڪ هئي ته نوٽ محفوظ ٿي ويو آهي. اوچتو پيٽر کان ڇرڪ نڪري ويو. واش روم جو دروازو هڪدم اڇل سان کلي ويو. ائين چڻ ڪنهن در کي زور سان لت هڻي کوليو هجي. اندر اچڻ وارو اهو ئي ڊگهي قد ۽ آسماني سئيٽر وارو هو.

“ايتري دير ڪان ڇا وينو ڪرين؟” هو پيٽر کي شڪي نگاهن سان ڏسي چوڻ لڳو. پيٽر جي وات ۾ نوٽ هو ان ڪري هو جواب ڏيڻ واري حالت ۾ نه هو. ڊگهي قد وارو ڇوڪرو جيئن ئي اندر گهڙيو پيٽر هن کي زوردار ڌڪو ڏنو ۽ وٺي ٻاهر ڊوڙ پاتي. ڊگهي ڪاريڊار ۾ هو تکو تکو ڊوڙي رهيو هو پر چند ساعتن بعد ڊگهي قد وارو اچي هن کي ڇهتيو ۽ هڪ زوردار لت پيٽر جي چيلهه ۾ هنئي.

”ذليل انسان... اسان سان دوکو ڪري ٿو پڇين.“

پيٽر ڪنجهندي زمين تي ڪري پيو. ننڍي قد وارو به اتان اچي نڪتو هو ۽ پيٽر جي مٿي ڪان بيٺو هو.

”اڙي ڊئوڊ!“ ڊگهي قد واري پنهنجي ساٿيءَ جو نالو ڪنيو. ”هن جي تلاشي وٺ.“

ننڍي قد واري به هن جي پيٽ ۾ هڪ زوردار لت هڻي ڪڍي. پيٽر سور ڪان ٻيڻو ٿي ويو. ڊئوڊ جهڪي هن جي ٻنهي کيسن اندر ڳولا ڪئي ۽ پوءِ زور سان چيو: ”هتي ته ڪجهه به نظر نه پيو اچي.“ پوءِ پيٽر جا جوتا لهرائي ڏٺا ته متان پيٽر نوٽ ڪي بوٽن ۾ لڪايو هجي. پر نوٽ اتي به نه مليو.

”نوٽ ڪيڏانهن ويو؟“ ڊگهي قد واري ۽ ڊئوڊ جو ڪاوڙ ڪان هال خراب ٿي رهيو هو. ان ڪان پهرين جو هو پيٽر کي ماري ماري هڏ گڏ پچنس، هو ٽئي ڄڻا وڙهندا ڪاريڊار جي مين گيٽ وٽ اچي پهتا.

هنن جي ٽئين ساٿيءَ گهبرائيندي هن کي ٻڌايو: ”ٻاهر هال ۾ هڪ پوليس وارو موجود آهي، جيڪو هينئر آيو آهي. هو سڄي ڪلب جي چڪاس ڪري رهيو آهي. شايد هتان به اچي نڪري ان ڪري بهتر آهي ته هتان پچي نڪرجي.“ هنن ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڪٽي پنيان پير ڪيا. ڊئوڊ ۽ ڊگهو ڇوڪرو به ان ئي وقت وٺي ڀڳا. پيٽر جي ته الله ٻڌي. اهي ڇوڪرا شايد ڪنهن ڏوهه ۾ پوليس کي گهربل هئا. ان ڪري اهي ايترا ڊنل هئا.

هنن جي وڃڻ ڪانپوءِ پيٽر ٿاٻرندي ٿاٻڙندي اٿيو ۽ واپس واش روم ۾ آيو. وات مان موڙي نوٽ ڪڍي کيسي وڌو پوءِ پنهنجي مٿي ۽ منهن کي ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. ڪجهه لمحن بعد جڏهن حواس جاءِ ٿيس ته ٻاهر نڪري آيو. هال ۾ نه اهي چار ڇوڪرا هئا ۽ نه ئي ڪو پوليس وارو. شايد پوليس وارو انهن جي ڪڍ ويو هجي. پيٽر اهو سوچيندو ڪلب ڪان ٻاهر نڪري آيو.

پيٽر هاڻ ڏکويل جسم سان آهستي آهستي رستي تان هلي رهيو هو. لاشعوري طور هن پنهنجي رفاعي اداري (سوشل سينٽر) ڏي وڌي رهيو هو. ٻنهي بدمعاشن هن جو هڏ هڏ جهوري رکيو هو ۽ هاڻ ته جڻ هن جي ذهن تي به ڏنڊ چڙهي ويو هو.

اوچتو پيٽر ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هن کي پنهنجي پنيان ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن هڪدم مُڙي ڏٺو. هن کي ائين لڳو جڻ ڪو تيزيءَ سان ڪٿي لڪي ويو. ڪير ٿي سگهي ٿو؟ پيٽر جي دل ڌڙڪڻ لڳي. اهو پڪ انهن چئن بدمعاشن مان ڪو هوندو ۽ يقين سان اهو ڊگهي قد وارو هوندو. اهو انهن چئني مان گهڻو جهيڙاڪ هو. پيٽر هاڻ ڊڄي ويو هو. هن جي اندر جو حوصلو ۽ اعتماد ختم ٿي چڪو هو. هو اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ويو هو ته هو هنن چئني مان ڪنهن هڪ کي به ڪجهه نٿو ڪري سگهي. باقي هو چاهين ته هن کي موچڙا ضرور هڻي سگهن ٿا.

پيٽر وري مُڙي ڏٺو. هن کي وري محسوس ٿيو ته ڪو هو ضرور جيڪو لڪي ويو. ”ڪٿي هي منهنجو وهم ته نه آهي.“ پيٽر سوچيو ۽ پوءِ ٻي گهڙيءَ پاڻ ئي پاڻ کي جواب ڏنائين، ”اهي ڇوڪرا وهم

نہ پر حقيقت هئا ۽ حقيقت جي شاهدي منهنجي جسم مان نڪرندڙ سور جونسِيتون ڏئي رهيون آهن.“ هوتڪيون تکيون ڀرانگون ڀريندو اڳتي وڌيو. ان نوٽ کي ڪنهن محفوظ جاءِ تي لڪائي رکڻ تمام ضروري هو. مگر ڪٿي؟ ڪهڙي اها جاءِ آهي؟ هو انهن سوالن ۾ مُنجهندو ۽ مٿو ڪپائيندو اڳتي وڌندو رهيو. پوءِ جيئن ئي هن کي رفاعي اداري جي عمارت نظر آئي تہ هن جي دماغ ۾ چڻ هڪ چمڪاٽ ٿي ويو. ”آئون بہ ڪيڏو چسوءِ بي عقل آهيان.“ پيٽر پنهنجوپاڻ کي چيو. ”نوٽ کي لڪائڻ لاءِ چندي جي پيتيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي جاءِ ٿي سگهي ٿي.“ اهو ئي هڪ سولو ۽ محفوظ طريقو هو.

پيٽر سينٽر ۾ داخل ٿي وڏي ڪمري ۾ هليو آيو. هال ان وقت بہ خالي هو. هن هڪ دفعو وري چوڌاري ڏسي دلجاءِ ڪئي تہ اتي ڪير بہ نہ هو. هن هڪ دفعو وري چوڌاري ڏسي دلجاءِ ڪئي تہ اتي ڪير بہ نہ هو. پوءِ هن ڪيسي مان هزار ڊالر جو نوٽ ڪڍي ڪجهہ لمحن لاءِ ان کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ چندي جي پيتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. پيٽر کي ائين لڳو ڄڻ سندس مٿي تان هڪ وڏو بار لهي ويو. ”هاڻ هيءَ رقم آئون رات جو ڪڍي ونندس ۽ ان کي قابو رکڻ لاءِ تيسين ڪا ترڪيب سمجهہ ۾ ضرور اچي ويندي.“ هو اهو سوچيندي پيتيءَ وٽ ئي بيٺو هو تہ مسٽر بومين جو آواز سندس ڪنن تي پيو.

”هيلو پيٽر! ڇا ٿي رهيو آهي؟“

پيٽرجي هٿن مان ڄڻ ڪبوتر ڇڏائجي ويا. هن مُڙي ڏٺو. بومين آرام سان وکون کڻندو هن ڏي اچي رهيو هو. ”خيريت تہ آهي، اج ايترو جلدي پيتي کولي رهيو آهين؟“

”نہ ... نہ تہ...“ پيٽر هٻڪندي وراڻيو ”آئون تہ پيتيءَ کي ائين ئي چيڪ ڪري رهيو هوس تہ سڀ ڪجهہ صحيح آهي يا نہ..“ پيٽر کي ائين لڳو ڄڻ هن جو ڪو راز فاش ٿي ويو هجي.

بومين پيٽر جي تاثرات تي ڌيان ڏيڻ بدران چوندو رهيو ”اڄ هتي رفاعي سينٽر ۾ ڪجهہ مهمان اچي رهيا آهن. آئون اڄ رات انهن سان ئي مشغول هوندس. ان ڪري بهتر ٿيندو تہ پاڻ هينئر ئي پيتي کولي حساب ڪري ڇڏيون ۽ توکي بہ اڄ جي چانهہ پاٽيءَ جي خرچي ڏئي ڇڏيان.“ پوءِ هن خوشيءَ وچان ٽهڪ ڏيندي چيو. ”مون کي اميد آهي تہ اڄ گهڻو مال جمع ٿيو هوندو.“

”اڄ جي گذاري لاءِ مون وٽ خرچ پکو آهي.“ پيٽر جلدي ۾ ڳالهايو ”چندي جي پيتي سڀاڻي کوليندا سين. ايتري جلدي ڪهڙي ڪم جي.“ هن هرحال ۾ بومين کي پيتي کولڻ کان منع ڪرڻ چاهي ٿي.

”اوهو! پيٽر...“ بومين هن کي شڪي نگاهن سان ڏٺو. ”تون اڄايو تڪلف کان ڪم وٺي رهيو آهين. مون کي تنهنجي حال جي خبر آهي. ان ڪري آئون توکي تنهنجيحصي جي رقم ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ هونءَ بہ چندو تہ ڪيڏو ئي آهي. جهڙو سڀاڻي تهڙو اڄ. ڪهڙو فرق ٿو پوي.“ بومين جواب وٺڻ وارين نظرن سان پيٽر ڏي ڏٺو. ”ڇا خيال آهي پوءِ پلا پيتي کوليون؟“

پيٽر وٽ هاڻ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو هو. هن کي اهو به ڊپ هو ته هو جيڪڏهن پيتي کولڻ لاءِ گهٽي مخالفت ڪندو ته بومين کي شڪ پئجي ويندو. هن ماٺ منوڙي ۾ ڪيسي مان ڪُنجي ڪڍي ڪلف ۾ لڳائي.

پيٽر جون سوچون فقط سوچن جي حد تائين ئي رهيون. هن جا خواب ساڀيان نه ماڻي سگهيا. پيتي کوليندي پيٽر پنهنجي بدقسمتي تي اندر ئي اندر ڪڙهندو رهيو.

بومين پيٽر جي پير ۾ ئي بيٺو هو. ان ڪري پيٽر کي هٿن جي صفائي ڏيکارڻ جو به موقعو نه مليو. هن ڪُنجيءَ کي گول گهمايو ۽ ٺَڪ جي آواز سان ڪلف کلي ويو. پيٽر ان کي ڪڍي ميز تي رکيو ۽ پيتيءَ جو ڍڪ کوليو.

بومين جون نگاهون پيتيءَ ۾ ئي کتل هيون. سڪن ۽ ننڍن نوٽن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪري بومين هزار ڊالر وارو نوٽ ڪڍي ورتو. بومين جي نظر چڱي ڪمزور هئي. هن ٿلهن شيشن واري عينڪ لڳائي ٿي. هن نوٽ کي پنهنجي اکين اڳيان جهلي پيٽر کان پڇيو:

"هي گهڻن ڊالرن جو نوٽ آهي؟" (آمريڪي ڊالرن جي نوٽن جي رنگ يا سائيز مان ته خبر ئي نٿي پوي جو سڀ سائي رنگ جا ۽ هڪ ماپ جا ٿين ٿا. انگن مان ئي اندازو لڳائجي ٿو.)

"هڪ هزار ڊالر جو." پيٽر هڪدم صاف لهجي ۾ ٻڌايو.

"هڪ هزار ڊالر جو!" بومين جي آواز ۾ حيرت ۽ خوشي هئي، "ڪمال آهي..." هن چپن ۾ پُڻ پُڻ ڪئي، "ماڻهو چندو ڏيڻ ۾ ايڏي سخاوت جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا. هي منهنجي زندگيءَ جو پهريون مشاهدو آهي." بومين خوشيءَ وچان ڳالهائيندو رهيو. پوءِ جڻ هن کي ڪو خيال اچي ويو.

"تون ايترو جلدي هڪ ئي نگاهه ۾ ڪيئن سڃاڻي ورتو ته اهو هڪ هزار ڊالرن جو نوٽ آهي؟ اجا ته نوٽ منهنجي ئي هٿ ۾ هو مون ته توکي صحيح طرح ڏيکاريو به نه هو."

پيٽر جي چپن تي هڪ عجيب مرڪ نمودار ٿي. ڄڻ هو پنهنجو پاڻ مان ئي بيزار هجي.

پيٽر کي ماٺ ۾ ڏسي بومين هن کي هڪ دفعو وري مخاطب ٿيو. "تعجب جي ڳالهه آهي! تو نوٽ کي پهرين ئي نظر ۾ ڪيئن سڃاڻي ورتو. جڏهن منهنجي هٿن ۾ منهنجي ويجهو هو ته به ايترو جلد آئون سڃاڻي نه سگهيس. تنهنجي ان صلاحيت تي مون کي تعجب لڳي ٿو."

هن ڀيري پيٽر جواب ڏيڻ ضروري سمجهيو: "در اصل مون وٽ به هڪ دفعي هزار ڊالر جو نوٽ آيو هو."

"واقعي؟" بومين اڃا به وڌيڪ حيران ٿي ويو. "پوءِ تو ان نوٽ جو ڇا ڪيو؟"

"ڪجهه به نه." پيٽر اطمينان سان جواب ڏنو. "اهو نوٽ جتان آيو هو اوڏانهن ئي هليو ويو." پوءِ هو ڪنڌ ۾ رڪيل ڀارو کڻي صفائي ۾ لڳي ويو.

بومين حيرت مان هن کي ڏسندو رهيو.

**(ليکڪ : نامعلوم)**

# هرفن مولا

مئڪس سان اجا منهنجي ملاقات نہ ٿي هئي پر مون کي لڳو پئي تہ آئون هن کي هرگز پسند نہ ڪندس. ٻي وڏي جنگ (ورلڊ وار) هينئر هينئر ختم ٿي هئي ۽ پاڻيءَ جي جهازن ۾ تمام گهڻي رش هئي جن ۾ جڳهہ حاصل ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم ٿي پيو هو. سڄي ڪئبن ملي وڃڻ تہ ذري گهٽ ناممڪن ڳالهہ هئي. ڪئبن ۾ ليٽڻ لاءِ فقط هڪ برٿ (بسترو) ملڻ بہ وڏي ڀاڳ جي ڳالهہ سمجهي وئي ٿي.

جڏهن مون کي پنهنجي هم سفر جي نالي جي خبر پيئي تہ منهنجي پنهنجي دل ٻڏندي محسوس ٿي. "چوڏنهن ڏينهن جو سفر هن ننڍڙي ڪئبن ۾ هن اجنبي ماڻهوءَ سان گڏ ڪيئن گذرندو." مون دل ۾ سوچيو هو. جيڪڏهن هن جو نالو ٽي ٻڏل هجي ها تہ بہ غنيمت ٿئي ها.

جڏهن آئون جهاز تي چڙهيس تہ مسٽر مئڪس جو سامان رکجي چڪو هو. هڪ وڏي لوهي ٽرنڪ هئي. ان کان علاوه ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون بئگون هيون جن تي مختلف جڳهين جا ليبل چنبڙيل هئا. مئڪس منهنجي اچڻ کان اڳ پنهنجو سامان کولي جاٽتو ڪري چڪو هو. باٿ روم خوشبوئن، لوشن ۽ تيل جي شيشين سان سجيل هئي. قصو مختصر هن ريت تہ مون کي مئڪس بلڪل پسند نہ آيو. آئون ماٺ منوڙي ۾ جهاز جي ٽي روم ڏي نڪري پيس ۽ ڪيسي مان تاش جي پتن جي دٻي ڪڍي "صبر" جي راند کيڏڻ لڳس. اڃا پتن کي ٺاهي رکيم ئي مس تہ ڪو اڻ چاڻ همراهہ مون وٽ اچي منهنجو نالو وٺي پڇڻ لڳو تہ ڇا آئون فلاڻو شخص آهيان. مون ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي.

"منهنجو نالو مئڪس آهي." هن مُرڪيو.

"سنو ڏاڍو سٺو. توهان منهنجا هم سفر آهيو." مون اخلاقي طرح ڪجهہ ڳالهايو.

"منهنجي خوش قسمتي آهي. جهاز جي سفر ۾ ڪجهہ خبر نٿي پئجيو سگهي تہ ڪنهن کي ڪنهن سان گڏ رکيو وڃي. آئون اهو ڏسي خوش ٿيو آهيان تہ توهان بہ انگريز آهيو. جيڪڏهن ڪئبن ۾ هم وطن آهي تہ وڏي سهولت رهي ٿي. توهان جو ڇا خيال آهي؟"

"ڇا توهان انگريز آهيو؟" مون اکيون چنڀيندي پڇيو.

"بلڪل. بلڪل. ڇا آئون توکي آمريڪن لڳي رهيو آهيان؟"

مسز مئڪس يقين ڏيارڻ لاءِ پنهنجو برٽش پاسپورٽ ڪڍي منهنجيا ڳيان لوڏيو.

تاجِ برطانيا جي بہ کهڙي کهڙي رعيت آهي. کهڙي ڳالهہ ڪري کهڙي ڪجي. مسٽر مئڪس قد جو بندرو هو. ڪڻڪ رنگو، چپيل نڪ پر وڏيون وڏيون چمڪندڙ اکيون، وار ڪارا ۽

شيدن وانگر گهنڊيدار. هن انگريزي سٺي ڳالهائي ٿي پر صاف ظاهر ٿيو پئي ته هن جي ڄمڻ ڪنهن ٻئي هنڌ جي هئي.

”توهان ڇا پيئڻ پسند ڪندائو؟“ هن مون کي دعوت ڏني.

مون هن ڏي بي يقينيءَ سان ڏٺو ڇڻ هن جي ان دعوت تي مون کي شڪ هجي. شراب تي اجا بندش پيل هئي. سوڊا ۽ ليمن اسڪاش ٻئي شيون مون کي سخت ناپسند هيون. پر مسٽر مئڪس مرڪندي پنهنجن ڪير جهڙن اڇن ڏندن جي نمائش ڪئي:

”وسڪي ۽ سوڊا يا مارٽيني؟ جيڪو وڻئي اهو پيءُ.“ اهو چئي هن پنهنجي ڪوٽ جي کيسي مان ٻه بوتلون ڪڍي ميز تي رکيون. مون مارٽيني پسند ڪئي. هن هڪدم بئري کي سوڊا، ٻه گلاس ۽ برف آڻڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.

”توکي شراب جون هي بوتلون ڪٿان مليون؟“ مون آهستي پڇيو.

”پيون ٻه اٿم. پنهنجن دوستن کي پيارڻ چاهين ته انهن کي به سڏائي سگهين ٿو.“

مئڪس سخت ٻَڪر قسم جو ماڻهو هو. هو هر وقت ٻَڪ ڪندو رهيو ٿي. هو نيويارڪ ۽ سان فرانسسڪو جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڊرامن، فلمن ۽ سياست هر شيءِ تي تبصرو ڪندو رهيو ۽ جلد هجائتو ٿي ويو. مون کي مئڪس بلڪل پسند نه آيو. ڳالهين مان بيزار ٿي مون وري پنن جي ٿپي کڻي ۽ پنهنجي دل وندائڻ لڳس.

”ٽِڪ کي چونڪي تي رک.“ مسٽر مئڪس مشورو ڏنو.

هاڻ صبر جي راند جيڪا ماڻهو پاڻ وندرائڻ لاءِ اڪيلي سر کيڏي ان ۾ ڪو پيو اچي مشورو ڏئي ته ڪهڙي پتي تي ڪهڙو پتو هڻجي ته بيزاري ته ٿيندي. مون تنگ ٿي راند بند ڪري ڇڏي.

”توکي تاش جا ڪرتب ڏيکاريان؟“ مئڪس پتن جي ڏِڳي کڻندي مون کان پڇيو.

”مون کي انهن هٿ ٺوڪين جادوئي ڪرتبن کان نفرت آهي.“ مون جواب ڏنومانس.

ان هوندي به هن ٽي چار ڪرتب ڪري ڏيکاريا. پوءِ مون مانيءَ جو بهانو ڪري ڪانئس موڪلائڻ جي ڪئي.

”مون پاڻ ٻن لاءِ هڪ ٽيبل اڳواٽ رزرو ڪرائي ڇڏيو آهي.“ هن خوش ٿيندي مون کي اطلاع ڏنو.

مطلب ته مئڪس مون کي بنهه پسند نه آيو. هو نه فقط منهنجي ڪمري (ڪئبن) جو ساٿي هو پر روزانو ٽي وقت کاڌو به هن سان گڏ کائڻو پيو ٿي. هن کان جان ڇڏائڻ مشڪل ڪم هو. هاڻ جيڪڏهن آئون پنهنجي گهر ۾ هجان ها ته دروازو هن جي منهن اڳيان بند ڪري ڇڏيان ها. پر هن جهاز تي هو هر جاءِ تي موجود هو. هن کان جان ڇڏائڻ جي ڪا واٽ نه هئي. ٽن ڏينهن ۾ هن سيني کي دوست بڻائي ورتو. جهاز تي ٿيندڙ سيني راندين ۾ هن حصو ورتو ٿي. سڀ مقابلا هن ڪرايا ٿي.

مقابلي لاءِ انعامن جو انتظام بہ هن جي ذمي هو. ڪڏهن ڪنسرٽ تي رهيو آهي تہ ڪڏهن باسڪٽ بال. ڪڏهن ڊراما ترتيب پيو ڏئي تہ ڪڏهن فئنسي ڊريس شو ڪرائي رهيو آهي.

جلد ئي مئڪس جو نالو "هرفن مولا" پئجي ويو. ايتري قدر جو ماڻهو ڪيس منهن تي ان نالي سان سڏڻ لڳا. هن ڪجهہ بہ دل ۾ نہ ڪيو. بلڪ ان کي پنهنجي تعريف سمجهي خوش ٿي ٿيو. پر سڀ کان گهڻو هن کان مانيءَ جي ٽيبل تي ڪڪ ٿيس ٿي. هو هر وقت جيڪي ايندو هوس ڳالهائيندو رهيو ٿي ۽ هر ڳالهہ تي بحث ڪيائين ٿي. هن کي هر شيءِ جي معلومات هئي ۽ بحث ۾ جيستائين ٻي ڌر کي قائل نہ ڪيو تيسين هن جي پٺ نہ ٿي ڇڏي. پنهنجي غلطي مڃڻ لاءِ تہ هو ڪڏهن تيار ئي نہ ٿيندو هو. فقط مسٽر رمزي هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن هن سان مقابلي ۾ هار نہ مڃي هئي.

رمزي آمريڪن سفارتخاني ۾ ڪم ڪيو ٿي ۽ ڪوبي (جپان) ۾ نوڪري ڪيائين ٿي. هو هڪ قداور ۽ ڀري جسم جو ماڻهو هو ۽ ان تي ڪپڙا ايڏا تہ سوڙها پاتائين ٿي جو لڳو ٿي ڇاڻ تہ ڦاٽا. هو نيويارڪ کان پنهنجي زال کي وٺي واپس جپان ڊيوٽيءَ تي وڃي رهيو هو.

سندس زال مسز رمزي هڪ سهڻي ۽ من موهڻي عورت هئي. هن جي چال چلگت اعليٰ قسم جي هئي ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سندس وڏو شان هو. مسٽر رمزي جو پگهار ڪو تمام گهڻو هو. هن جي زال سادا ۽ گهٽ قيمت وارا وڳا پاتا ٿي پر هن کي ڪپڙي اوڍڻ جو ڍنگ آيو ٿي. بهرحال جنهن شيءِ مون کي سڀ کان گهڻو متاثر ڪيو اها هن جي انڪساري هئي.

هڪ رات مانيءَ جي ٽيبل تي موتين تي ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ لڳي. جپانين اهڙا تہ هترادو موتي ايجاد ڪيا آهن جو اصل ۽ نقل جو فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. بلڪ اصلي موتين جا اگهہ ڪِرندا وڃن. مسٽر مئڪس ٻين ڳالهين وانگر موتين جو بہ ماهر نڪتو. جلد ئي رمزي ۽ مئڪس ۾ موتين تي گرما گرم بحث ٿيڻ لڳو. خبر ناهي رمزي ڪهڙو جملو ٽوڪ طور چيو جو مئڪس کي ڪاوڙ وٺي وئي ۽ ميز تي زور سان ٺونشو هڻي چيو:

"موتين جي باري ۾ جيتري ڄاڻ مون کي آهي اوتري ڪنهن کي بہ نہ آهي. اصل ۾ آئون موتين جي ئي چڪر ۾ جپان وڃي رهيو آهيان. منهنجو ڪاروبار ئي موتين جو آهي."

ان خبر ٻڌڻ سان چوڌاري ماٺ ٿي وئي. اهو تہ سڀني کي اندازو هو تہ مئڪس ڪاروباري ماڻهو آهي پر اهو اڄ معلوم ٿيو تہ هن جو ڪاروبار هيرن موتين جو آهي.

هو چوندو ويو: "نقلي موتي تہ آئون هڪ اک بند ڪري بہ سڃاڻي سگهان ٿو. هاڻ توهان جي سامهون مسز رمزي ويٺي آهي هن جي ڳچيءَ ۾ پاتل موتين جي هار ۽ ان جي قيمت جو اندازو آئون ئي ڪري سگهان ٿو."

مسز رمزي ويچاري شرمائجي وئي ۽ انڪساريءَ جي حالت ۾ پنهنجي هار کي پنهنجي فراڪ جي ڳلي ۾ لڪائڻ لڳي. اوچتو رمزي مئڪس کي چئلينج ڪيو:

“جيڪڏهن توهان موتين جي باري ۾ ٿورو گهڻو به ڄاڻين ٿو ته هن هار جي قيمت جو اندازو هڻي ٻڌاءِ؟”

“هن هار جي قيمت گهٽ ۾ گهٽ پندرهن هزار ڊالر ٿيندي. جيڪڏهن ففٿ ايونيو جي ڪنهن فئشن ايبل اسٽور مان خريد ڪيو ويو آهي ته ان جي قيمت ٽيهه هزار ڊالرن تائين به ٿي سگهي ٿي.” مئڪس اعتماد سان چيو.

“توکي اهو ٻڌي صدمو ٿيندو ته اهو هار منهنجي زال نيويارڪ مان نڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ڪل ارڙهن ڊالرن ۾ هڪ عام رواجي دڪان تان خريد ڪيو هو.” رمزي فاتحاڻي مرڪ سان ٻڌايو.

مئڪس جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن خاطري واري لهجي ۾ چيو: “هي نه فقط سَچن موتين جو هار آهي پر تمام اعليٰ جنس جي سچن موتين جو آهي.”

“شرط لڳائيندين؟ سؤ سؤ ڊالرن جي ته هي نقلي موتي آهن؟” رمزيءَ چيو.

“شرط لڳائڻ اجائي آهي. مون کي خبر آهي ته هي نقلي موتي آهن. مون خود پنهنجن پئسن سان خريد ڪيو آهي.” مسز رمزيءَ مڙس کي شرط لڳائڻ کان منع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

“جيڪڏهن مون کي هن احمق کان سؤ ڊالر آسانيءَ سان ملي رهيا آهن ته شرط لڳائڻ ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟” رمزي جوش ۾ اچي چيو.

“چڱو مون کي پلا هي هار لاهي ڏي. آئون هڪ منٽ ۾ ٻڌائي سگهان ٿو ته هار جي اصل قيمت ڪيتري هوندي. مون کي سؤ ڊالر جي شرط منظور آهي.” مئڪس سنجيدگيءَ سان چيو.

هاڻ مسز رمزي هٻڪڻ لڳي: “اصل ۾ هار جو هُڪ نه پيو کُلي، توهان منهنجي ڳالهه جو يقين ڪريو موتي نقلي آهن”.

مون کي شڪ ٿيڻ لڳو ته ڪو نه ڪو راز کلڻ وارو آهي. اوچتو رمزي اٿي بيٺو.

“هُڪ آئون ٿو کوليان.” ۽ پنهنجي زال جي ڳچيءَ مان هار لاهي مئڪس کي ڏنو.

مئڪس کيسي مان بلوري شيشو ڪڍي هار کي غور سان ڏٺو ۽ هڪ سوڀ واري مرڪ هن جي چپن تي تري آئي. هن هار واپس ڪيو ۽ ڪجهه چوڻ وارو هو ته هن جي نظر مسز رمزيءَ تي پيئي. هوءَ ڦِڪي هئڊي ٿي وئي هئي ۽ نهايت رحم ۽ مدد جي گهُر ڪرڻ وارين نگاهن سان مئڪس ڏي ڏسي رهي هئي.

مئڪس ڪجهه چوندي چوندي ماٺ ٿي ويو ۽ پاڻ کي قابوءَ ۾ رکندي اطمينان سان چيو:

“مون کان ڀُل ٿي وئي ۽ آئون دوکو کائي وينو آهيان. حقيقت ۾ هي اصلي موتين جو هار نه آهي ۽ بيحد سنا نقلي موتي آهن. توهان هن جي ارڙهن ڊالر قيمت بلڪل صحيح ڏني آهي.”

اهو چئي هن کيسي مان سؤ ڊالرن جو نوٽ ڪڍي رمزي ڏي وڌايو.

رمزي نوٽ وٺي چيو: “اميد آهي ته هاڻ توکي سٺو سبق مليو هوندو ۽ تون هاڻ هر ڳالهه ۾ ٽنگ اٽڪائڻ ڇڏي ڏيندين.”

مون غور سان ڏٺو ته مئڪس جا هٿ ڏڪي رهيا هئا.

جهاز تي ان ڳالهه جي ڏاڍي مشهوري ٿي ۽ ويچارو مئڪس سيني کان منهن لڪائيندو وهليو. "هرفن مولا" تان ماڻهن چڱيون چٿرون ڪيون. مسز رمزي مٺي جي سور جو بهانو ڪري پنهنجي ڪئبن ۾ هلي وئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو آئون شيو ڪري رهيو هوس. مئڪس پنهنجي برٿ تي ليٽي سگريٽ پي رهيو هو ته ڪنهن دروازي جي هيٺان هڪ لفافو ڪئبن اندر سرڪايو. مون جلدي دروازو کولي ٻاهر ليئو پاتو. گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽان مسز رمزي پنيري مُڙي وئي. مون جهڪي لفافو کنيو. ان تي مئڪس جو نالو لکيل هو. مون لفافو مئڪس ڏي وڌايو.

هن لفافو کوليو. ان مانسؤ ڊالرن جا ٻه نوٽ نڪتا. ان سان گڏ ڪو خط يا چٺي نه هئي. مئڪس مرڪڻ لڳو.

مون تعجب مان مئڪس ڏي ڏسي پڇيو: "مئڪس سچ سچ ٻڌاءِ ته موتي سچا هئا يا نقلي؟"

"جيڪڏهن منهنجي زال ايڏي سهڻي هجي ها ته آئون هن کي نيويارڪ جهڙي شهر ۾ هڪ سال لاءِ ڇڏي جيان ڪڏهن به نه وڃان ها." اهو چئي مئڪس سؤ جا ٻه نوٽ پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيا. ان وقت مون محسوس ڪيو ته آئون مسٽر مئڪس کي ايترو به ناپسند نٿو ڪريان.

**(ليکڪ: سمرسٽ ماهم)**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book